# دل جي دنيا

## امر جليل

# نہ مهاڳ، نہ امهاڳ

ڪجهہ لکڻ کان اڳ ضروري سمجهان ٿو تہ اوهان کي چتاءُ ڏيئي ڇڏيان، اوهان کي خبردار ڪري ڇڏيان. پوءِ، متان چئو تہ اسان سان دوکو ٿيو آهي. اسان سان فريب ٿيو آهي. اسان سان ويساگهاتي ٿي آهي، تنهن ڪري وضاحت ضروري سمجهان ٿو.
مان ڏاڍو فيئر قسم جو ماڻهو آهيان. ان فيئر ڪم بہ فيئر نموني ڪندو آهيان. سڄي ڄمار ڏاڍيءَ سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان ڪوڙ ڳالهايو اٿم. جيڪي بہ قانوني خلاف ورزيون ڪيون اٿم، سي قانون جي دائري ۾ رهندي ڪيون اٿم. تنهنڪري، اوهان کي خبردار ڪري ڇڏڻ ضروري سمجهان ٿو، بلڪ لازمي سمجهان ٿو.
هن وقت مهاڳ جي نالي ۾ اوهين جيڪي ڪجھ پڙهي رهيا آهيو، سو مهاڳ ناهي، سو امهاڳ بہ ناهي. سو ڪجهہ بہ نہ آهي. درحقيقت، هن وقت اوهين ڪجهہ بہ نہ پڙهي رهيا آهيو. پنهنجو وقت برباد ڪري رهيا آهيو. اوهين هن وقت جيڪي ڪجهہ پڙهي رهيا آهيو، تنهن جو ڪو وجود، ڪو ڀرم ڪونهي. هن وقت اوهين جيڪي ڪجهہ پڙهي رهيا آهيو، سو عدم آهي، سو غائب آهي، سو غير حاضر آهي، سو خلا آهي، خالي خالي آهي. ڪجهہ بہ

نہ آهي. اوهين ڪجهہ بہ نہ پڙهي رهيا آهيو. دراصل زندگي بذاتِ خود ڪجهہ بہ نہ آهي، ڏاڍي بي مقصد آهي. ڏاڍي بي معنيٰ آهي.
هن وقت اوهين جيڪڏهن سگريٽ ڇڪي رهيا آهيو، تہ پوءِ مهرباني ڪري سگريٽ وسائي ڇڏيو. جيڪڏهن جوان آهيو تہ جوانيءَ تي ۽ جيڪڏهن پوڙها آهيو تہ پنهنجي ٻڍاپي تي رحم ڪريو. سگريٽ هڪدم وسائي ڇڏيو، دير نہ ڪريو. مون کي خبر آهي تہ سمورا سگريٽ ڇڪڻ وارا ڪينسر جي مرض ۾ مبتلا ٿي نہ مرندا آهن. سگريٽ نہ ڇڪڻ وارن کي بہ ڪينسر ٿي پوندي آهي. مرڻ لاءِ ڪينسر جو ٿي پوڻ ضروري ناهي. اڪثر ماڻهو بنا سبب جي مري ويندا آهن. ماڻهو فقط بک ۾ پاهہ ٿي نہ مرندا آهنب. ڊو تي بہ ماڻهو مري ويندا آهن. بلڪ وڏي تعداد ۾ مري ويندا آهن. فرق فقط ايترو آهي جو بک ۾ پاهہ ٿي مرڻ وارا پنهنجي مٿان مقبرا اڏائي نہ سگهندا آهن. مون کي خبر آهي تہ سگريٽ نہ ڇڪڻ جي باوجود اسين مري ويندا آهيون. مون اوهان کي سگريٽ في الحال اِن ڪري وسائي ڇڏڻ جو مشورو ڏنو آهي، جو ڪتابن کي باهہ لڳڻ، ۽ لڳائڻ جو امڪان وڌي ويو آهي. هلاڪن دنيا تي قبضو ڪري ورتو آهي. اڳ تلوارون ۽ تير هلندا هئا، ۽ ڪتاب سڙندا هئا. هينئر هيڊروجن بم ۽ ايٽم بم هلندا، ۽ ڪتاب ۽ ڪتبخانا سڙندا.

اوهين هن وقت جيڪڏهن موٽر سائيڪل هلائي رهيا آهيو، ۽ ڪتاب بہ پڙهي رهيا آهيو تہ پوءِ هڪدم بنهي ڪمن مان هڪ ڪم ڇڏي ڏيو. ڪتاب پڙهو، يا موٽر سائيڪل هلايو. اوهين جيڪڏهن ارادي جا پڪا، ۽ ضدي آهيو، ۽ ٻئي ڪم هڪ مهل ڪرڻ چاهيو ٿا، تہ پوءِ مٿي تي هيلميٽ پائي ڇڏيو. ڏسجو، متان هيلميٽ بدران مٿي تي شيڪسپيئر جو هيمليٽ پائي ڇڏيو. مٿي تي هيمليٽ بدران هيمليٽ پائي ڇڏڻ ۾ هونءَ تہ ڪا خرابي ڪونهي، پر ڳالهہ چاهي جو پيءُ جي دشمن، ۽ ماءُ جي عاشق هيمليٽ ڪي ديوانو ڪري ڇڏيو هو. هڪ ديواني ڪي مٿي تي ويهارڻ نيڪ ڪم ڪونهي. اوهين مٿي تي هيلميٽ پائي ڇڏجو، ۽ موٽر سائيڪل هلائجو.

منهنجو هڪ دوست ڏاڍيءَ پابنديءَ سان مٿي تي هيلميٽ پائي موٽر سائيڪل هلائيندو هو. هڪ دفعي ٽرڪ سان حادثي ۾ سڄو چچرجي ويو. هڏ گڏ ڀڃي پيس. پر هيلميٽ ۾ محفوظ مٿو بچي ويس. بچي ويل مٿو اسان جي دوست ڪي ڪم نہ آيو. هو مري ويو. اسان ڪيس صحيح سلامت مٿي سميت قبر ۾ دفن ڪري ڇڏيو.

مئل ماڻهوءَ جو صحيح سلامت مٿو جيئرن جي ڪم نہ ايندو آهي. مئل ماڻهوءَ جو صحيح سلامت مٿو خود مئل ماڻهوءَ جي ڪم بہ نہ ايندو آهي. بلڪ ڪنهن جي بہ ڪم نہ ايندو آهي. اِن قسم جو

بيڪار مٿو تاريخ جو منحرف ٿي پوندو آهي. مون زندگيءَ ۾ انيڪ مئل ماڻهن جي ڪنڌ تي صحيح سلامت مٿا لڳل ڏٺا آهن. هيلميٽ اسان جي بيڪار مٿي کي محفوظ رکي سگھندو آهي، پر اسان جي ٽنگ ۽ ٻانهن کي ڀڄڻ کان بچائي نه سگندو آهي.

مون اهڙا جيئرا جاڳندا ماڻهو به ڏٺا آهن، جن جي ڪنڌ تي نامعقول قسم جو مٿو لڳل هوندو آهي. اهڙي ناقص مٿي ۾ ميڄالي بدران جهرڪيءَ جو اجڙيل آکيرو پيل هوندو آهي. منهنجي مٿي ۾ به آکيرو آهي، جنهن ۾ آنو لاهي جهرڪي اڏامي ويئي آهي. مون جهڙا ماڻهو جن جي ڪنڌ تي نامعقول مٿو لڳل هوندو آهي. سي ڪائڻ ۾ ٻڪر جو برين مصالحه پسند ڪندا آهن.

اسين دال ڪائڻ کان پوءِ، تيليءَ سان ڏند ۾ ڦاٿل ٻوٽي ڪڍي ونندا آهيون. ڦتل ناسپاتيءَ کي صوف سمجهي کائي ويندا آهيون، ۽ ڏٽيءَ در دعاگو ٿيندا آهيون.

زيب سنڌيءَ، ۽ علي نواز گهانگهري جڏهن ’روشني پبليڪيشن‘ پاران ڪتاب “دل جي دنيا” جو نئون ايڊيشن آڻڻ جي ڳالهه ڪئي هئي، تڏهن ڪجهه دير لاءِ مون کي تعجب ٿيو هو. تعجب ان ڪري ٿيو هو جو مون ٻانيو هو، ته چيني ۽ چربٽ جا سنگتي ۽ ساٿي ڪين ڇڏي هليا ويا آهن. چينو ۽ چربٽ اڪيلا رهجي ويا آهن. ڏاڍا اباڻڪا ٿي پيا آهن. نه ڪو ڪين ٻڌڻ وارو آهي، ۽ نه ئي ڪو سندن ڳالهه سمجهڻ وارو وڃي بچيو آهي. پر، مون ڪائنن

ڪجھ نہ پڇيو. فقط ايترو چيو، نئين ڇاپي لاءِ مهاڳ لکندس، جيڪو درحقيقت مهاڳ نہ هوندو.
هينئر مهاڳ جي ناليءِ ۾ جيڪي ڪجھ لکي رهيو آهيان، مهاڳ ناهي. امهاڳ بہ نہ آهي. پانيان تہ بي مهاڳي آهي. ڳالھ نہ مون کي سمجھ ۾ آئي آهي، ۽ خدا چاهيو، بلڪ الله چاهيو تہ ڪنهن کي بہ سمجھ ۾ نہ ايندي. هونءَ بہ اڄڪلھ سمجهڻ ۽ سمجهائڻ ۾ ڇا رکيو آهي! سموري حڪمت ناسمجهيءَ ۾ آهي. ڄاڻ، آگاهي، ۽ سمجھ انسان کي معاشري ۾ هيڪلو ڪري ڇڏيندي آهي — اڪيلو ڪري ڇڏيندي آهي. هو سولائيءَ سان خدا کي خير آباد ڪري الله حافظ چئي نہ سگھندو آهي. هو جواز تان هٿ ڪڍي نہ سگھندو آهي.
مون کي اِن ڳالھ جو فڪر ڪونهي تہ اسان خدا جو ۽ خدا اسان جو ڪيتري عرصي تائين ساٿ ڏنو. اسان خدا تان هٿ ڪنيو، ۽ خدا جي ناليءِ ۾ ڪنيل وفائن جي قسمن کي ٽوڙيو. خدا حافظ بدران الله حافظ چوڻ سان معاشري تي ڪو اثر ڪونہ پوندو. اڳ خريد ڪيل ڪوڙا شاهد ڪورٽن ۾ خدا جو قسم کڻي ڪوڙيون شاهديون ڏيندا هئا، ۽ بيگناهن کي عمر قيد، ۽ ڦاهيءَ جون سزائون ڏياري ڇڏيندا هئا. هينئر هو ساڳيو ڪم الله جي ناليءِ ۾ قسم کڻي ڪندا. جن کي بيگناهہ مرڻو آهي، سي مرندا. جن کي اختلاف راءِ جي سزا ڀوڳڻي آهي، سي ڀوڳيندا. خدا حافظ بدران

الله حافظ چوڻ سان ٽيليويزن تان نشر ٿيندڙ خبرون سچيون ثابت نہ ٿينديون.
اصل ۾ مون کي فکر آهي، هڪ شخص خدا ڏني جو. موجوده روش ۽ رواج موجب مائٽن جيڪڏهن سندس نالو خدا ڏني مان مٽائي الله ڏنو رکي ڇڏيو تہ وڏو ممڻ مچي پوندو. خدا ڏني جي هڪ ڀاءُ جو نالو الله ڏنو آهي. مائٽ خدا ڏني جو نالو مٽائي رب ڏنو بہ رکي نہ سگهندا. خدا ڏني جي ٻئي ڀاءُ جو نالو رب ڏنو آهي. مسئلو اِهو ناهي تہ هڪ مياڻ ۾ ٻہ تلوارون وجهي سگهجن ٿيون يا نہ. اصل ۾ معاملو فوجداري آهي. هڪ گهر ۾ ساڳي نالي سان ٻہ ماڻهو پاڪستان ۾ قانون نافذ ڪرڻ وارن ادارن لاءِ پريشانيءَ جو سبب ٿي پوندا.
سرجڻهار هڪ، سندس نالا انيڪ آهن. سرجڻهار تي هڪ — هٽيءَ ۽ اجاره داري قائم ڪرڻ لاءِ قومن هڪ ٻئي کي ڌاڙو ڪنو آهي.
اسان کي آخر علامہ اقبال جي خوديءَ جي باري ۾ بہ تہ سوچڻو آهي! قومي شاعر آهي؛ بلڪ امت جو حڪيم آهي. ڳالهہ لنوائي تہ نہ سگهبي! سندس خوديءَ جو آخر ڇا ٿيندو! خوديءَ کي بلند ڪرڻ کان پوءِ خدا کي ٿي بندي کان پڇڻو هو تہ، اي بنده، ٻڌاءِ تہ تنهنجي رضا ڪهڙي آهي. خدا حافظ کي اسان الله حافظ سان ريپليس ڪري ڇڏيو آهي. موجوده حالتن ۾ خوديءَ کي جيڪڏهن بلند ڪيوسين، تہ پوءِ اسان کان ڪير پڇندو تہ، اي بنده ٻڌاءِ تہ

تنهنجي رضا ڪهڙي آهي! اسان خدا کان منهن موڙيو. خدا اسان کان منهن موڙي ڇڏيو آهي. الله سائين بندي کان سندس رضا جي باري ۾ پڇندو يا نہ پڇندو، ان باري ۾ مون کي ڪا خبر ڪونهي. مون کي فقط ايتري خبر آهي تہ خوديءَ جي ڪابہ بلندي انسان جي ڪم نہ ايندي آهي. انسان کي ڪم ايندو مونن ۾ منهن وجهڻ. ڪيس ڪم ايندو فڪر جي فرهي هٿ ۾ ڪٽڻ، ۽ ماٺ ۾ مطالعو ڪرڻ. تڏهن مونا طور سينا تي پوندا آهن. اڳ جيڪي سمجهہ ۾ نہ ايندو هو، سو سمجهہ ۾ اچڻ لڳندو آهي. اڳ جيڪو آواز ٻڌڻ ۾ نہ ايندو هو، سو ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. سو ازل کان آهي. قديم آهي. آڳاٽو آهي. هر صورت ۾، هر رنگ ۾، هر روپ ۾ قائم آهي، دائم آهي. ڪل ڪائنات جي سرجڻهار تي هڪ قوم جي اجاره داري امڪان کان ٻاهر آهي. 'جيڏانهن ڪريان پرڪ، تيڏانهن سڄڻ سامهون.'

ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چويم
آئون جوئي آهيان، سوئي آهيان.

۽ هيءَ ڳالهہ بہ سچل سرمست واري عقيدي جي آهي:

جيڏانهن پورب پنڌ، تيڏانهن آئون نہ وڃڻو،
هيءُ هنن جو هنڌ، منهنجو هنڌ هنگلاج ۾.

۽، اها ڳالهہ ان دور جي آهي جڏهن مون اڃان پهرين ڪهاڻي 'انداز' نہ لکي هئي، ۽ ڪتاب "دل جي دنيا" شايع نہ ٿيو هو. امان

روزانو رات جو سمهڻ کان اڳ اڌ رات تائين ”سچل سرمست جو رسالو“ پڙهندي هئي، ۽ روئندي هئي. اسر ويل اوچتو آسمانن ڏانهن اسهڻ کان اڳ، هن اڌ رات تائين ”سچل سرمست جو رسالو“ پڙهيو هو، ۽ رني هئي. منهنجي لاءِ پنهنجي اختيار ڪيل راهه جو تعين ڪري ويئي هئي. ان راهه جو حوالو منهنجي هر ڪهاڻيءَ ۾ آيو آهي، هر ڪالم ۾ آيو آهي، هر ڊرامي ۾ آيو آهي، ۽ موجوده تحرير ۾ آيو آهي، جنهن کي اوهين هن وقت مهاڳ جي نالي ۾ پڙهي رهيا آهيو.

”دل جي دنيا“ منهنجين ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب آهي، ۽ پهرئين پيار، ۽ پهرين بار وانگر مون کي وڻندو آهي. پر سچ پڇو تہ هن ڪتاب ۾ مون کي ڪابہ اهڙي غير معمولي ڳالهہ ڏسڻ ۾ نہ آئي آهي، جو هيءُ ڪتاب گذريل ٽيهن سالن کان وقفي وقفي سان لاڳيتو ڇپجي رهيو آهي. ڇئن پنجن پبلشرن هن ڪتاب کي ورائي ورائي شايع ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ منهنجي اوائلي دور جون ڪهاڻيون آهن، ۽ منهنجين عام ڪهاڻين وانگر عام رواجي قسم جون ڪهاڻيون آهن، ۽ عام رواجي ماڻهن جون ڪهاڻيون آهن. رستن، گهيٽن، ۽ گهٽين ۾ ڌڪا کائڻ وارن جون ڪهاڻيون آهن. هي ڪهاڻيون تعبير لاءِ خواب ڏسڻ وارن جون ڪهاڻيون آهن. گدلي تلاءَ ۾ چنڊ جي پاڇولي سان پيار ڪرڻ وارن جون ڪهاڻيون آهن. گهاو خاطر جلاد جي تلاش ۾ گهمڻ وارن ڪردارن

جون ڪهاڻيون آهن. ڪنهن بہ ڪهاڻيءَ جي نہ ابتدا آهي، ۽ نہ ئي ڪا انتها آهي. نہ ڪا شروعات آهي، ۽ نہ ئي ڪا پڇاڙي آهي. منهنجين سمورين ڪهاڻين وانگر هن ڪتاب ۾ پڻ سڄن جي دنيا ۾ چرين ۽ مجذوبن جون ڪهاڻيون آهن. تصديق لاءِ تحقيق، ۽ تحقيق لاءِ تصديق ڪرڻ وارن جون ڪهاڻيون آهن. آئيني ۾ پنهنجو عڪس ڏسي آئينو ٽوڙي ڇڏڻ وارن جون ڪهاڻيون آهن.

مان ايٽم بم ٺاهڻ وارن جون ڪهاڻيون لکي نہ سگهندو آهيان. جن مٿان ايٽم بم اڇلايو ويندو آهي، مان انهن جون ڪهاڻيون لکندو آهيان. مان معمولي قسم جو مولائي ماڻهو آهيان، ٺنهنڪري پاڻ جهڙن مولائين جون ڪهاڻيون لکندو آهيان، بي مقصد، بي معنيٰ بلڪل هن تحرير وانگر بي معنيٰ جنهن ڪي اوهان مهاڳ جي نالي ۾ پڙهيو آهي، پر مهاڳ نہ آهي، امهاڳ بہ نہ آهي. ڪجهہ بہ نہ آهي. خلا آهي. عدم جو احساس آهي.

**امر جليل**

1311, Gali 12, Sector, I — 10/2 Islamabad.

20 جون 1998ع

# مهاڳ

‘دل جي دنيا’ جي ٻئي ۽ ٽئين ڇاپي جي وچ ڏهن سالن جي وڇوٽي آهي. اهي ڏهه سال منهنجي زندگيءَ جا طويل ۽ ٽڪائيندڙ سال آهن. اهي ڏهه سال بيوفا بهارن ۽ مستقل خزائن جا سال آهن. اهي ڏهه سال گلن کان خوشبوءِ جي رسي وڃڻ جا سال آهن. انهن ڏهن سالن ۾ مون کي مختلف ڪردارن ۾ ڳوليو ويو آهي. انهن ڏهن سالن ۾ منهنجي خلاف منهنجين ڪهاڻين جي ڪردارن کي مدنظر رکي الزامن جي فهرست تيار ڪئي وئي آهي. انهن ڏهن سالن ۾ مون پڻ پاڻ کي پنهنجين ڪهاڻين ۾ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

مان ڪير آهيان؟ ‘دل جي دنيا’ وارو شامو آهيان! ‘پڙلاءَ’ وارو ساجن آهيان! ‘بارنيس اسٽريٽ جو غندو’ آهيان! ‘منهنجو ڏس آسمان کان پڇو’ واريءَ ڪهاڻيءَ جو گوتم آهيان! ‘اروڙ جو مست’ ۾ عبدالرحمان ڏاڙيل آهيان! ‘تاريخ جو ڪفن’ ڪهاڻيءَ ۾ اياز مڪراني آهيان! ‘جڏهن مان نه هوندس’ ۾ قاهيءَ کان اڳ آخري ڪهاڻي لکڻ وارو قومپرست آهيان! مان ڪير آهيان؟ مان

ڪنهن بہ نتيجي تي پهچي نہ سگهيو آهيان. اصل ۾، مان ڪنهن بہ نتيجي تي پهچڻ جو خواهشمند نہ آهيان. ائين برابر آهي تہ ڪوبہ ليکڪ پاڻ کي مڪمل طرح پنهنجين تحريرن کان جدا ڪري نہ سگهندو آهي؛ پر، ليکڪ کي سندس ڪهاڻين جي انيڪ ڪردارن مان ڪنهن بہ هڪ ڪردار ۾ ڳولڻ، يا ان ڪردار سان وابستہ ڪرڻ ممڪن نہ آهي. بي معنيٰ زندگيءَ کي ڪا معنيٰ ڏيڻ لاءِ مان لکي رهيو آهيان. لکڻ منهنجي لاءِ اظهار، ۽ هئڻ جي احساس جو ذريعو آهي. ويهہ – ٻاويهہ سال لاڳيتو ڪهاڻيون ۽ ڊراما لکڻ جي باوجود مان پاڻ کي پنهنجي ڪنهن بہ هڪ ڪردار ۾ ڏسي نہ سگهيو آهيان. مان سچل سرمست جو معتقد آهيان –

ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي،
آئون جوئي آهيان، سوئي آهيان.

مان اڪثر ان هيڪلي شخص جي باري ۾ سوچيندو آهيان، جيڪو آزمائش جي اسٽيڊيم ۾ بيٺو آهي، ۽ خونخوار چيتي جو انتظار ڪري رهيو آهي. اسٽيڊيم جي ڪنهن بہ هڪ در مان چيتو ظاهر ٿيندو، ۽ هيڪلي شخص تي حملو ڪندو. آدمخور چيتي جو مقابلو ڪرڻ لاءِ هيڪلي شخص جي هٿ ۾ تلوار نہ آهي. آسماني ڪتابن واري سيمسن وانگر هو طاقتور بہ نہ آهي. هو ٽڪل ٽڪل، نبل ۽ ويڳاڻو آهي. هو ٽئين دنيا جو ليکڪ آهي. هن جي هٿ ۾ قلم آهي. هو اسٽيڊيم ۾ موجود خاموش تماشائين جي وچ

۾ پنهنجي موت جو منتظر آهي. ٽئين دنيا جي ڏتڙيل ليکڪ محسوس ڪري ورتو آهي ته، قديم چواڻيءَ جي ابتڙ، قلم ڪنهن به صورت ۾ تلوار کان وڌيڪ طاقتور نہ آهي. ان ڄاڻ جي باوجود ٽئين دنيا جو ليکڪ لکي رهيو آهي، ۽ ادب جي بارگاهه ۾ پنهنجي وجود جو نذرانو ڏيئي رهيو آهي.'

شعبو – ايجوڪيشنل ٽيڪنالوجي
علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد
امر جليل
25 فيبروري 1984ع

# سوجھرو

هيءَ انهن ڏنهن جي ڳالهہ آهي، جڏهن مفلسيءَ اسان کي بي آب مڇين وانگر پنهنجي چار ڀر ڦاسائي وڌو هو ۽ اسان تي مصيبتن ۽ آفتن جا ولر وري آيا هئا. نوڪري وڃڻ جو فڪر اجا جيءَ کي چھٽيو پيو هو، جو مٿان، مشڪلن ڀر واڌارو ڪرڻ لاءِ جنيد کي مدي جو تپ ٿي پيو. پنهنجي ننڍڙي معصوم ياءُ جي حالت اکين سان ڏسي رهيو هوس، پر مجبور هوس. منهنجيون پينرون زيبو ۽ ڪمو، جنيد جا ايا ساهہ ۽ ڳاڙهيون اکيون ڏسي، روئڻ هارڪيون ٿي پيون هيون.

“ڏسين نہ ٿو، ڏسين نہ ٿو،” ڪموءَ مون کي ڪلهن کان وٺي ڌوڏاڙيندي چيو، ڪجہ تہ ڪر، جنيد لاءِ ڪجھ تہ ڪر.”

مون ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

گھر جو ذري گھٽ سمورو سامان منهنجي بيروزگاريءَ جي نظر ٿي چڪو هو، ۽ فقط هڪ پراڻو گھڙيال وڃي باقي بچيو هو، جيڪو پٽ سان چنبڙي، انسان جي دل وانگر ڌڙڪي رهيو هو. مون سوچيو، انسان جي دل وانگر اِن گھڙيال جو آواز – ٽڪ ٽڪ، بند ٿي ويندو، موت وانگر خاموش ٿي ويندو. پر، هن گھڙيال جي موت ۽ انسان جي موت ۾ ڪيڏو نہ فرق آهي! انسان جي

تخليق – گهڙيال ۾ بند ٿيڻ کان پوءِ چابيءَ سان ٻيهر زندگي پيدا ڪري سگهجي ٿي، پر انسان جي ٿڌي جسم ۾ ٻيهر ڪير روح ڦوڪي، زندگي پيدا ڪري سگهندو؟
مون منهن ورائي جنيد ڏانهن ڏٺو.
۽ پوءِ، پراڻو گهڙيال، ڪندن مل پساريءَ وٽ ڏهين رپئي ۾ گروي ڪري آيس، جيتوڻيڪ ڏهه رپيا ڊاڪٽر جي فيءَ ۽ ڪلورو مائسٽن جي ڪيپسولن لاءِ ٿورا هئا. ڏهين رپئي جو نوٽ مٺ ۾ قابو ڪري، فڪرن ۾ ٻڏندو، ترندو گهر موٽي آيس.
انهن ڪارن ڏينهن ۾، پاڙي مان ڪنهن کان پيسا اڌارا وٺڻ جو سوال ئي نه ٿي پيدا ٿيو. جڏهن کان هڪ انگريزي انجنيئر جي پگهار پوري ڪرڻ لاءِ ڪارخاني مان اسان چاليهه مزورن کي ڪڍيو ويو هو، تڏهن کان پاڙي جي سيني گهرن جي حالت هڪ ٻئي کان بدتر ٿي ويئي هئي. مزورن جي گهرن جو سامان ڪباڙين وٽ وڪامي ويو، ۽ جن کي گهرن ۾ وڏيڪ ٻکيا پيٽ هئا، انهن جي عزت ۽ عصمت شهر جي هوٽلن ۽ بنگلن تي وڪامڻ لڳي.
اوچتو ذهن جي اوندهه ۾ اميد جو ڪڙڪٻيتو چمڪي اٿيو. ياد آيم ته هڪ دفعي ربوءَ مون کان ٻارهن رپيا اڌارا ورتا هئا. هونءَ ڪانئس پيسا هرگز نه گهران ها، پر ربوءَ جي حالت اسان جهڙي نه هئي. هو نوڪري وڃائڻ کانپوءِ به آرام جي زندگي بسر ڪري

رهيو هو. ڏسڻ وارن کي پڪ هئي ته ربوءَ کي هندن جي ڇڏيل ملڪيت هٿ چڙهي ويئي آهي، يا وري نوٽن ڇاپڻ جي مشين ايجاد ڪئي اٿائين. سندس ٻارن جي اکين هينان بک جا ڪارا ليڪا ڪين اپريا هئا، ۽ نه ئي پاڻ ڪنتريءَ کان ڪنارا ڪش ٿيو هو.

مان زيبوءَ ۽ ڪموءَ کي دلاسا ڏيئي، ربوءَ کان پيسا اوڳاڙڻ لاءِ گهر کان ٻاهر آيس.

گهٽيءَ ۾ پاڙي جا سڪل ۽ سنهڙا، اڌ اگهاڙا ٻار، اِتي ڏڪر راند ڪري رهيا هئا. ڪين ڏسي، مون کي پنهنجو ننڍڙو جنيد ياد آيو، جيڪو جهڳيءَ ۾، ڇڄگل واڻ جي کٽ تي، موت ۽ زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾، ڪنهن ڊاڪٽر جو انتظار ڪري رهيو هو. پر ڪٿي هئا، اهي لٻاڙي ڊاڪٽر، جن جي دعويٰ آهي ته هو قوم ۽ انسانيت جا خادم آهن! ان ڏينهن اهي ڊاڪٽر ڪٿي هئا، جڏهن انسانيت جو ننڍڙو روح مفلسيءَ ۾ سهڪي رهيو هو! اهي دردمند حڪيم ۽ طبيب ڪٿي هئا، جڏهن هڪ انسان جي هستي ڏهن رپين لاءِ ميسارجي رهي هئي! تڏهن خيالن جي اپسرائن پٽڪو ڪيو، ته انسان ازل کان دولت جو غلام آهي، ۽ دولت ديوتائن کان وڌيڪ طاقتور آهي.

مان تڪڙا قدم کڻندو، گهٽيءَ جي مهاڙيءَ وٽ پهتس. ربوءَ جو گهر پاسي واري گهٽيءَ ۾ هو. جتي ٻئي گهٽيون ملنديون هيون،

اتي انهن ڏينهن ۾ هڪ ڏڏڙيل درويش اچي ديرو ڄمايو هو. سندس اڪيون ٽانڊن وانگر ٻرنديون رهنديون هيون. چارئي پهر بدن کي ڀڀوت ڪيو، دونهي دکائي، پنهنجي جهوپڙيءَ آڏو ويٺو هوندو هو. پاڙي جون عورتون ڪانئس من جون مرادون گهرنديون هيون ۽ مرد ڪانئس سٽي جا نمبر پڇندا ها، جڏهن ڪان اسان جي پاڙي ۾ بيروزگاريءَ پير ڄمايا هئا، تڏهن ڪان درويش جي ڄڻ عيد شروع ٿي هئي. سندس سگهارو بدن، ڏينهون ڏينهن سگهارو ٿيندو ويو. پيٽ جي گولائيءَ تان گهنج گم ٿي ويس، ۽ دن جو تنگ گهٽ ٿي ويس. گهرن ۾ لنگهڻ ڪڍيا ويندا هئا، پر درويش کي سيرا، مالپڙا ۽ قورما ڪارايا ويندا هئا.

جڏهن مان گهٽيءَ جي مهڙ وٽ پهتس، تڏهن درويش دونهي دکايو، بدن کي ڀڀوت ڪيو، پنهنجي جهوپڙيءَ آڏو ويٺو هو. ويٺين ۾ ڪڙا هئس ۽ ڪاٻي هٿ ۾ وڏو چمٽو هوس، جنهن کي ساڄي هٿ سان وڄائي رهيو هو. مون کي ڳاڙهين اکين سان گهوريندي چيائين، "گهر، جيڪي گهرجيئي." پوءِ آڱر سان آسمان ڏانهن اشارو ڪندي رڙ ڪيائين، "اڄ اسان آسمان تان تاران ٻه لاهي ايندا سين،" ان وقت شام جو وقت هو ۽ آسمان تي تارا نه هئا.

جهڪي، ادب سان ڪيس سلام ڪيم. سڄي پاڙي اها ڳالهه مشهور ٿي ويئي هئي، ته درويش کي ناراض ڪرڻ، ٻئي جهان وڃائڻ

برابر آهي. مون نوڙت سان وراڻيو، ”درويش تنهنجون دعائون گهرجن.“

”وڃ، ٻيڙو پار اٿئي.“ درويش پنهنجون ڳاڙهيون اکيون منهنجين اکين ۾ وجهي چڙهيون.

ٽٽل اميدن کي ڄڻ آسرو مليو.

مان ربوءَ جي ڏيڍيءَ تي اچي بيٺس. دل پئي چيو، ربو نه رڳو ٻارهن روپيا موٽائيندو، پر ڪجهه رپيا قرض به ڏيندو.

مون در جو ڪڙو اچا مس ڪڙڪايو هو، جو ربوءَ جي جوان جماڻ ڌيءَ، جنان، ريشمي ڪپڙن ۾، ۽ خوشبوءِ ڇڙيندي، موڙا ڏيندي، هڪ طرف هلي ويئي. مون ٻيهر ڪڙو ڪڙڪايو. ٿوري دير ڪانپوءِ ربو ٻاهر آيو. ڪيس اڇا اجرا ڪپڙا اوڍيل هئا ۽ ڏاڙهي پڻ تازي ڪوڙيل هئس. پڇيائين، ”ڇئهه ڪيئن آيو آهين.“

مون ڪيس سڄي ماجرا ٻڌائي. منهنجي ڳالهه ٻڌڻ کان پوءِ چيائين، ”هينئر، هن وقت ته مون وٽ ڪجهه به ڪونهي.“

”ڪجهه ته ڏي ربو،“ ڪيس ايلاز ڪيم، ”ڪجهه ته ڏي ربو. منهنجو جنيد —“ آواز نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو.

”هيئن ڪر،“ ربوءَ ڪجهه سوچيندي چيو، ”سڀاڻي صبح جو مون کان سؤ، سوا سؤ کن وٺي وڃجانءِ.“

“سياڻي مان روپين کي چا ڪندس ربو،” منهنجي اکين ۾ لڙڪ تري آيا، “سوال تہ اڄوڪي رات جو آهي. هيءَ هڪ رات منهنجي جنيد لاءِ ڳوري آهي.”

“مان مجبور آهيان،” ربوءَ چيو، “صبح کان اڳ مان توکي پائي بہ ڏيئي نہ سگهندس.”

“ربو،” مون ربوءَ کي ڏوري کان وننڊي چيو، “هينئر تہ تو وٽ ڪجهہ بہ ڪونهي نهہ، ربو؟”

“نهہ” هن حيرت وچان مون ڏانهن ڏسندي وراڻيو.

“تہ چا، صبح تائين تنهنجي ڪڪڙ سونا آنا لاهيندي.” مان تلخ لهجي ۾ ڳالهايو.

ربو ست ساڻ ٻانهن چڏائي، ڏيدي ٽپي، اندر هليو ويو. ان وقت پنهنجي پوئتان هڪ مڪار ٺهڪ ٻڌم. ڄڻ ڪو مون تي چٿرون ڪري رهيو هو. منهن ورائي ڏٺم. بندل دادا منهنجي ويجهو بيٺو هو. ڳاڙهو رومال ڪنڌ تي ويڙهيل هوس ۽ واڇ ۾ اڌ سڙيل بيڙي. بندل دادا اسان جي علائقي جو پيداگير هوندو هو. هن ٺهڪ ڏيندي چيو، “ربوءَ وٽ سونا آنا ڏيندڙ هڪ ڪڪڙ آهي.”

“منهنجي کهڙي ڪم جي،” مون ٻڌندڙ دل سان وراڻيو.

“توکي پئسن جي ضرورت آهي نهہ؟”

“ها، فقط ويهن روپين جي.”

هن ٺهڪ ڏنو، “بيوقوف، تو وٽ ٻہ ٽہ ٻہ ڪڪڙيون آهن، جيڪي سونا آنا ڏيئي سگهن ٿيون.”

مون گهور ڪري سندس چنجهين اکين ۾ نهاريو.

“چاهين تہ مان چوٿين پتيءَ تي ٻنهيءَ جو بندوبست ڪريان.”

“تون چوڻ چا ٿو چاهين.”

”هيءُ دولت ۽ جوانيءَ جو دور آهي.”

“سڌيءَ طرح چو نٿو ڳالهائين.”

“ٻڌي سگهندين.”

“مان جنيد لاءِ سڀ ڪجهہ ٻڌندس. سڀ ڪجهہ.”

“تہ ٻڌ،” بندل دادا چيلهہ تي هٿ رکندي چيو، “ڪمو ۽ زيبو هڪ رات لاءِ -”

“بدمعاش،” مون ڪيس جملو پورو ڪرڻ نہ ڏنو. مٿس الر ڪري ويس، پر ورندو پاڻ گند جي ڍهہ تي وڃي ڪريس.

بندل دادا ٺهڪ ڏيندو هليو ويو. ويندي ويندي چئي ويو، “بُک مري ويندين، غريب جا ٻچا.”

مان اٿي ويٺس. هزارين طوفان جاڳي اٿيا. مون فيصلو ڪيو تہ پل جنيد مري وڃي. پل تہ منهنجيون حسرتون ۽ اميدون خاڪ ۾ ملي وڃن. ان خاڪ مان نوان جنيد پيدا ٿيندا. مضبوط ارادن ۽ عزم وارا جنيد پيدا ٿيندا. هزارين، لکين ۽ ڪروڙين جنيد ان خاڪ مان

جنم وٺندا. جنهن خاڪ ۾ منهنجو جنيد ماڪ وانگر گم ٿي ويندو. پل تہ جنيد مري وجي. پل تہ منهجو جنيد قربان ٿي وجي.

پانت پانت جا خيال، سمنڊ جي لهرن وانگر منهنجي ذهن ۾ چڙهندا ۽ لهندا رهيا. سوچيم، منهنجي جنيد جي قرباني، دنيا جي سڀ کان وڏي قرباني هوندي. منهنجي جنيد جي قربانيءَ جا تاريخن ۾ حوالا ڏنا ويندا. جڏهن بہ عظيم قربانين جو ذڪر ڪيو ويندو، تڏهن جنيد جو نالو پٿر جي ليڪ وانگر اڀري ايندو.

مان خيالن جي ڪاري جهنگ ۾ ڀٽڪندو، دل ئي دل ۾ هنجون هاريندو، جڏهن گهٽيءَ جي مهڙ وٽ پهتس، تڏهن جمن پخاليءَ جي زال درويش جي جهوپڙيءَ مان نڪري گهٽيءَ جي هڪ ڪچي گهر ۾ گم ٿي ويئي. ٿوري دير ۾ درويش چمٽو وڄائيندو ٻاهر آيو. مون تي نظر پيس تہ هڪدم چيائين، "گهر، جيڪي گهرجيئي."

دل جهلي چيم، "ويهہ رپيا ڏيندين."

"نادان، مايا جا ڪندين." هن چمٽو وڄائيندي چيو، "وڃ تنهنجي ٻئي جهان جوڙي ڇڏياسين."

دل چاهيو تہ چوانس، جڏهن هڪ جهان جو هيءُ حال آهي، تہ اُٽڏني جهان جو الاءِ ڪهڙو برو حال هوندو.

مان ٿڪل قدمن سان پنهنجيءَ گهٽيءَ ۾ موٽي آيس. مجروح روح ڏکي رهيو هو ۽ دل جا زخم سمي رهيا هئا. رکي رکي عذاب

جهڙو هڪ خيال روح ۾ ٻرڇيءَ وانگر چيپي ٿي ويو، تہ اڄوڪي شام، منهنجي جنيد جي آخري شام، ۽ اڄوڪي رات، منهنجي جنيد جي آخري رات آهي. سڀاڻي، جڏهن نئون صبح ايندو، سج اڀرندو، تڏهن جنيد نہ هوندو، جنيد جي فقط ياد رهجي ويندي.

“ڪهڙن پورن ۾ پئجي ويو آهين؟”

هلندي هلندي بيهي رهيس. ڏٺم تہ چاچا واحد هو. چاچا واحد ڪارخاني ۾ سيني ڪان جهونو هو، ۽ جڏهن بيروزگاريءَ جو منحوس پاڇو مزورن تي اچي پيو هو، تڏهن سيني ڪان اول چاچا واحد کي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو هو. هو عمر ۾ اسان سيني ڪان وڏو هو، تنهن ڪري ڪيس چاچا ڪري سڏيندا هئاسين.

“وڃ، جلد وڃ.” مون کي ڌونڌاڙيندي چيائين، “زيبوءَ کي اڃهو هينئر ويهہ رپيا ڏيئي آيو آهيان.”

“ويهہ رپيا.”

“ها، جلدي ڪر. ڊاڪٽر کي وني وڃ.”

“چاچا!”

“هينئر ڳالهائڻ جو وقت ڪونهي.”

“چاچا،” مون ڏانهنس شڪي نگاهن سان ڏسندي پڇيو، “تو پيسا ڪٿان آندا، چاچا.”

“توکي پيسن جي گهرج آهي، يا —”

“ها، پر —”

چاچاءِ مون ڏانهن غور سان نهاريو. چيائين، “پٽ ڪان سڪايل آهيان تہ چا ٿيو! جوان ڏيءَ تہ اٿم نہ.”

“چاچا!”

“ڪڏهن ڪڏهن جوان ڏيءَ بہ ٻڍاپي ۾ وڏو سهارو ٿي پوندي آهي،” چاچي آسمان ڏانهن ڏسندي چيو.

منهنجي اکين ۾ رت لهي آيو. مون چاچا کي هميشہ عزت جي نگاهہ سان ڏٺو هو. منهنجي گمان ۾ بہ نہ هو، تہ جيڪا وير غم جا ڪنارا لٽيندي ٿي ويئي، تنهن ۾ چاچو واحد بہ پسي ويو هوندو.

هن چيو، “پر منهنجي گهر واري بہ پنهنجيءَ ڏيءَ کان ڪنهن حالت ۾ پنتي ناهي.”

دل چاهيو تہ ڪراڙي، بدڪردار، خبيس جو مٿو مترڪن سان چٽي چور ڪري ڇڏيان. جهڙي نموني ڳالهايائين پئي، ڀانءِ تہ بندل دادا جو مقابلو ڪري رهيو هو.

“پر تون وڃ. ڊاڪٽر کي وٺي جلد گهر پهچ.”

مان نفرت ۽ حقارت سان ڏانهنس نهارڻ لڳس.

منهنجي ڪلهي تي هٿ رکندي چيائين، “سياڻي ڪان تون بہ ڪموءَ ۽ زيبوءَ کي ڪم سان لڳائجانءِ.”

ڪراهت وچان منهنجيون منيون پيڪوڙجي ويون.

“منهنجي ڏيءَ ۽ گهر واري زيبوءَ ۽ ڪموءَ جي مدد ڪنديون. هڪ ٻن ڏينهن جي تڪليف ٿيندن، ۽ پوءِ هفتي کن ۾ نهي وينديون.

مون دل ئي دل ۾ ان اگهاڙري پوڙهي کي گهڻو ڏيئي ماري ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو. جنهن وقت منهنجين ٻانهن جون مشڪون وڌجي سٽجي، ڪشيل نوڙ وانگر ٿي ويون ۽ جنهن گهڙيءَ منهنجا هٿ آهستي آهستي چاچا جي ٻُڇيءَ ڏانهن اٿڻ لڳا، تنهن وقت چاچا چيو، ”هڪ ڏينهن ۾ ٻن رون تي پني لڳائي وٺنديون آهن ۽ ڇئن سلوارن جا پاچا پري وٺنديون آهن.“

رڳن ۾ ٺهڪندڙ رت ڄڻ اوچتو ئي اوچتو جمي برف ٿي ويو. سنڌ سنڌ ۾ ڪنبٽيءَ جو احساس ٿيڻ لڳو.

چاچا چيو، ”مڙيئي گذر سفر جيترو پيسو روز ڪمائي وٺنديون آهن. هيءُ سڄو سنسار ماني ٻيي لاءِ حيران سرگردان آهي نه! سو مانيءَ ٻيو عزت سان ملي ويندو.“

مان چاچا واحد جي پيرن وٽ ويهي رهيس.

”اڙي! هي ڇا، چاچي مون کي ٻانهن کان وٺي اٿاريندي چيو، ”جلد ڪر، ڊاڪٽر کي وٺي گهر وڃ. پوءِ اجايو اوندهه ٿي ويندي. ڏس، اجا به سوجهرو آهي. اجا به سوجهرو آهي.“

مان اسپتال ڏانهن ڊوڙندو ويس. ڊوڙندي آسمان ڏانهن ڏٺم، جتي پري، مٿيرو، افق وٽ اجا به سوجهرو هو.

# اروڙ جو مست

الله بخش مست جي زيارت ڪرڻ لاءِ اروڙ ڪان اچي نڪتو هوس. زبون مسجد وٽ گهوڙي تان لٿس. روهڙيءَ ڪان اروڙ تائين يڪ ساهي سواري ڪئي هيم. مفاصلو گهٽو نہ هو، پر ڪپتان ڪي هوا ۾ اڏائيندي آيو هوس. گهوڙو سهڪي رهيو هو. سنب پگهر ۾ مٽيءَ ۾ اٽجي ويا هئس. ڪيس ٻبر سان ٻڌي، ٺڦڪي ڏنم. منهنجو پراڻو ساٿي آهي. بيحد پائيندو آهيانس. مصيبت ۾ مشڪلات ۾ وفادار رهيو آهي. سڏيانس ڪپتان.

منهنجو پيرن فقيرن ۾ اعتقاد ڪونهي. مان رهزن آهيان، خوني آهيان، مون ڪي پنهنجي رائيفل ۽ يوناني خنجر تي اعتبار آهي. پنهنجي قوت ۾ اعتماد اٿم. جنهن ڪي وٽيم، جڏهن وٽيم قتل ڪندو آهيان. جان فقط انهن جي بخشيندو آهيان، جيڪي قرآن ڪٽي امان گهرڻ ايندا آهن. اهڙن ڪي فقط لٽيندو ڦريندو آهيان. ايتري قدر جو لڱن جا لٽا بہ لاهرائي وٺندو آهيان. پر منهنجو جگري يار عارب ماڇي قرآن مان بہ نہ مڙندو هو. ڪنهن ڪي بہ ٻاڏائيندو ڏسي، بنا دير ختم ڪري ڇڏيندو هو. پر هڪ رات عارب ماڇي گم ٿي ويو.

الله بخش مست جي معجزن جا قصا ٻڌي، فيصلو ڪري نڪتو هوس، ته جيڪڏهن مست کان عارب ماڇيءَ جو ڏس نه مليو، ته رائيفل جون سيئي گوليون مست جي سيني ۾ داخل ڪندس.
ٻٽ ڪولي پڳهر اگيهم. نهاريم. پري پري تائين آدم ذات ڏسڻ ۾ نه آئي. رائيفل پختي ڪيم. پوءِ پڳل پتين، ڦتل بنيادن ۽ ٽڙيل پکڙيل ڳاڙهين سرن کي لتاڙيندو، اروڙ جي کنڊرن ۾ وڃي پهتس. پويان قديم قبرستان جون قبرون هيون ۽ اڳيان جبلن جون خوفناڪ لاهيون. اوچتو، خاموشيءَ ۾، پنهنجي پوئتان کنهن جي قدمن جو آواز ٻڌم. ڪجهه پٿر جبل جي لاهه تان ٽڙندا، قلابازيون کائيندا، هيٺ وڃي ڪريا. ور ۾ لڪايل خنجر جي هٿئي تي هٿ رکي، وچ وانگر ڦيرو کائي، پوئتي ڏٺم.
”ڪير آهين؟“
هو پوئتي هٽي ويو. ڏٻرو ۽ ڪمزور هو. ڪاري چادر ۽ اجرڪ جي ٻٽ ڏسي، هبڪندي هبڪندي پڇيائين، ”تون ڪير آهين؟“
”مسافر آهيان.“
”ڀلي آئين ادا،“ هن پنهنجو ڪمزور هٿ وڌايو. ساڻس هٿ ملايم. کيس ٻڌايم، ”مان الله بخش مست جي زيارت تي آيو آهيان.“
”جيءُ آئين ادا.“
”ڏس ڏيندين؟“
”مان پاڻ سائينءَ جو سلام پرڻ نڪتو آهيان. گڏجي ٿا هلئون.“

“واهه جي ڳالهه ڪئي اٿئي.”

هو ۽ مان گڏجي روانا ٿياسين. هلندي هلندي پڇيومانس، “اصل اروڙ جو آهين ڇا؟”

“ها. ڇايو نپيو هت آهيان.”

هن جا قدم ڪندرن ۾ پختا هئا ۽ برانگهون ڪتيل هئس. وڪ مون کان اڳيرو هلي رهيو هو. هلندي پڇيائين، پاڻ ڪير آهين؟”

“جي!” مان هٻڪيس.

هن منهن ورائي پڇيو، “پاڻ ڪير آهين؟”

“مان ميربحر آهيان،” ڪوڙ ڳالهايم.

“اسان جي اکين تي ادا، ڀلي آئين.”

وڏيون وڏيون برانگهون ڪٽندو، وڌندو رهيو. پڇيائين، “پهريون ڀيرو آيو آهين؟”

“ها.”

“مجاهد جي مسجد وٽ تنهنجو گهوڙو ٻڌل آهي.”

“مجاهد ڪهڙو مجاهد؟”

“محمد بن قاسم.”

“ها، منهنجو گهوڙو آهي.”

ڳاڙهيون سرون لتاڙيندا، قلعي جي ڪندرن مان ٿيندا، هڪ سالم مسجد وٽ پهتاسين.

ٻڌايائين، “هيءَ مسجد به مجاهد جي اڏايل آهي.”

“هيءَ بهتر حالت ۾ آهي.”
“الله جي رحمت اٿس.”
“۽ هن ڊنل مسجد تي؟” منهنجي سوال تي هن مون ڏانهن ڏٺو. کهري آواز ۾ چيائين، “مسلمان آهين؟”
“پڪو.”
مسجد جي پوئتان پهاڙي پيچرو لهندي چيائين، “هن زمين تان مجاهد ڪفر جو خاتمو ڪيو.”
مان هلندي هلندي بيهي رهيس. نظر ڦيرائي چئني طرف ڏٺم. هر طرف کنڊر هئا. ويراني هئي. چيم، “هينئر هن زمين تي ڪجهه به باقي نه بچيو آهي.”
منهنجي ڳالهه تي بچان لڳس. باقي پيچرو ڊوڙندو لهي ويو.
جبل جي ترائيءَ ۾ پهچي، سنڌ چندي، مون ڏانهن ڏسڻ لڳو. منهن تي مرڪ هئس. جڻ ننڍولي پي ڪيائين. مان جبل جي خوفناڪ پيچري تان ترڪندو، ٿاٻا ڪائيندو، وڪ وڪ تي بيهندو، هيٺ لهي آيس. چنجهين اکين ۾ شرارت هئس. ڪجهه وکون ڪٽي، پنهنجيون سڪل ٻانهون سنهڙي چيلهه تي رکي، هڪ هنڌ بيهي رهيو.
چيائين، “هن ميدان ۾ سلائج جي پٺ چچ دوکو ڏيئي راڻي مهيرت کي قتل ڪيو هو.”

چچ ۽ مهيرت جي نالن کان متاثر نہ ٿيس. ٻئي منهنجي لاءِ اوپرا هئا؛ پر ٻنهي جي وچ ۾ بينل دوکي جي ديوار ڏسي ورتم. صدين کان هلندڙ هوائون بہ فريب کي لٽي نہ سگهيون هيون.

مون چولي هينان خنجر تي هٿ رکندي پڇيو، “هيءَ زمين دوکي ۽ فريب کي جنم ڏيندي رهي آهي ڇا؟”

چولي هينان، ور ۾ وڌل خنجر هو ڏسي نہ سگهيو، باقي منهنجي جملي جي ٺنولي سمجهي ويو. اکين ۾ نفرت تري آيس. مون کان ڪمزور ۽ ڊڄندو نہ هجي ها، تہ ضرور چماٽ وهائي ڪڍيم ها.

“گاريون سهندين؟” عجيب سوال ڪيائين.

“مان سنڌي آهيان.”

“مست جون گاريون.”

“اوهه! ها. پنهنجي مراد پائڻ لاءِ مست جون گاريون سهندس.”

الله بخش مست جي باري ۾ گهڻو ڪجهہ ٻڌي ٻاهر نڪتو هوس. ٻڌو هوم، تہ سوالين کي اگهاڙيون گاريون ڏيندو آهي. مٿن گند، ڪچرو، ۽ ڪرفتي اڇلائيندو آهي. پر گڏوگڏ سندس ڪرامتن جا قصا بہ ٻڌا هئم. جوان عورتن جا جن، ڪڍندو آهي. بي اولاد اولاد ۽ نامراد مرادون ماڻيندا آهن. سندس فيض مان فراقيل وصال، ۽ اجايل آب حاصل ڪندا آهن. مون کي بہ پنهنجي وڇڙيل دوست جي تلاش هئي. عارب ماڇي منهنجو جگري يار هو. چرچي چرچي ۾ ڪيس وڃائي وينس. هڪ رات پنگ ۾ چريو ڏاتورو ملائي

پيئاريو هومانس. ان رات هو پنهنجي قميص جو گريبان چاڪ ڪري، اوندھ ۾ گم ٿي ويو هو. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪيس ڳوليم، پر وريو ڪي ڪين. جڏهن هر طرف کان مايوس ٿي چڪو هوس، تڏهن، ڪنهن نيڪ بندي کان الله بخش مست جي ڪرامتن ۽ معجزن جا قصا ٻڌي؛ مراد پائڻ لاءِ، اروڙ کان اچي نڪتو هوس.

“اروڙ مدرسہ عارفيءَ کان مشهور آهي. طالب مفت مذهبي تعليم حاصل ڪندا آهن.” اجنبيءَ اروڙ جي ڪندرن ۾ ٻڌايو.

ڪيس جواب نہ ڏنم. مون کي خاموش ڏسي چيائين، هن جبل جي پويان درگاھ عارفي آهي، درگاھ جي سامهون مائي ڪالڪان جي غار ۾ مندر آهي.”

خاموش رهيس. ڪابہ دلچسپي نہ ڏيکاريم. منهنجو سمورو خيال مست طرف منتقل ٿيل هو.

چيائين، “ڪالڪان جي مورتي ۾ مندر جا بت مدرسہ عارفيءَ جي طالبن ڀڃي ڇڏيا آهن.”

مان الله بخش مست جي باري ۾ سوچي رهيو هوس ۽ اجنبي جي ڳالهين ۾ دلچسپي نہ پئي ورتم. هن ٽوپي لاهي، وارن تي هٿ گهمايو.

پڇيومانس، “پاڻ ڪير آهين؟”

“عارفي.”

“ڪم ڪهڙو ڪرين؟”
“اروڙ ۾ سنڌي ماستر آهيان.”
“چڱبو عالم آهين.”
چنجهين اکين ۾ چمڪو اڀري آيس. گد گد ٿيو. چيائين، ڪهڙيون ٿو ڳالهيون پڇين ادا. هن زماني ۾ عالم جو ته قدر ئي ڪونهي.
“سچ ٿو چوين، سائين.”
اڃي قبي ڏانهن پنهنجي ساڄي هٿ سان اشارو ڪندي چيائين،
“شاهه شڪر گنج جو قبو ڏسين ٿو؟”
“ها.”
“ءِ زمين جو هيءُ حصو به شاهه شڪر گنج جو آهي.”
ڪانئس پڇيم، “الله بخش مست جي درگاهه اجا پري آهي ڇا؟”
“چو ٿڪجي پيو آهين؟”
“نه.”
“سامهون مارو ڏسين ٿو نه. ان جي پويان الله بخش مست جي درگاهه آهي.”
ٻڌايائين ته ماري تي چڙهي راجا ڏاهر جا سپاهي پهرو ڏيندا هئا. جتان لنگهي رهيا هئاسين، سا زمين ٿاڪرو هئي. ڪنهن وقت ۾ پاڻيءَ جي مسلسل وهڪري سبب پٿر لسو ٿي ويو هو. ٿوهرن جي پاسي ۾ ڏاڙهن جا وڻ هئا. پڪ ڪرڻ خاطر ڪانئس پڇيم، “ڏاڙهن جا وڻ آهن نه؟”

“ها. اهي ڏاڙهن جا وڻ آهن” ٻانهن ڊگهيريندي چيائيم، “۽ سامهون ڪير جو ڪوهه آهي.”

“ڪير جو ڪوهه!”

“ها. اچ تہ ڏيکاريانءِ.”

ڪوهه وٽ اچي بيناسين. هيٺ نهاريم. سڪل هو. تري ۾ پٿر پيا هئا.

هن چيو، “هيءُ ڪير جو ڪوهه ۽ ڏاڙهن جا وڻ شاهه شڪر گنج جا آهن.”

“هن ۾ تہ پٿر آهن، سائين.”

“ها. پر پراڻي زماني ۾ هن ڪوهه ۾ ڪير هوندو هو، ۽ وڻ ڏاڙهون ڏيندا هئا.”

ڪوهه وٽان هٽندي، هن پنهنجي ڳالهہ جاري رکي، “شاهه جي وفات ڪان پوءِ، سندس لالچي مجاورن ڪير ۽ ڏاڙهون وڪڻڻ شروع ڪيا. هڪڙي ڏينهن ڪوهه سڪي ويو، ۽ وڻن ڦل ڇڏي ڏنو. هيئنر وڻن ۾ گل ٿين، پر ڏاڙهون نہ.”

وڻ ڳاڙهن گلن سان ڳتيل هئا. مون قبي ڏانهن ڏٺو. هو ڳالهائيندو رهيو. شاهه شڪر گنج جي مقبري ڏانهن اشارو ڪندي چيائين، “مقبري جي پويان اچي پتر جا لسا ميدان آهن. چوڏهينءَ رات اتي زبردست جوئا هلندي آهي. سکر، روهڙي، شڪارپور ۽ جيڪب آباد جا وڏا سينيون، زميندار ۽ ڪامورا جوئا ڪرڻ ايندا آهن.”

”هن چوڏهينءَ تي مان پنهنجي دوستن سميت ايندس، ۽ جوئارين جي سموري دولت لٽي ويندس،“ کيس ٻڌايم.
”کهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين ادا! هتي گڙنگ جوئاري ايندا آهن. لکن جي جوئا هلندي آهي. اسان مسڪينن جو ڪم ڪونهي.“
رائيفل ساڄي ڪلهي مان لاهي، ڪاٻي سان قابو ڪندي چيم، ”جنهن رات مان ايندس، تنهن رات هتان جا هڙئي جوئاري پنهنجيون جهوليون منهنجي آڏو خالي ڪري ڇڏيندا.“
ڏٻري ماستر ڪي منهنجي ڳالهه تي ڪل آئي. پڇيومانس، ”پوليس به ايندي آهي؟“
”ها. هڪ به صوبيدار ۽ ڪجهه سپاهي ايندا آهن، پر ڪنهن ڪي به جهل پل نه ڪندا آهن.
”جنهن رات مان ايندس، تنهن رات اروڙ ۾ سنڌين ۽ عربن جا روح واڪا ڪندا.“
ڪهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين! اروڙ ڪرامتن جو شهر آهي.“
”شهر، يا ڪنڊر؟“
منيان لڳس. ڪاوڙ ڇنڊيندي چيائين، ”ڪرامتن ۾ اعتبار نه اٿئي، ته پوءِ مست جي زيارت تي ڇو آيو آهين؟“
جواب ڏنو مانس، ”مان سنڌي آهيان، سنڌين جو ٻچو ٻچو ڪاني ڪرامتن جي صاحبن، پيرن ۽ مرشدن آڏو ڪنڌ جهڪائيندو آهي.“

ماري کي ويجهو اچي پهتا هئاسين. ماري جي ٻئي پاسي الله بخش مست جي درگاهه هئي. درگاهه جي سامهون سوڙهو لڪ هو، جتي ماڻهن جي بي پناهه پيهه هئي. مان غلط رستي کان آيو هوس. لڪ سان لڳو لڳ پڪو رستو به هو، جيڪو گهوٽڪيءَ کان وجي ٿي نڪتو.

مسافر چيو، "هتي ڪنهن جي ڪين هلي، جيڪو ڏاڍو، سو گابو."

ماستر مون سان هٿ ملائي پيهه ۾ گم ٿي ويو. هجوم ۾ مرد گهٽ ۽ عورتون لاتعداد هيون. ڳوناٺيون – ابوجهه ۽ پورڙيون شهري عورتون به هيون – چالاڪ، چست ۽ ڦڙت.

پيهه مان ڌوڪيندو، ڪرندو، جهرندو، مست جي ڪونيءَ وٽ پهتس. ان وقت هو ڪونيءَ ۾ ڪنهن عورت جو جن ڪڍي رهيو هو. اندران ڪجڪن جا آواز ٻڌي، سوالي چئي رهيا هئا، "مائيءَ جو جن مست سان جهيڙو ٿو ڪري."

ڪونيءَ جو در ڪليو. هڪ جوانڙي، وار سنواريندي ٻاهر نڪتي. ڪجهه دير کان پوءِ الله بخش مست ٻاهر آيو. هڪڙي ڪڇي کان سواءِ باقي سمورا لڱ اگهاڙا هئس. پيوت بدن، وار وٽيل، ڏاڙهيءَ ۽ مڇن جا وار ڪندريل ۽ اکيون ڳاڙهيون هئس. پلٽي ماري ويهي رهيو. وڏي وجي سامهون بينومانس. چوٽ ۾ به چار ڳاريون ڏنائين. سهي ويس.

الله بخش مست گهور ڪري منهنجين اکين ۾ ڏٺو. ڪجهه دير تائين ڏسندو رهيو. اکيون ڳاڙهيون، جنسي رت، هٿ وڏائي سٺ ڏيئي منهنجي چادر لاهي ڇڏيائين. ڪجهه نه ڪڇيم. پٺ ۾ هٿ وڌائين، ته چيومانس، "منهنجي عزت رکجانءِ، مست."
هٿ هٽائي ڇڏيائين. اٿي بيٺو. چيائين، "هليو آءُ."
مان ساڻس ڪونيءَ ۾ داخل ٿيس. در بند ڪري منهنجي سامهون اچي بيٺو. پڇيائين، ڇو آيو آهين؟"
پنهنجي دوست جي ڳولا ۾ آيو آهيان." ادب سان وراڻيم، ڪيس سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڳوليو اٿم، پر ناڪام رهيو آهيان."
پنهنجي ڳاڙهين اکين سان ڇتائي ڏٺائين. نگاهون نگاهن ۾ وجهندي چيائين، "تون عبدالرحمان ڏاڙيل آهين."
ڇرڪ پري، هڪ قدم ڪائنس پري ٿي بيٺس. سندس ڪرامت جو معجزو ڏسي، اعتقاد سا دل ٿمتار ٿي ويئي.
چيائين، "۽ تون پنهنجي دوست عارب ماڇيءَ جي ڳولا ۾ آهين."
الله بخش مست جي باري ۾ جيڪي ڪجهه ٻڌو هوم، اکين ساڻ ڏٺم. سڀ سنڌ پيرن فقيرن سان ڀريل آهي، پر سائين الله بخش مست جهڙو پهتل ڪو ورلي ليندو، جيڪي چئي رهيو هو، تنهن جي اکر اکر ۾ سچ هو.
"تون سکر واري پراڻي درگاهه جي گادي نشين، ميان سڪل پاڻاريدار جو ويهاريل آهين."

“بس سائين، بس.” سندس پيرن وٽ ويهي رهيس. چيم، “هاڻي ڏس ڏي تہ عارب ماڇي ڪٿي آهي؟”
سائين الله بخش مست مون کي ڪلهي کان وٺي اٿاري بيهاريو. پٺڪي کان وٺي پيرن تائين جاچي ڏٺائين. اڳيان قري، پويان اچي بيٺو. اوچتو رڙ ڪيائين، “عارب ماڇي مري ويو. تون بہ سچ لهڻ کان اڳ اروڙ مان نڪري وڃ.”
هن ڪونيءَ جو در ڪوليو، ۽ مون کي ڌڪو ڏيئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيائين. ڪنڌ جهڪائي پاڻيءَ جي دلي وٽ وڃي وينس.
مان سنڌ جو بدنام ڌاڙيل عبدالرحمان آهيان. مان، عارب ماڇي، ۽ ٻيا سرڪش ڌاڙيل سکر واري پراڻي درگاهہ جي گادي نشين، ميان سڪل جي چانو ۾ رهندا آهيون. ميان سڪل سنڌ جو نامي گرامي پاٿاريدار آهي. وڏا وڏا خوني ۽ نالي چڙهيا ڌاڙيل وٽس سک ۽ سلامتيءَ جي زندگي گذاريندا آهن. رهائيءَ وارو مڙس آهي. ڪنهن کي مجال ڪونهي، جو اک کڻي سندس ٻالڪن ڏانهن ڏسي سگهي. وٽس اهڙا تہ ناميارا ڌاڙيل آهن، جن جو نالو ٻڌي، اوسي پاسي وارا ڳوٺ ۽ شهر ڪنبي ويندا آهن. عارب ماڇيءَ جهڙي رهزن ڌاڙيل جي گم ٿيڻ جي خبر ٻڌي، ماڻهن خوشيون ڪيون، ۽ مان ڪجهہ عرصي کان پوءِ، عارب ماڇيءَ جي ڳولا ۾ نڪري آيس.
“ڪيئن، مراد مليئهہ.”

ڪنڌ مٿي ڪري ڏٺم. سامهون ساڳيو ماستر بيٺو هو.
“نه.”
“ائين وري ڪيئن! اڙي ميان، هن مست پٽر مان پاٽي ڪڍيو آهي.”
“توهان لاءِ ڪڍيو هوندائين.”
“تنهجو تہ ڪرامتن ۽ معجزن ۾ اعتبار ئي ڪونهي نه.”
“نلهو اعتبار ڪيئن ڪريان.”
“توکي چيائين ڇا؟”
“چيائين منهنجو دوست مري ويو آهي.”
“مري ويو هوندو.”
“ڪيئن مري ويو هوندو، “چيم، “منهنجي دل تي ٻڌائي تہ منهنجو يار جيئرو آهي.”
“غلطيءَ تي آهين، جوان. مست جي ڳالھ پٿر تي ليڪ سمجهه.”
ڪامندي چيم، “مان توهان کي ۽ توهان جي مست کي گولين سان اڏائي ڇڏيندس.”
“ڪفر ٿو بڪين. تنهنجي بندوق کي مست هڪ ڦوڪ سان خاڪ ڪري ڇڏيندو.”
“مان رت سان شب قدر ملهائيندو آهيان.”
“مٿو ڦر ويو اٿئي.”
“اڄ توهان جي پيرم، ۽ منهنجي تلاش جي آخري شام آهي.”

رائيفل هٿ ۾ ڪيم، تہ سنهڙو ماستر منهنجي سامهون اچي بيٺو. چيائين، “ڪهڙو نہ طاقتور ۽ ناهوڪو جوان آهين. اڙي، پنهنجيءَ جوانيءَ تي رحم ڪر، موٽي وڃ.”

هڪ ڪن لاءِ ماستر ڏانهن ڏٺم. ڪانئس پڇيم، “پلا مست ٻڌائي سگهندو تہ منهنجو دوست ڪٿي پوريل آهي.”

“چو نہ،” هن فخر سان وراڻيو، “اڙي! پهتل اٿئي. ڪيس ستر هزار فرشتا اروڙ ۾ لاهي ويا هئا.”

“ها،” ماستر ٻڌايو، “ڪجهہ سال ٿيندا، تہ الله بخش مست هن ماري جي ٻاهران پيو هو. ڪيس ڪاري قميص پئي هئي ۽ قميص جو اڳو ڦاٽل هوس. سيني تي اونهي گهاءَ جو نشان هوس.”

“ڪاري قميص. اونهو گهاءُ.” ٽپ ڏيئي اٿي بيٺس.

ماستر کي ڌڪو ڏيئي، پري ڪري، پيهہ ۾ ڪاهي پيس.

سڌو اچي الله بخش مست جي ڪوٺيءَ وٽ بيٺس. ان وقت هو نذرانو وٺڻ لاءِ ٻن نوجوان عورتن سميت ڪوٺيءَ ۾ داخل ٿي رهيو هو. هڪدم سندس سامهون وڃي بيٺس. عورتون ڊپ وچان هڪ طرف هٽي ويون. مست گارين جو پرپور وسڪارو ڪيو. مست کي ٻانهن کان ورتم. سڄو هجوم ۽ سوالين جي خلق اٿي کڙي ٿي. ڪن سنڌيا ڪنيا، ڪن ٻاٺا، ڪن ڏنڊا ۽ ڪن کهاڙيون اپيون ڪيون. الله بخش مست کي ڪوٺيءَ ۾ اندر ڌڪو ڏيئي، هجوم جي سامهون رائيفل سڌي ڪري وڃي بيٺس.

ڪين ٻڌايم، ”مان عبدالرحمان ڏاڙيل آهيان.“
خلق تي برف ڪري پيئي. جيڪي الر ڪري اڳتي وڌي آيا هئا، سي هڪ وک پوئتي هٽي ويا. ڪنهن چيو، ”ڇڏيو. مست پاڻهي ئي پورو ڪندس.“
اندر وچي ڪوٺيءَ جو در بند ڪرري ڇڏيم. مست جي اکين مان ڇڻ الا نڪري رهيا هئا. مون کي ڏسي، گارين جي ڏم لائي ڏنائين. ور مان خنجر ڪڍي سندس سيني تي رکيم.
”تون ڪوڙو آهين. مڪريل آهين.“
جواب ۾ گاريون ڏنائين.
ڪيس ڪنڌ کان وٺندي چيم، ”تون عارب ماڇي ڏاڙيل آهين.“
اکين جي باهه ڍري ٿي ويس. چپن تي مرڪ تري آيس. منهنجي ٻانهن پري ڪندي چيائين، ”پهرين نظر ۾ تہ نہ سڃاڻي سگهين.“
ڳراٽڙي پائي ملياسين. چيم، ”وڏو ڀهروپيو ٿي پيون آهين.“
”ٽيڙو پيو آهي.“
”موٽندين نہ؟“
”ويهہ تہ سهي.“ ٻئي تڏي تي ويهي رهياسين. اهو عرصو جيڪو جدا گذاريو هئوسين، تنهن عرصي جون ڳالهيون ڪيوسيون.
ڳالهين ڪرڻ کانپوءِ چيم، ”عاربو، توکان سواءِ کهاڙيءَ تي ڪٽ چڙهي ويئي آهي.“
”منهنجو مجاور ٿيندين؟“ کلندي پڇيائين.

“چو ٿو پنهنجي ڪل لاهرائين،” ٻئي جٽا ٿهڪ ڏيئي کلي پياسين. چيم، “اڳ جو چوندو هئين، ڏاڙن کان سواءِ مري ويندين، سو اڄ ڪيئن جيئرو آهين؟”

چپن تي معنيٰ خيز مرڪ ڦهلجي ويس. چيائين، “بيوقوف سنڌين کي ڪهاڙين ۽ بندوقن کان سواءِ به ڦري سگهجي ٿو.”

تڏي جي ڪنڊ مٿي ڪري، ڪڏ ۾ زيورن ۽ پئسن جو انبار ڏيکاريائين. چيائين، “ڪنهن ڏينهن اچي سڀ ڪٽي وڃانءِ.”

حيرت مان ڏانهنس ڏٺم، “ڏاڍي ملڪيت ميڙي اٿيئي!”

وراڻيائين، “سنڌ ۾ ڪاني ڪرامتن جو پير ٿجي، يا رهزن ڏاڙيل. ٻئي ڌنڌا هڪجهڙا آهن. ٻنهي ۾ هڪ جيتري ڪمائي آهي.”

“ڪفر ٿو بڪين پوڪ.”

“مان پير آهيان. ياد رک.” کلندي چيائين، “ڏاڙيل لاءِ قانون آهي، پر ڪاني ڪرامتن جي پيرن لاءِ ناهي.”

“توسان پڇڻ، شيطان سان پڇڻ برابر آهي.”

“ان جملي لاءِ ڪن سڪي ويا هئا رحمان. پراڻا ڏينهن ياد ڏياري ڇڏيئه.”

“هلندين نه.”

“نه.” جواب ڏنائين، “اجا ملڪيت هٿ ڪرڻي اٿم.”

“پڪڙجي نه پوين.”

“ماهر ٿي چڪو آهيان. هن ڏاڙهي ۾ ڏپ آهي نہ ڏاءُ. ابوجهہ پنهنجو گهر ٻڌي نذرانو ڏيڻ ايندا آهن.”

ٻاهر خلق ۾ بيچيني وڌندي ٿي ويئي. سندن آواز اندر اچي رهيا هئا. هلچل زور ٿي ويئي هئي. مان اٿي بيٺس. ڪانئس پڇيم، “هتي رهڻ جو فيصلو ڪيو اٿئي ڇا؟”

“ها. جيستائين راز، راز رهندو، پير رهندس. نہ تہ توسان اچي ملندس.”

“مان تنهنجو انتظار ڪندس، سائين الله بخش مست.”

هن ٺهڪ ڏنو، “سنڌ ۾ چرين کي پير، ۽ ديوانن کي پهتل سڏيندا آهن.”

“چڱو عاربو، مان وڃان ٿو. خوش آهيان، جو توکي ڳولي لڌو اٿم.”

“ترس،” منهنجي سامهون اچي بيٺو. چيائين، “منهنجو ڪم خراب ڪيو اٿئي. مان ٻاهر هلي ٿو بيهان. تون سيني جي سامهون، منهنجي پيرن تي هٿ رکي، هڪ طرف هليو وڃجانءِ.”

ڳراٽڙي پائي موڪلايوسين. چيومانس، “ڏندو ٿي پيو آهين.”

وراڻيائين، “سچي ڳيهہ ۽ جوانڙين جي مهرباني آهي.”

عارب ماڇي ڪوٺيءَ جو در کولي ٻاهي اچي بيٺو. ماڻهن جي زبان تاروءَ سان لڳي ويئي. ٻاهر آيس. عارب جي قدمن ۾ ويهي، سندس پيرن تي ٻئي هٿ رکيم. خلق جو اعتقاد پختو ٿي ويو.

آواز آيو، ”واهه واهه، الله بخش مست، تو عبدالرحمان جهڙي ڏاڙيل کي جهڪائي ڇڏيو.“
اٿي بيٺس. ڪنڌ جهڪائي اڳتي نڪرري ويس.
ڪنهن چيو، ”سائين جي ڪرامت ته ڪو ڪونيءَ ۾ ڏسي.“
ماري ڪان ڦري اروڙ جي ڦٽل قلعي جو رخ ڪيم. سج لهي ويو هو. ڪنڊرن ۽جبلن تي اونده ڪاري چادر وڇائجي ويئي هئي.

# عشق ۽ انٽرويو

مان بروزگار هوس (اجان بہ آهيان) ۽ محبت بہ ڪندو هوس (هينئر جيڪي محبت ڪندا آهن، انهن جو ڪم خراب ڪندو آهيان.) مان پنهنجي ملڪ کي بدنام ڪرڻ نٿو چاهيان. ملڻ لاءِ نوڪريون تہ جام آهن، جهڙوڪ ڪنڊيڪٽري، ڪلارڪي، پٽيوالي، اردلي، پنگي، چهڙو وغيره، پر مان ڪنهن خاص قسم جي نوڪريءَ جي ڳولا ۾ آهيان، جيئن تہ ڪسٽم ۾ پروينٽو آفيسر، پوليس ۾ صوبيدار، آبپاشيءَ ۾ آبدار ۽ ڪنهن آباد علائقي جو مختيارڪار يا تپيدار. ان چڪر ۾ اجا تائين بيڪار آهيان.

مان، رمل ۽ ڏنو سولجر بازار ۾ پنگين جي پاڙي پرسان هڪ ڪڏيءَ ۾ رهندا آهيون. پيدرو ڏسوزا روڊ تي ڪڏين جي قطار آهي، جتي گهڻو ڪري ڪلارڪ، ڪنوارا ۽ بيروزگار رهندا آهن. اسان جي ڪڏي اولهہ طرف پڇاڙيءَ ۾ آهي، جتان ڏسوزا روڊ جي ٻئي پاسي وارن بنگلن جي پٺ نظر ايندي آهي. ان ڪڏيءَ ۾ مان، رمل ۽ ڏنو گڏريل ٽن سالن کان رهيل آهيون. زندگي اسان وٽ ر هيل آهي. اجا جيئرا آهيون.

رمل ميجسٽڪ سئنيما ۾ ٽڪيٽون وڪڻندو آهي ۽ هڪ ڏينهن سي. ايس. پي جو امتحان پاس ڪري ڊپٽي ڪمشنر ٿيڻ جا خواب ڏسندو آهي. هر آچر تي رمل پنهنجي انڌي ضعيف ماءُ کي خط لکندو آهي تہ پوڙهي تون خيال نہ ڪر، خوش رههہ، ايندڙ آچر تي مان ڊپٽي ڪمشنر ٿيندس ۽ تنهنجا ڏک سور لاهيندس.

منهنجو پيءُ روهڙيءَ ۾ درگي حلوائيءَ جي دڪان تي جليبيون تريندو آهي. مان ڪيس خط نہ لکندو آهيان. هو منهنجا خط پڙهڻ کان اڳ ڦاڙي ڇڏيندو آهي. مون ڪيس هڪ ئي نموني جا ايترا خط لکيا آهن، جو هو خط کولڻ کان اڳ خط جو مضمون سمجهي ويندو آهي.

اسان جو يار ڏنو فقط ڏنو آهي. مٿو ماٺهن جيترو اٿس، پر، ماٺهو چوندا آهن تہ ڏني جي مٿي ۾ اٺ آهي. اسان جو بہ اهوئي خيال آهي تہ ڏني جي مٿي ۾ نہ فقط اٺ آهي، پر هڪ ڏاند بہ وينل آهي. ڏنو درگاهي مجاور آهي ۽ خيرات جي پئسن مان ڪاليج ۾ پڙهندو آهي. گذريل ٽن سالن کان بي. اي جي آخري سال ۾ آهي. هو پنهنجي ڪورس جا سبق ياد ڪرڻ بدران، محبت جا ڊائلاگ يا ڪندو آهي.

آچر ڏينهن رمل 'آف' هوندو آهي، ۽ ڊپٽي ڪمشنر تي چا ڪندو، ان موضوع تي صبح کان رات تائين ڳالهائيندو رهندو آهي. اڪثر ٻڌائيندو آهي، تہ پاڻ ڊپٽي ڪمشنر ٿيڻ ڪانپوءِ ڪڏين جي مسواڙ

گهٽ ڪرائيندو، ڪڏين جي چرسي مالڪن کي مجبور ڪري ڪڏين ۾ رنگ روغن ۽ بجلي هٽائيندو – سئنيما جي بڪنگ ڪلارڪن جون پگهارون وڌرائيندو – فقط مارا ماريءَ جي فلمن جي حمايت ڪندو، ڇو جو لڙائيءَ سان ڀرپور فلمون ڏسڻ ڪانپوءِ قوم ۾ وڙهڻ جو جذبو ۽ جوش وڌي ويندو آهي، وغيره.

جنهن آچر جي هيءَ ڳالهه آهي، ان آچر تي رمل پنهنجو پروگرام ٻڌائيندي ٻڌائيندي اوچتو خاموش ٿي ويو. ڪجهه دير تائين سوچيندو رهيو. اک نانگ ۾ اٽڪائي ڇڏيائين، ۽ پوءِ ڪاٻي هٿ جو آڱوٺو نانگ جي ڦڻ تي رکي، اکيون بند ڪري ڇڏيائين. اکيون بند ڪري پيران پير دستگير ۽ ٻن چئن مقامي پيرن کي ياد ڪيائين، جيڪي پنهنجي علائقي جا نامي گرامي پير آهن، پر ڪين بين الاقوامي شهرت حاصل نه ٿي آهي. (فقط خواجه غريب نواز بين الاقوامي پير آهي.) مونکي رمل جي اها حرڪت پسند نه آهي. هٿ وڌائي سندس آڱوٺي تي نونگو هنيم. رمل نانگ جي ڦڻ تان هٿ ڪٽي ورتو، ۽ ڪرڙيون اکيون ڪندي چيائين، “وڏو ڪو واهيات آهين، ڪاريگر. مزي سان مرڻ به نه ٿو ڏئين.”

ٻيهر سنيالي سنيالي نانگ جي ڦڻ تي آڱوٺو رکي ڇڏيائين.

ڪڪ ٿيم، ته چيومانس، “يار بيزار نه ڪر رمل. جلد ڪر.”

“مرڻ ۾ جلد بازي فقط عاشق ۽ بيروزگار ڪندا آهن.” رمل وراڻيو، “مان مئجسٽڪ سئنيما جو بڪنگ ڪلارڪ آهيان، عاشقن جو دشمن آهيان.”
“اجائي جڪ نہ مار.”
“مان جلدي مرڻ نٿو چاهيان. مان ڊپٽي ڪمشنر ٿيڻ چاهيان ٿو.”
“وجي چائي پاءِ.” مان اٿي ڪڙو ٿيس.
رمل مون کي ٽنگ کان وٺي سٽ ڏيئي ويهاري ڇڏيو. چيائين، “ڪيڏايهن ٿو وڃين ڪاريگر. اڄ آچر آهي. اڄ هر ڪا شيءِ سست آهي. زندگي، ٽريفڪ، موت ۽ محبت سڀ سست آهن.”
“تون پنهنجي بڪواس بند ڪر. سخت بور ڪيو اٿئي.”
آچر ڏينهن هر ڪا شيءِ بور ۽ بينل هوندي آهي. رڳو ريس ڪورس جا گهوڙا ڊوڙندا رهندا آهن.”
وراڻيم، “تون ڊپٽي ڪمشنر ٿيڻ وارو آهين، تنهنڪري تقرير ڪرڻ کان رهي نہ سگهندين.”
“اڙي نہ نهہ. ترس ظالم، ترس.” رمل مون کي ٻانهن کان ڇڪيندي چيو، “مون ٻن سالن کان بوٽ نہ پاتو آهي. مون کي پلا بوٽ وٺي ڏيندين.”
“اڄڪلهہ رشوت وانگر بوٽن جو ملهہ بہ وڌي ويو آهي. ايندڙ ڏهن سالن تائين تون ۽ مان بوٽ پائي نہ سگهنداسين.”
“پلا سليپر وٺي ڏيندين؟”

“سليپر جي قميت هن کڏيءَ جي مسواڙ ۽ راڏا ڀنگياٽيءَ جي ريٽ جيتري آهي.”
“ڀلا چمپل.” رمل منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وجهي چيو، “ڏس ڪاريگر، منهنجو چمپل تنهنجي دل وانگر چڳل ۽ ڪٽل آهي.”
“ڏاڍو ڪو واهيات آهين رمل.”
“سچ ٿو چوان ڪاريگر، مون کي هڪ چمپل جي سخت ضرورت آهي.”
“ڪنهن مسيت مان وڃي چوراءِ.”
“ائين به جيڪر ڪيان، پر خدا کان وڌيڪ پوليس واري جو خوف ٿو ٿيم،” رمل ٻيهر منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وجهندي چيو، “وٺي ڏيندين ڪاريگر؟”
“مان بيروزگار آهيان.”
“تون بيروزگار آهين، پر قسمت جو ڌڻي آهين.”
“نه يار. هوءَ سياڻي صبح جو هلي ويندي.”
“ڪجهه ڏيئي به ته ويندءِ.”
هن چيو ۽ مان خاموش رهيس. دل جون ڪنگريون ڪري پيون. رمل ڏانهن ڏٺم. هو مون ڏانهن ڏسي رهيو هو.
چيائين، “خدا ته ڄاڻي ٿو، پر تون به ڄاڻين ٿو ته مونکي هڪ چمپل جي سخت ضرورت آهي.”
“ونجانءِ.”

“جيئي تنهنجي محبت ۽ محبوبه.” رمل خوش ٿي نعرو هنيو.
آڱوٺو نانگ جي ڦڻ تان ڪٽي ورتائين. ڇڪو ڪاٺ جي گلاسڙيءَ
۾ وجهي زور زور سان لوڏڻ لڳو. ٻه اڇنس ته نانگ، چار ته پار.
گلاسڙي لوڏيندي، ٻن ڇئن مقامي ۽ بين الاقوامي پيرن مرشدن
کي ياد ڪري ڇڪو قلابازيون کائيندو، ٽڙندو، رڙهندو نانگن ۽
ڏاڪڻين جي وچ ۾ بيهي رهيو.
رمل جي منهن جو پنو لهي ويو. پنهنجي ڳوٺ اٺانوي تان لاهي
ستاويهين خاني ۾ آٽي بيهاريائين. هڪ اونهو ساهه کڻندي
چيائين، “يار ڇڪي جو هڪ پاسو خالي ٻه هجي ها، بلڪل خالي،
اسان جي زندگيءَ جهڙو خالي.
”۽ نوڪريون جيڪڏهن Jack بدران ڇڪي تي ملن ها، ته پوءِ
هميشه ڇڪي جو خالي پاسو اسان جي حصي ۾ اچي ها.”
رمل راند تان اٿي ويو. پانو ڪٽي ڪٺ تي اڇلايائين.
پڇيائين، “سياڻي تنهنجو انٽرويو آهي نه، ٻارن روڪائڻ واري
مهم ۾ ڪنهن پوسٽ لاءِ؟”
“ها.”
“تياري ڪئي اٿئي؟”
“ها. ٻارن جا سيئي رسالا پڙهي دل سان هنڊايا اٿم.”
رمل هڪ پير کٽ جي پاٽيءَ تي رکندي چيو، “مان تنهنجو ڪچو
انٽرويو ٿو وٺان. سمجهه ته مان انٽرويو بورڊ جو ميمبر آهيان.”

انٽرويو بورڊ جا ميمبر ٽلها، بندرا ۽ نوڙها هوندا آهن. تون هينڊسم آهين.”

“Take if for granted” رمل چيو، “سمجهه ڪٽي ته مان انٽرويو بورڊ جو ميمبر آهيان، ۽ توکان سوال ٿو پڇان.”

“Yes Sir”

“تون ٻار گهٽ پيدا ڪرڻ لاءِ ڪهڙا اپاءَ تجويز ڪرين ٿو؟ رمل کهري ۽ ڪڙڪيدار آواز ۾ ڳالهايو.

مان منجهي پيس، هڪ ٻن ڪنٽراسيپوٽز جا نالا ٻڌايامانس، پر ڪيس جواب پسند نه آيو.

“Rejected، بلڪل عام ۽ واهيات جواب ڏنو اٿئي،” رمل ڪنهن سخت ميمبر جو نقل ڪندي چيو، “معقول ۽ عمل ۾ ايندڙ تجويز ٻڌاءِ.”

ڪجهه دير سوچڻ ڪان پوءِ چيم، “Sir، ملڪ ۾ عورتن بدران ڪدڙن کي ترجيح ڏني وڃي. جيڪڏهن خواجه سرائن سان شادي جائز قرار ڏني وڃي، ته جيڪر ٻار پيدا ٿيڻ ئي بند ٿي وڃن.”

“Silly” رمل ڪل روڪيندي ڳالهايو، “پٽ ڪاريگر، جيڪڏهن اهو جواب انٽرويو بورڊ کي ڏنو اٿئي ته پوءِ بورڊ وارا توسان به اهائي جٺ ڪندا، جيڪا هٽلر يهودين سان ڪرائي هئي.”

“Sir، مون کي صحيح جواب کان آگاهه ڪيو وڃي.”

"O.K،" رمل آفيسرن جي انداز ۾ ڳالهائيندي، ڀڳل ريڊيو جهڙو آواز ڪڍيو، چيائين، "ان سوال جو جواب آهي، ته مردن ڪي عورتن خلاف ۽ عورتن کي مردن خلاف هر پليٽ فارم تي ڀڙڪايو وڃي، جهڙوڪ، سياسي پليٽ فارم، سماجي پليٽ فارم، ازدواجي پليٽ فارم، ريلوي پليٽ فارم وغيره. ٻنهي گروهن ۾ هڪ ٻئي لاءِ نفرت پيدا ڪئي وڃي. جڏهن مرد ۽ عورتون گڏ سمهندا ئي نه، ته پوءِ ٻار پيدا ٿيڻ جو سوال ئي نٿو اٿي."

"واهه رمل، واهه" رمل جي پٺي ٺپيندي چيم، "واهه جو جواب ڏنو ٿئي. بدبخت تون به اپلاءِ ڪرين ها نه."

"مان ٿيندس ته ڊپٽي ڪمشنر، نه ته مئجسٽڪ سئنيما ۾ ٽڪيٽون وڪڻندو رهندس،" پوءِ رڌٽي ڏانهن ويندي چيائين، "مون کي چڪن برياني؍ جو به خيال رکڻو آهي. مان وڃانءِ ٿو."

رمل رڌٽي ڏانهن هليو ويو. ڪڏهن؍ ۾ مان رهجي ويس ۽ منهنجي اڪيلائي. ڪڏهن؍ ٻاهران ڪنهڙي وٽ محبت جو ڊائلاگ ياد ڪري رهيو هو. مون ڏني کي ڊسٽرب ڪرڻ نه چاهيو، ۽ ڪيس محبت جو ڊائلاگ ياد ڪرڻ لاءِ ڇڏي ڏنم. رڌٽي مان ڪفگير ۽ ديڳڙي؍ جي جلترنگ سان گڏ رمل جي ڳائڻ جو آواز اچي رهيو هو، جنهن ۾ هو ڪڪڙ جي تعريف ڪري رهيو هو.

انٽرويو جي پڪي تياري ڪئي هيم، پر تڏهن به دور ڪرڻ لاءِ شيلف تان ٻارن جا رسالا لاهي، فرش تي تڏو وڇائي ويهي رهيس.

بي انت نوڪرين لاءِ (خاص قسم جون) بي انت انٽرويو ڏينديي ڏيندي سمجهي ويو آهيان، تہ عام معلومات General knowledge جا ڪتاب جهڙوڪ: Encyclopedia Britannica ۽ Pear's Encyclopedia ٻوگر جو جنرل ناليج، ٽائيمس مئگزين وغيره بيڪار ۽ بيسود ڪتاب آهن، ۽ ڪم جا ڪتاب آهن ٻچون ڪي دنيا، ڪلونا، گل ڦل (جيڪو ناياب ۽ قلمي ڪتابن وانگر ڪڏهن ڪڏهن نظر ايندو هو، ۽ اڄڪلهہ 'اِناللہ و اِنا اليہ راجعون' تي ويو آهي) ۽ هالا سنڌ مان نڪرندڙ ٻارن جا رسالا. نوڪرين لاءِ انٽرويو ۾ جيڪي بہ سوال پڇيا ويندا آهن. انٽرويو ۾ هن قسم جا سوال پڇيا ويندا آهن: گنجن کي مٿي تي وار ڇو ٿيندا آهن. گڏهہ ڳالهائي ڇو نہ سگهندا آهن. عاشق، محبت ۾ برباد ٿيڻ ڪانپوءِ فلمي گانا ڇو ڳائيندا آهن. يا، موهن جي دڙي جو پهريون چيف انجنيئر ڪير هو ۽ هن رشوت جي پيسن مان ڇا ڇا اڏايو هو ۽ ورتو هو. راوڻ جو قد ڪيترو هو. انسان ۽ سوئر ۾ بنيادي مشابهت ڪهڙي آهي، وغيره. پر ڪڏهن ڪڏهن انٽرويو ۾ اهڙا تہ خوفناڪ سوال پڇندا آهن، جن جا جواب شايد انٽرويو بورڊ جي ميمبرن کي بہ نہ ايندا هوندا.

هڪ دفعي ڪلارڪيءَ (خاص ڪاتي جي) واري انٽرويو ۾ هڪ ميمبر، ڪنهن سنڌي سياستدان وانگر واڇ ڇبي ڪندي پڇيو هو، "شاهہ ايٿوپيا، شهنشاهہ هيل سلاسيءَ جي ساليءَ جو نالو ڇا آهي؟"

مان منجهي پيو هوس. سڄو جنرل ناليج ڪنن ۾ سيٽيون وڄائيندو نڪري ويو هو. سنڌي سياستدان جهڙو ميمبر ڪلڻ لڳو هو.

الاءِ ڇو ۽ الاءِ ڪيئن وراڻيو هئم ته، "اڄهو ڪجهه مهينا اڳ، هيل سلاسيءَ جي باڊي گارڊ ڇويهه ميلن جي ڊوڙ ۾ دنيا جون نئون رڪارڊ قائم ڪري، ڪارن جو ڪنڌ اوچو ۽ اڇن جو نيچو ڪري ڇڏيو آهي."

"اسان توکان هيل سلاسيءَ جي ساليءَ جو نالو پڇيو آهي."

ٽڏو ساهه ڪڍي وراڻيو هئم، "سائين شهنشاهه هيل سلاسيءَ جي ساليءَ جو نالو هيل سالي سلاسي آهي."

منهنجو جواب ٻڌي، انٽرويو بورڊ جا ميمبر پنهنجين پنهنجين ڪرسين تان ائين ڪڄي ويا، ڄڻ ته ڪرسين جي ڪشن جا اسپرنگ ڇڏائجي، سندن ويهڪن ۾ وڃي لڳا هئا. سڀئي حيرت مان هڪ ٻئي جو منهن تڪڻ لڳا هئا. منجهائن جيڪو وڏيڪ بندرو، گنجو ۽ مشڪرن جهڙو هو، تنهن پڇيو، "توکي ڙي ڪيئن خبر پئي ته هيل سلاسيءَ جي ساليءَ جو نالو هيل سالي سلاسي آهي؟"

ادب سان وراڻيو هيم، "سائين، مان هيل سلاسيءَ جي ساليءَ جو غلام آهيان."

ان جواب تي مون کي جواب ملي ويو هو ۽ نوڪري نه ملي هئي.

پر هڪ دفعي ذري گهٽ نوڪري (خاص ڪاتي ۾) ملندي ملندي رهجي هئي هئي. ان دفعي مون انٽرويو ۾ ڏاڍا ناهوڪا ۽ نهڪندڙ جواب ڏنا هئا. ٻارن جي رسالي مان جيڪي ڪجهه ياد هئم، مغز مان ڪڍي ميمبرن آڏو رکيم. ميمبرن به مون کي منجهائڻ ۾ ڪسر نه ڇڏي، پر مون به تياري تيارين جهڙي ڪئي هئي. ڪٿان ٿو ور چڙهان! مون کين آمريڪا جي مرحوم و مغفور صدر حضرت جان ايف ڪينيڊيءَ جي بيگم محترمه جيڪولين ڪينيڊيءَ جي جسماني خدوخال کان وٺي صدر ناصر جي خار، پوليس جي مار ۽ جمعو ڪينياتا جي بلڊ پريشر تائين نهڪندڙ جواب ڏنا. پوءِ منجهائڻ جيڪو چيئرمين هو ۽ دفتريءَ مان ڊپٽي ڊائريڪٽر ٿيو هو، تنهن چروٽ وات ۾ وجهي، مونکي سوال سان منجهائي ڇڏيو هو. پڇيو هئائين، ”انگريزي فلمن ۾ سيڪريٽ ايجنٽ کي گولي ڇو نه لڳندي آهي ۽ طاقتور بدمعاش کيس ڇو نه پڄي سگهندا آهن؟“ ڪجهه دير سوچڻ کان پوءِ وراڻيو هئم، ”ان جا به سبب آهن Sir. هڪ ته فلمي بندوقون خالي ۽ ڪوڙيون هونديون آهن ۽ فقط ٺڪاڪن جهڙا آواز ڪنديون آهن. ٻيو ته سرزمين تي شوٽنگ مهل پروڊيوسر، ڊائريڪٽر، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر، ڪئمرا مين، وغيره موجود هوندا آهن ۽ هيرو صاحب کي مار کائڻ نه ڏيندا آهن.“

منهنجو جواب ٻڌي هڪ ميمبر حيرت مان پڇيو هو، "پائنجي تو تون سيڪريٽ ايجنٽ آهين."

"No Sir" عرض ڪيم، "مان بيروزگار آهيان ۽ نوڪريءَ لاءِ ڪينڊيڊيٽ آهيان."

ساڳئي ميمبر پڇيو هو، "تجربو اٿئي؟"

"ڇا جو. مارا ماريءَ جو."

"نوڪريءَ جو."

"نوڪري ملڻ کان اڳ تجربو ڪٿان ايندو!"

ميمبرن کي ڪجهه ڪجهه ڪاوڙ لڳي. هڪ پڇيو، "سڄو ڏينهن ڇا ڪندو آهين."

"نوڪرين ۽ ٽپال ڪاتي جا اشتهار پڙهندو آهيان، پنجابي فلمن جا گانا ڳائيندو آهيان، ۽ رات جو ڪنهن خاص ڪاتي ۾ نوڪريءَ جا خواب ڏسندو رهندو آهيان."

"You are dangerous"

"No Sri, I am harmless"

(مٿيان ٻئي جملا سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي نٿا سگهن.)

"پيٽ ڪيئن پاليندو آهين."

"منهنجو هڪ دوست سئنيما ۾ ٽڪيٽون وڪڻندو آهي ۽ ٻيو مجاور آهي. مان ٻنهي جي رحم و ڪرم تي آهيان."

"ڇئبو تہ تون بلڪل نڪمو آهين."

“نہ سائين. مان بنگالي ٻولي سکندو آهيان، جيئن تہ ‘تومي اماکي گهيرينا کارو بولائي، امي تو ماکي يالو ياشي.’ کيئن پسند آيو جملو.”
“پلا اردو ٻولي بہ ڄاڻين؟” (انٽرويو انگريزيءَ ۾ هلي رهيو هو.)
“ها. فلمن جا ذري گهٽ سيئي ڊائلاگ سمجهي ويندو آهيان.”
پوءِ ميمبرن پاڻ ۾ صلاح ڪئي هئي. (اميدوارن کي ٽڏي تي جواب پئي ڏنائون) جڏهن چپن ۾ پڻ پڻ ڪري رهيا هئا، تڏهن هنن مان جيڪو وڏيڪ ٿلهو هو، تنهن چيو، “هن نوڪريءَ ۾ توکي سڄو ڪم اردو ۾ ڪرڻو پوندو. جيئن تہ توکي اردو چڱيءَ طرح نٿي اچي، تنهن ڪري اسان توکي نوڪريءَ ۾ نہ ڪڻنداسين.”
منهنجا ڇهہ ڇجي پيا. دل آهہ ڪئي. چپ ٽڙڪي اٿيا، ۽ وراڻيو هئم، “سائين منهنجي پيءُ کي انگريز مائي باپ ان ڪري نوڪريءَ ۾ نہ ڪنيو هو، جو منهنجو پيءُ انگريزي نہ ڄاڻندو هو. توهان مون کي نوڪريءَ ۾ ان لاءِ نٿا ڪڻو، جو مان اردو نٿو ڄاڻان. ڪٿي ائين تہ ناهي، انگريز سوٽ لاهي، شيرواني پائي موٽي آيا آهن.”
ميمبرن کي سخت ٻچان لڳي. ساڳئي ٿلهي ميمبر چيو هو، “تون ٻلڊي فول آهين. سمجهہ ڪان ڏيوالو آهين ۽ تنهنجو General Knowledge بہ ڪمزور آهي.

“ڪيئن ڪمزور آهي!” هڪدم وراڻو هئم، “مان عورت جي چالاڪي ۽ مرد جي بيوفائيءَ کان وٺي مذهب جي مام ۽ سياست جي زهر تائين هر هڪ موضوع تي ڳالهائي سگهان ٿو.”

ٿلهي ميمبر منهنجين اکين ۾ گهور ڪندي پڇيو هو، “يلا ٻڌاءِ، هاٿيءَ جا ڏند ڏيکارڻ لاءِ هڪڙا ۽ کائڻ لاءِ ٻيا ڇو هوندا آهن؟”

کهڙو جواب ڏيانس ها! وراڻيو هئم، “سائين، مان پنهنجي گذريل جنم ۾ ڏاند هوس. منهنجي ماضيءَ جا آثار موهن جي دڙي مان به مليا آهن. مان توهان جي سوال جو جواب ڏيئي نٿو سگهان.”

ٿلهي ميمبر ڪرسيءَ تان اٿي مون کي ٻانهن کان اچي ورتو هو. سٽ ڏيئي در تائين وٺي ويو هو، ۽ ٻاهر ڌڪو ڏيندي چيو هئائين، “تون بلدي فول آهين، ۽ اينڊز هڪ هزار سالن تائين نوڪري ڳولي نہ سگهندين.”

ان ڳالھ جو مون کي ڌڪ ٿيو هو ۽ مون ان ڏينهن کان زور شور سان ٻارن جا رسالا پڙهڻ ۽ پڙهي دل سان هنڊائڻ شروع ڪيا آهن. (اڳ فقط سرسري پڙهندو هوس.)

ٻارن روڪائڻ واري مهم ۾ نوڪري هٿ ڪرڻ لاءِ ٻارن جي هڪ رسالي مان هاٿيءَ تي مضمون حفظ يعني ياد ڪري رهيو هوس، جو ڪنهن منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو. منهن ورائي ڏٺم، مائيڪل بينو هو ۽ چئينگم (سنڌيءَ ۾ چيغم) چٻاڙي رهيو هو.

مائيڪل سولجر بازار جي ڪرستان ٻارن جو داداگير آهي، ۽ سڄو ڏينهن گهٽين ۾ سائيڪل هلائيندو آهي.

چيائين، “That lousy woman wants to see you” (هوءَ چسي عورت توسان ملڻ چاهي ٿي.)”

“Don’t be Silly (واهيات نہ ٿي.)”

“I am sorry, chum (مون کي افسوس آهي، يار.)”

زرينہ جو نياپو ڪٽي آيو هو. دل عشق ۽ انٽرويو جي وچ ۾ گهڙيال جي لڏڪٽي وانگر لڏڻ لڳي. ٻارن جا رسالا شيلف تي رکي ڇڏيم.

مائيڪل پڇيو، “Why don’t you are read comics?”

ڊايومانس تہ مون انٽرويو جي تياري پئي ڪئي، نہ ڪي لطيفا پئي پڙهيم.

مائيڪل کي منهنجي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي. ان جو اظهار انگريز ايڪٽرن وانگر ڪلها لوڏي ڪيائين.

مائيڪل هليو ويو.

مون ڪڏيءَ جي پوئين دريءَ مان ٻاهر نهاريو، جتان پيڊرو ڊسوزا روڊ جي پوئين پاسي وارن بنگلن جي پٺ نظر ايندي آهي. اسان جي ڪڏيءَ جي سامهون جيڪب آباد جي هڪ ڪراڙي زميندار جو بنگلو آهي. پاڻ سال ۾ فقط آگسٽ جو مهينو گذارڻ ايندو آهي. باقي يارهن مهينا بنگلي ۾ سندس دوست، سرڪاري آفيسر ۽

پوليس وارا شراب پيئندا، جوئا کندا، ۽ پيشو ڪرائيندڙ عورتون آڻيندا آهن.
زميندار سٺ سالن جو آهي ۽ وارن، مڇن ۽ ڏاڙهيءَ کي ’جوڪر چاپ‘ خضاب لڳائي، قدرت کي شهه ڏيندو آهي. سندس زال، زرينه، سورهن سالن جي آهي ۽ سانوري ۽ سهڻي آهي.
سنڌي زميندار صاحب جڏهن حڪيمن جا نسخا ۽ ڪشتا آزمائڻ لاءِ سوسائٽيءَ جي اڏن ۽ ڪراچيءَ جي مهذب ۽ فيشن ايبل هوٽل ڏانهن هليو ويندو آهي، تڏهن زرينه بنگلي جي پوئين پٽر ۾ اچي ويهندي آهي. ڏسي وٺانس ته دريءَ مان اولڙا هٽانس، نه ته هوءَ پاڻ ئي مائيڪل هٿان نياپو ڪندي آهي، مائيڪل کي سولجر بازار جي سيني عاشقن جي خبر آهي، ايتري قدر جو ڪيس پنهنجن ٽن پيئرن جي پندرهن عاشقن جي به خبر آهي. تنهن ڪري، مائيڪل هٿان نياپو موڪلڻ ۾ زرينه حجاب نه ڪندي آهي.
مائيڪل نياپو ڏيئي، سائيڪل تي چڙهي هليو ويو. مان ڪڏيءَ مان نڪري، ڪنهڙي وٽ آيس. ڏنو، اسان جو يار، محبت جو ڊائلاگ ياد ڪري رهيو هو.
ڏني کي ڳالهائڻ ۾ هبڪ آهي. لفظ کي ڀڃي پرزا پرزا ڪري ڇڏيندو آهي. هڪ دفعي ڏنو هڪ ٽائيپسٽ ڇوڪريءَ تي عاشق ٿي پيو هو. رمل ڪيس چيو هو ته جڏهن ڇوڪري وٽانئس اچي لنگهي، تڏهن هو جذباتي لهجي ۾ چئي وجي ته، ’مان توسان

محبت ڪيان ٿو’ ۽ ان لاءِ آگاھ ڪيو ھئائينس، جيئن تہ اڄڪلھ سينڊلن ۾ لوھي چنھنبائي ڪڙيون ھونديون آھن، تنھن ڪري ڊائلاگ چوڻ وقت ڏني ڪي مٿي تي پراڻو فولادي ٽوپلو، تئو يا ديڳڙو ھئڻ گھرجي. ڏني جي پرسان لنگھي ھئي، تڏھن ڏني چوڻ شروع ڪيو ھو، ڏني ڪي، رمل جي پھرين ڳالھ سمجھ ۾ آئي ھئي ۽ ٻي نہ. پوءِ جڏھن چوڪري مممان تنتو سسان مححبت ڪڪڪيان ٿٿو. جيستائين ڏني ڊائلاگ پورو ڪيو تيستائين چوڪري ڪانئس اڌ ميل ڪن پري ھلي وئي ھئي. ان ڏينھن ڏني کي ڏاڍو ڏک ٿيو ھو ۽ ھن رات جي ماني نہ کاڌي ھئي (ٻئي ڏينھن صبح جو ڊبل نيرن ڪئي ھئائين.)

ان ڏينھن کان ڏنو واندڪائيءَ جي وقت کو نہ کو محبت جو ڊائلاگ ياد ڪندو رھندو آھي. مان جڏھن ڪٿھڙي وٽان لنگھيس تڏھن ڏنو ياد ڪري رھو ھو، “مممان مممحبت –”

“نہ يار نھ،” سندس ڪلھي تي ھٿ رکندي چيم، “چئہ تھ، مان، منھنجي آرزو، مان توسان محبت ڪيان ٿو، تون منھنجو روح، منھنجي زندگي، منھنجي ڪائنات آھين.”

ڏني منھن ورائي منھنجي اکين ۾ نھاريو. ڪجھ چوڻ چاھيائين پر چئي نہ سگھيو. تڏھن اوچتو سندس چپ ڪنبڻ لڳا ۽ اکين ۾ پاڻي تري آيس.

ڏوري کي جهليندي، دلداري ڏيندي چيومانس، “دل نہ لاهہ ڏنا، مان توکي محبت جا اهڃاڻ اهڃا تہ گر ڏسيندس جو چالاک کان چالاک عورت بہ تنهنجي دام ۾ ڦاسي پوندي.”
رڌڻي جي جاري مان رمل پڇيو، “کيڏانهن ٿو وڃين ڪاريگر؟”
“سرحد پار.”
“چڪن برياني تہ نري ويندي.”
“اجهو ٿو موٽان.”
“ڏهہ منٽ؟”
“ها، ڏهہ منٽ.”
ڪڏيءَ مان نڪري پيدرو ڏسوزا روڊ تي اچي بيٺس. روڊ مان ڦٽندڙ گهٽين ۾ مائيڪل پنهنجن ساٿين سميت سائيڪل هلائي رهيو هو. پريان ئي هٿ لوڏيائين. رستو پار ڪندي هٿ لوڏي کيس جواب ڏنم.
زرينہ پوئين در جي وٿيءَ مان آهستي چيو، “الا ڪيڏو نہ سڪايو ٿئي.”
“سچ!”
“توهان ڪراچيءَ وارا ڏاڍا سنگدل آهيو.”
“ڪراچيءَ وارا! پيو ڪوبہ آهي چا؟”
“ڏاڍو پورڙو ٿو ٿئين! شيطان.”
“شيطان سڏيو اٿئي، تنهنڪري پاڻ کي خوشنصيب ٿو سمجهان.”

وٽي وڏائيندي چيائين، “اندر اچ تہ ڪو ڏسي نہ وٺي.”
اندر ويس. هن در بند ڪري ڪڙو چاڙهي ڇڏيو. منهن ورائي مون کي ڳراٽڙي پاتائين.
چيائين، “منهنجي قرب لاءِ تو وٽ تر جيترو بہ قرب ڪونهي.”
“آهي، چو نہ آهي!”
“ڪوڙا.”
هوءَ مون کي ٻانهن کان ڇڪيندي ڪمري ۾ وٺي وئي. مون کي پلنگ تي ليٽائي، پاڻ پاسي واري ڪمري ڏانهن هلي وئي.
پلنگ جي پاسي ۾ سائيڊ بورڊ رکيل هو، جنهن تي ڪنهن ڪراڙي جي فريم ۾ جڙيل تصوير رکي هئي. هڪ نظر ۾ ڀانيم تہ منهنجي ڏاڏي جي تصوير هئي. پاسو ورائي غور سان تصوير ڏانهن ڏٺم. نہ. تصوير منهنجي ڏاڏي جي نہ، پر زرينہ جي زميندار مڙس جي هئي. تصوير جي پاسي ۾ ميڪ اپ جو سامان ۽ مردانہ طاقت وڌائڻ، پيدا ڪرڻ ۽ ديرپا جٽاءَ لاءِ دوائن جون بہ چار شيشون رکيون هيون. ‘بيمثال’ ڪيپسولن جي شيشي کڻي استعمال ۽ ترڪيب جو اشتهار پڙهڻ لڳس. سوچيم، سياڻي انٽرويو آهي، متان ڪو مت جو ماريل نوڙهو ميمبر انهن ڪيپسولن جي باري ۾ سوال پڇي ويهي! هڪدم هٿ وڌائي ‘سلاجيت’ گورين جي شيشي کڻي گورين جا حيرت انگيز ڪارناما پڙهڻ لڳس. زرينہ ڪمري ۾ موٽي آئي. ان وقت مان

‘نائيٽ پلز’ جي تعريف پڙهيو رهو هوس، جنهن تي آدمخور چيتي جي تصوير ٺهيل هئي. زرينہ کان پڇيم، “هي دوائن ڪائڻ کان پوءِ، ماڻهو انسان مان ڦري جانور ٿي پوندو آهي ڇا؟”
جهٽ ڏيئي شيشي منهنجي هٿ مان ڦري ورتائين. چيائين، “توکي وري هنن ڪنين گورين جي کهڙي گهرج!”
جواب ڏيڻ لاءِ وات کوليم تہ هن هڪ گلاب چمون منهنجي وات ۾ وجهي چڙيو ۽ پرسان ئي پلٽي ماري، پلنگ تي چڙهي ويٺي.
گلاب چمون اڳري، اوڳرائي ڏيئي، نڙي صفا ڪندي چيم، “تنهنجو مڙس منهنجي ڏاڏي جيڏو آهي.”
زرينہ هڪ ٻيو لڏون منهنجي وات ۾ وجهندي وراڻيو، “منهنجي گهر واري کي ٽين زال مان جيڪا ڌيءَ آهي، سا مون کان وڏي آهي.”
لڏون کائي رهيو هيس تہ هن حبشي حلوي جوٽڪر مون ڏانهن وڌايو. کيس منع ڪيم، “نہ نہ ترس. اڄ اسان چکن برياني رڌي آهي. مان هيءَ مٺائي پنهنجي ڪڏيءَ ۾ ڪٽي ويندس ۽ وچي دوستن سان کائيندس.”
هن حبشي حلوي جو ٽڪر مٺائيءَ جي پيتيءَ ۾ رکندي پڇيو، “چکن برياني ڇاهي؟”
“ڪکڙ جو پلاءُ.”
“ڪنهن رڌو آهي؟ تو؟”

“رمل.”

“اهو رمل ڪير آهي؟”

“رمل منهنجو سنگتي آهي ۽ ايندڙ آچر تي ڊپٽي ڪمشنر ٿيندو؟”

“ٽپيدار نہ ٿيندو؟”

“نه. ڪيس هڪ رات ۾ تاج محل ٺهرائڻ جي تمنا ناهي.”

هوءَ منهنجي پر ۾ ليٽي پيئي ۽ آڱرين سان منهنجن وارن ۾ ڦڻي ڪرڻ لڳي.

مون اکيون بند ڪري ڇڏيون. ڪن رکي چيم، “هن ڪمري ۾ ڇهه دريون، اٺ روشندان، ۽ ٻہ در آهن. آهن نه؟”

“چو؟ پڇي ويندين ڇا؟”

“چري، سپاٽي مون کي انٽرويو ڏيٽو آهي.” وراڻيم، “پنهنجي Observation يعني مشاهدي جو امتحان پئي ورتم.”

“اهو انٽريٽ ڇا آهي؟”

“ڪجهه نوڙها، پوڙها، ۽ سپاٽا ماڻهو، بيروزگار، بيوقوف ۽ پوڪن کي نوڪريءَ ۾ رکڻ کان اڳ ڪانئن حساب ڪتاب وٺندا آهن. ان سموريءَ جٺ کي انگريزيءَ ۾ انٽرويو چئبو آهي.”

“آئي مان منيس! الاءِ ڇا چئي وئين!”

“نہ سمجهيئه؟”

“نه.”

“چڱو جو نہ سمجهيئهہ” وراڻيمہ “اها اسان جي ئي سمجهڻ جي ڳالهہ آهي.”

زرينہ خاموش رهي. مون اکيون بند ڪري ڇڏيون. هوءَ منهنجن وارن ۾ آڱريون ڦيرائيندي رهي.

پڇيومانس، تنهنجو ڏاڏي جيڏو مڙس ڪيڏانهن ويو؟”

خفي ٿيندي وراڻيائين، “مون کي گنهگار تہ نہ ڪر.”

“ءِ هي جو مان توسان گڏ سمهيو پيو آهيان سو ڇڻ —”

هن مون کي جملو پورو ڪرڻ نہ ڏنو ءِ منهنجي وات تي هٿ رکي ڇڏيائين.

ڪجهہ دير رکي، گهٽيل آواز ۾ چيائين، “اسان سڀاڻي صبح جو جيڪب آباد موٽي ويندا سين.”

“سڀاڻي صبح جو مون کي انٽرويو ڏيڻو آهي.”

ڪو وقت ٻئي خاموش رهياسين. پوءِ جهيڻي آواز ۾ ڳالهايائين، “اسان اينڌڙ اونهاري موٽي ايندا سين. تون مون کي ڏاڍو ياد ايندين.”

هوءَ اڳتي سري آئي ءِ پنهنجو منهن منهنجي ڪلهي تي رکي ڇڏيائين.

ڪانئس پڇيم، “جيڪب آباد ۾ سڀ کان وڌيڪ گرمي ڪهڙي ڏينهن پئي هئي ءِ ان ڏينهن ٽمپريچر ڪيترو هو؟”

“ڏاڍي گرمي ته پوئين ٻڪر واري عيد ڏهاڙي پئي هئي،” هن وراڻيو، “ان ڏينهن اسان جا ٻه ڪتا ۽ هڪ ڪڙمي ڪانئيون ڪندي مري ويا هئا. پر اهو مو ٽمپريچر چاهي؟”

“ٽيمپريچر معنيٰ بخار.”

“ان ڏينهن ڪنهن کي ٻه بخار نه ٿيو هو.”

پوءِ هن ڪيتريءَ دير تائين مون کي پنهنجين ٻانهن مان نه ڪڍيو. چيائين، “تون گذريل سال ڪان ڏٻرو ٿي ويو آهين.”

وراڻيم، “ڏٻرا ڊور ٿيندا آهن. مان ماٺهو آهيان، ڳري ويو آهيان.”

“تون روز مکڻ ۽ ٻسري پوري کائيندو ڪر.”

“حاضر، ٻيو ڪو حڪم.”

“ڪڪڙ، تتر ۽ ڦاڙهي جو گوشت جام کائيندو ڪر.”

“ٻيو ڪجهه؟”

چوندي رهي، “توهان شهري ماٺهو ڊالڊو گيهه کائيندا آهيو. تون نه کائيندو ڪر. تون سنڌ جو سچو گيهه کائيندو ڪر.

“حاضر.”

اوچتو پڇيائين، “مون کي وساري ته نه ڇڏيندين؟”

“نوڪري ملي ويئي ته پوءِ نه وساريندومانءِ.”

ٻاهرين در تي ڪڙڪو ٿيو.

هوءَ ڇرڪ ڀري اٿي ويني. چيائين، “ٻاپان ٿي هو اچي ويا آهن. تون وڃ.”

“منائيءَ جو دٻو ڪٿي وڃان؟”
“ها.” سائيڊ بورڊ جي خاني مان نوٽن جي مٺ پري منهنجي ڪيسي ۾ وجهندي چيائين، “جيئرا رهياسين ته ايندڙ سال ملنداسين.”
“مان جيئرو هوندس. ان جي مونکي پڪ آهي. تون پنهنجو خيال ڪر،” وراڻيم، “مصيبتون مون کي مرڻ نه ڏينديون.”
هوءَ مون کي پٽڙ جي پوئين در تائين ڇڏڻ آئي. اکين ۾ آب هئس. چيائين، “شل صوبيدار ٿئين.”
“واهه. پوءِ ته مان تنهنجي مڙس جو سنگتي ٿي پوندس.”
چيائين، “اڄ ته موڪلايون.”
موڪلايوسين. مون ڪيس پنهنجين ٻانهن ۾ ڪٽڻ چاهيو، پر ڪٽي نه سگهيس. پڇيم، “تنهنجو وزن ادائي سؤ پائونڊ ڪن ته ٿيندو؟”
“الاءِ پر ٽن مڻن کان مٿي نه ٿينديس.” هن مون کي پنهنجين ٻانهن ۾ ڀيڪوڙيندي چيو.
چيم، ”زور نه ڏجانءِ مون کي سياٽي انٽرويو ڏيڻو آهي.”
زرينہ مونکي پنهنجي ڀاڪر مان آزاد ڪيو. مان ڊوڙ پائي، بلٽ ڪولي، پيڊرو ڊسوزا روڊ تي وڃي بيٺس.
ڪڏيءَ جي ڪنهڙي وٽ ڏنو بيٺو هو، ۽ محبت جو ڊائلاگ ياد ڪري رهيو هو. سندس ڪليل وات ۾ هڪ جمو وجهي ڇڏيم. هو جمو چٻاڙڻ لڳو ۽ محبت جو ڊائلاگ چوڻ ڇڏي ڏنائين. ڪيس ٻانهن کان ڇڪيندو ڪڏيءَ ۾ وٺي آيس.

ڪٿيءَ جي وچ ۾ فرش تي رمل تڏو وڇائي وينو هو. اڳيان چڪن برياڻيءَ جو ديڳڙو ۽ خالي ٿالهه هئس.

ٻڪ ۾ پاهه پئي ٿيس. چيم، ”يار رمل، سخت ٻک لڳي آهي.“

وراڻيائين، ”اول ته رپيا پنجانوي پيسا ڪڍ، پوءِ مرغ برياڻيءَ جو گرهه ملندءِ.“

”ڇو؟ ڇا جا پئسا؟“

”واهه پٽ ڪاريگر! ڇا جا پئسا!“ رمل نج شڪارپوري لهجي ۾ چيو، ”چمپل جا، ٻيو وري ڇا جا، پيٽنو.“

”وٺ بابا وٺ، مرين ڇو ٿو،“ رمل کي ٽي رپيا پنجانوي پيسا ڏنم. رمل پيسا کيسي ۾ وجهي، ديڳڙي جو ڍڪ لاهي ڇڏيو. بڪايل هئاسين. پوءِ جڏهن دال – چانور ديڳڙيءَ مان ڪڍي ٿالهه ۾ وڌائين، تڏهن ڪجهه جهڪياسين ۽ گرهه مٿان گرهه کڻندا وياسين.

# ڌرتيءَ جي ڌوڙ، آسمان جا تارا

جنهن ڏينهن سندس عزت لٽي هئائين، تنهن ڏينهن خواب خيال ۾ ٻہ نہ هئس، تہ فقط ڪجهہ مهينن ڪان پوءِ هوءَ سندس جان جنجال ۾ وجهي ڇڏيندي، ۽ جيئڻ عذاب ڪري ڇڏيندي.

ڳوٺ موٽيو تہ سيراج ٻڌايس، ”شاهو، باليءَ جي پيٽ ۾ تنهنجو ٻار آهي!“

مسلسل خيالن جا سلسلا شاهوءَ جي دماغ کي وڪوڙي ويا. هڪ غريب، مسڪين ۽ مفلس ڀيلياٽي هن لاءِ مسئلو ٿي پيئي. هڪ آزاد، بي پرواهہ شخص جي پيرن ۾ ڄڻ زنجير پئجي وئي.

هڪ ان ڏينهن کي ملامت ڪرڻ لڳو، جنهن ڏينهن ڀيلن جي ٽوليءَ روهڙي اسٽيشن ٻاهران گهانگهوٽي ميدان ۾ پنهنجا پڪا ۽ جهڳيون اڏيون هيون. منجهن بالي بہ هئي، ميري، گدلي، جوئن واري بالي.

انهن ڏينهن ۾ شاهو وئڪيشن گذارڻ لاءِ ڳوٺ آيو هو.

جوانيءَ جي روانيءَ کي نہ ذات پات روڪي، نہ دين ڌرم ڌيرج ڏئيس. باليءَ جي چلڪندڙ جواني جهٽ روهڙي شهر جي نگاهن جو مرڪز ٿي پيئي. سندس بدمست جوڀن چتين لڱل ڪپڙن مان

جهاتيون ٿي پاتيون. آواره ته بدنام هوندا آهن. سندس عيش اکين جي الڪي ۾ ٻن چئن لذيذ لفظن تائين محدود هوندو آهي، پر جن شريفن کي عطر ۾ سينٽ سان هٻڪاريل جسم ميسر هوندا آهن، سي به پنهنجون چمڪندڙ موٽرون ۾ ٽانگا ترسائي، باليءَ کي ينيلائڻ لڳندا هئا، پر هوءَ جهنگلي گل هئي. جنهن به هٿ وڌايو، زخمي ٿي موٽ ڪاڏي. هوءَ آدم کان حوا جو انتقام هئي. سندس ڪم هو صبح کان شام تائين ڪارا ناهڻ. شام جو جڏهن به چار ڪارا ڪٽي وڪڻڻ لاءِ نڪرندي هئي، تڏهن سڀ ڏينهن جو ٿڪ لاهڻ لاءِ هوءَ پنهنجي جسم کي ڪاريهر جهڙا ڪر ڏيندي هئي. يلا ڪير نه ڏنگجي!

هوءَ هئي به بيحد سلوڻي. پهرين ڏينهن باليءَ کي ڏسڻ شرط سراج شاهوءَ کي ڪن ۾ چيو، "چوري نمڪين آهي."

"ڦهر ڪندي بابل،" شاهوءَ چپن تي زبان ڦيريندي چيو، "روهڙيءَ کي اروڙ ڪري ڇڏيندي."

"رڳن ۾ ڪنهن نيڪ خاندان جو خون اٿس."

شاهوءَ ٽيڏيءَ اک سان سراج ڏانهن ڏٺو. ٺوڪ سهي ويو. چيائين، "ييلن، مينگهواڙن ۾ اڇوتن جي جسم ۾ وڏن وڏن شريف خاندانن جو خون هوندو آهي."

بالي بهترين پيوند جو گل هئي.

شاهو باليءَ لاءِ واجهائڻ لڳو.

شاهوءَ کان سواءِ سيئي جوان پنهنجي پنهنجي قسمت آزمائي چڪا هئا، پر هر ڪنهن جو منهن وجي پٽ سان لڳو. اميدوار جوانن مان فقط شاهو ئي بچيل هو، جنهن سان باليءَ جي ڏي وٺ نه ٿي هئي. شاهو پراڻو پاپي هو. عورتن جي معاملي ۾ خبردار رهندو هو. اٽڪلن کان واقف هو. ڪاليج کان وٺي پاڙي جي جوان عورتن تائين، ڪابہ سندس چار مان نڪري نه سگهندي هئي. عورت کي ڦاسائڻ ۽ راضي ڪرڻ جا هن کي پنهنجا طريقا هئا. آزمايل نسخا هئس. راهون سجاتل هيس.

اول هن باليءَ کي نظرانداز ڪري ڇڏيو. ڏانهنس اک کڻي بہ نه نهاريندو هو. مٿس پنهنجي شرافت جو رعب ويهارڻ لاءِ مٿي تي ٽوپي رکي، سندس آڏو لنگهي مسجد ۾ ويندو هو. مسجد جي در وٽ ترسي، اک ٽيٽ ڪري کيس ڏسندو هو. باليءَ جون نگاهون اڪثر سندس تعاقب ۾ مسجد جي در تائين هليون ايندڙيون هيون. هو نماز پڙهڻ بنا، مسجد جي پوئين در مان نڪري جندل ڪاسائيءَ جي جوئا جي ٽڪريءَ تي وجي پهچندو هو.

سراج، شاهوءَ جي ڳجهين، اٽڪلن ۽ حرفتن کان واقف هو. پر جيڪا چال هن باليءَ سان چلڻ شروع ڪئي هئي، تنهن سراج کي بہ اچرج ۾ وجهي ڇڏيو. هڪ ڏينهن سراج شاهوءَ کي ڏوري ۾ ڇهنڊڙي پائيندي چيو، ”شهر جا چڪن تڪا ڪائي ايڏو تہ ڍءُ ڪيو اٿئي، جو جهنگلي تتر کي ڪٽ ۾ ئي نٿو آڻين!“

شاهوءَ ڪنگهي نڙي صاف ڪئي. چيائين، “ابابيلن جو شڪار تير ڪمان سان نہ ڪبو آهي.”

هڪڙي ڏينهن شاهوءَ باليءَ ڪان ڪارو خريد ڪيو. باليءَ سامهون رکيل ڪارو شاهوءَ ڏانهن وڌايو.

“نہ نهہ، اهو نهہ. هو، جيڪو پريان رکيو آهي.” شاهوءَ هڪ ڪاري ڏانهن اشارو ڪيو.

هوءَ پنهنجي جاءِ تان اٿي. آرس موڙيائين. ڪارو ڪڍي آئي. شاهوءَ ڪارو جاچي ڏٺو. چيائين، “هن ۾ وڏيون وٿيون آهن.”

“شاجي لاءِ ٿو وٺين؟”

شاهوءَ ڪان چرڪ نڪري ويو. پاڻ سنڀالي باليءَ جي اکين ۾ نهاريائين. باليءَ جي چپن تي دل لڀائڻ جهڙي مرڪ هئي. ٻيهر پڇيائين، “شاجي لاءِ ٿو وٺين؟ انبن لاءِ، يا خارڪن لاءِ؟”

شاهوءَ پنهنجو ساهہ آجو ٿيندو محسوس ڪيو. وراڻيائين، “خارڪن لاءِ.”

“ترس. خارڪن لاءِ خارو مان تي ڳولي ڏيانءِ.” هوءَ ڪارا هيٺ مٿي ڪرڻ لڳي. هڪ ڪارو ڳولي ڪڍي آئي. “هي خارو اٿئي خارڪن لاءِ.”

ڪارو وٺندي شاهوءَ سندس اکين ۾ جهاتي پاتي. پانيائين، سندس اکين جي اونهي ساگر ۾ ٻڏي ويندو.

ويندي ويندي چيائين، ”هڪ سنو ڪارو ٺاهي رکجانءِ. سياڻي ڪٽڻ ايندس.“ باليءَ ڏانهن پيسا وڌايائين.

”خارو ڪنرر ايندين، تہ پيسا بہ سيارين ڏجانءِ.“ هن ڪنڌ کي خم ڏنو.

شاهوءَ جي دل وجي ڪوڙڪيءَ ۾ اٽڪي.

بئي ڏينهن ڪارو ونڻ ويو تہ باليءَ چيس، ”هي خارو تولاءِ ٺاهيو اٿم.“

”منهنجي لاءِ؟“

”هائو.“ هوءَ ڪارو ڪٽي آئي. ڪارو شاهوءَ ڏانهن وڌائيندي چيائين، ”ڪيال سان ٺاهيو اٿم.“

”سچ؟“

”هائو.“

”چو؟“

بالي منجهي پيئي. جواب نہ پئي سجهيس. نيٺ ڳيت ڏيندي چيائين، تون نماجي آهين نه، ان ڪري.“

شاهوءَ ٺهڪ ڏنو. ڪيس جواب نہ ڏنائين.

باليءَ چيو، ”هن خاري جا بہ رپيا وٺندي مانءِ.“

”چو؟“

”ڪيال سان جو ٺاهيو ٿم.“ باليءَ ڪنڌ کي خم ڏنو ۽ شاهوءَ ڏانهن چتائي ڏنائين.

شاهوءَ ساڻس اک ملائي نہ سگهيو. ڪانئس پڇيائين، ”ڏينهن ۾ گهڻا ڪارا ناهي وٺندي آهين؟“
”ڪڏهن ٽي، ڪڏهن چار.“
”تڏهن تہ ڪافي ڪمائي وٺندي هوندينءَ!“
”سيئي تہ نہ وڪامندا آهن. ڪڏهن ٻه، ڪڏهن ٽي.“
”پوءِ بہ تولاءِ ڪوڙ آهن.“
”مان هيڪلي تہ نہ آهيان. منهنجي ڪراري ماءُ آهي. انڌو پيءُ آهي.“ باليءَ عام رواجي نموني چيو.
”تنهنجو پيءُ انڌو آهي؟“ شاهوءَ جي چپن تي ٺٺولي ڪنڌڙ مرڪ ڦهلجي ويئي.
”ها.“
”ڪيئن ٿي چوين.“ شاهوءَ جي منهن تي بدستور مرڪ مهڪندي رهي.
باليءَ حيرت مان ڏانهنس نهاريو. هوءَ سندس سوالن جي تهہ تائين پهچي نہ سگهي. تڏهن بہ چيائين، ”منهنجو پيءُ انڌو آهي. مان ڪيس پارين پرين ڏيندي آهيان. هو ڏسي بہ نہ سگهندو آهي.“
”سمجهيم، تہ اهو انڌو شخص تنهنجو پيءُ آهي.“ شاهوءَ جي منهن تان مرڪ گم ٿي ويئي. چپن ۾ پڙڪيو، ”ويچارو.“

باليءَ جي حيرت دور نہ ٿي. سندس هٿ اڃا نيهل ڪاري وٽ بيهي رهيا. شاهوءَ هڪ ٻئي سوال سان ماني پاٽيءَ جي اونهائي پرکي ورتي هئي.

ڳالهہ جو سلسلو جاري رکڻ لاءِ چيائين، "پاڻ ۾ گهڻا ڀاءُ ڀيڻ آهيو؟"

"هڪ ڀاءُ ۽ ٻہ ڀينرون."

"هو بہ ڪارا ناهيندا آهن؟"

"اون هون،" هن ڪارو ناهيندي جواب ڏنو، "منهنجو ڀاءُ ڳڏهن تي مٽي ڍوئيندو آهي."

"۽ ڀينرون؟"

هن ڪنڌ ڪٽي شاهوءَ ڏانهن ڏٺو. گهڙي ڪن شاهوءَ ڏانهن ڏسڻ ڪان پوءِ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائين. وراڻيائين، "ٻئي ڏنڊو ڪنديون هيون."

"ڇا!" شاهوءَ ڪان حيرت مان دانهن نڪري ويئي.

"هلنديون هيون،" باليءَ جي چپن تي زهر آلود مرڪ تري آئي. جڻ ٻنهي تي ٽنولي پئي ڪيائين.

"پوءِ؟"

"وڏي هڪ پنجابي بدمعاش سان سادي ڪري ڀڄي وئي،" هن ڪارو ڪشيندي چيو، "۽ هن وڃي ٻجار ۾ ويهاريس."

نندي پيڻ جي باري ۾ شاهوءَ ڪائنس ڪجهه نہ پڇيو، پر هن پاڻ
ئي ڪيس ٻڌايو، "نندي هڪ ٻروچ سان شڪارپور ڀڄي ويئي."
هوءَ اوچتو اداس ٿي ويئي. آواز پرجي آيس. اکين جي چمڪ
اجهامي ويس. گهٽيل آواز سان چيائين، "ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ
منهنجي پيءُ جو اگهارو لاس سنڌوءَ جي ڪپ تي پيو هو."
اکيون آليون ٿي ويس.
شاهوءَ جهيڻي آواز ۾ چيو، "مرد بيحد ظالم هوندو آهي، بالي"
"تون بہ تہ مرد آهين."
"مان باغي آهيان، بالي."
هن جواب نہ ڏنو، خاموش رهي. نہ وري شاهوءَ ئي ڪجهہ ڳالهايو.
هن ڪارو ڪنيو ۽ ڪنڌ جهڪائي اڳتي نڪري ويو.
شاهو ساموندي ڏاڙيل وانگر هوا جي رخ جو انتظار ڪرڻ لڳو.
هڪ ڏينهن مسجد ڏانهن ويندي، باليءَ وٽ ڪن لاءِ ترسندي
چيائين، "بالي، تو جهڙي محنتي ڇوڪري مون عمر ۾ نہ ڏٺي
آهي."
هن منهن مٿي ڪري، ڪارن ڪارن نيڻن سان شاهوءَ ڏانهن
نهاريو. شاهوءَ سندس ذهن کي سوچڻ جي فرصت نہ ڏني. چيائين،
"محنت عيب آهي نہ پاپ. محنت عورت جو شان آهي، بالي."
۽ جڏهن شاهو مسجد ڏانهن وڌي ويو، تہ الاءِ ڪيتريءَ دير تائين
هوءَ پنهنجي رڍ مغز سان ڌڙڪندڙ دل کي سمجهائيندي رهي.

تتل منجهند کان پوءِ جيڪا پوسٽ واري شام آئي هئي، تنهن ۾ هوءَ شاهوءَ جي ڪمري جي دريءَ وٽان لنگهي هئي. سانورو رنگ اس ۾ ٽامڙي هٽي ويو هئس. سهڪي رهي هئي. شاهوءَ ڪيس سڏ ڪري ويهاريو. هوءَ دڪيءَ تي ڪارا رکي، هڪ هٿ چيلهه کي ڏيئي ويهي رهي. ٻي هٿ جي آڱرين سان نرڙ تان پگهر اگهيائين. شاهوءَ در کولي ڪيس اندر سڏ ڪيو، "اندر اچ بالي. ٻاهر اس آهي."

"نه نهه. ٻاهر نيڪ آهيان."

"مون کان ڊپ ٿو ٿيئي ڇا؟"

باليءَ جي منهن تي مرڪ اچي ويئي. جواب نه ڏنائين. ڪارا کڻي اندر هلي ويئي. ڪارا فرش تي رکي اليڪٽرڪ پکي هينان ٿي بيٺي. ٻانهون مٿي ڪري وار سلجهايائين ته نونين مان پگهر جا ڦڙا ٽمڻ لڳس. شاهو ريفريجريٽر مان پاڻيءَ جي بوتل ڪڍي گلاس ڀري ڏنس. يخ جهڙو گلاس هٿ ۾ جهلي هوءَ گلاس جو پاڻي جاچڻ لڳي.

"ٻيو ڪجهه ته ناهي."

"مون تي به شڪ اٿئي بالي!"

ساڳي مرڪ باليءَ جي چپن تي تري آئي. جواب نه ڏنائين. گيٽ ڏيئي، يڪ ساهي سمورو گلاس پي ويئي. شاهوءَ ٻيو گلاس ڀري ڏنس. ٻه چار ڍڪ ڀري، ٿڌو ساهه کڻي، هوءَ غاليچي تي ويهي

رهي. ساهه جائيتو ٽيس تہ پڇيائين، ”تون هت رهندو آهين، نماجي؟“
”منهنجو نالو نمازي ناهي،“ هو ڪلي پيو، ”منهنجو نالو شاهه محمد آهي. مونکي شاهو سڏيندي ڪر.“
”هت رهندو آهين؟“
”ها، مان هتي رهندو آهيان.“
هن ڪمري ۾ چئني طرف پنهنجون نگاهون ڦيرايون.
نظرون پردن تان ترڪنديون شوڪيس تي وڃي ڪتس. اڳتي وڌي شوڪيس جي سامهون وڃي بيٺي. گوڏن تي هٿ رکي جهڪي بيٺي.
”رانديڪا شو رکيا ٿئي؟“ هن شاهوءَ ڏانهن ڏسندي پڇيو، ”ٻار اٿئي شا؟“
”اڃا شادي نہ ڪئي اٿم.“
”تہ پوءِ رانديڪا شو رکيا ٿئي؟“
”اهو فيشن آهي، بالي.“
باليءَ کي شاهوءَ جو جواب سمجهہ ۾ نہ آيو. رانديڪا ڏسندي پڇيائين، ”هي شاهي؟“
”رڇ.“
”رش تہ ڪارو ٿيندو آهي.“
”ڪي رڇ اڇا بہ ٿيندا آهن.“

“ءِ هي پولڙو بہ رکيو ٿئي!”
“ها پولڙن ۾ هڪ خوبي ٿيندي آهي.”
“ڪهڙي؟”
“پولڙا بهترين نقل ڪري سگهندا آهن.”
هوءَ ٺهڪ ڏيئي کلي پيئي. پڇيائين، “هي سڀ رانديڪا ڪيتري جا هوندا؟”
“فقط هن اچي رڇ جي قيمت ساڍا ٻارهن رپيا آهي.”
هوءَ ڏندن ۾ آڱر ڏيئي هڪدم شوڪيس وٽان هٽي ويئي. وڃي ڪتابن جي ڪٻٽ وٽ بيٺي. ڪتابن جو ڪٻٽ قد ۾ ڪانئس ڊگهو هو.
“هي سڀ تو پڙهيا آهن؟”
“ها،” شاهوءَ جو ڪنڌ آڪڙ ۾ سيٺجي ويو.
باليءَ تي شاهوءَ جي جواب ۾ ڪوبہ اثر نہ ٿيو. هوءَ موٽي وڃي رانديڪن جي شوڪيس وٽ بيٺي. ڪجهہ دير رانديڪا ڏسي، ڪارن وٽ اچي بيٺي، پڇيائين، “خارو وٺندين؟”
“وڏا آندا اٿئي.”
“وڏو ئي ڪرين وٽ.”
“نهہ. وٺندس نہ نندو. اڄ نهہ تہ سڀاڻي.”
“تہ پوءِ سڀارين تنهنجي لاءِ ڪاهي ڪرين ايندس.” هوءَ ڪارا ڪٽي وڃڻ لاءِ تيار ٿي بيٺي.

“پر اڇجانءِ جلد.”

“هن مالهہ نهہ؟”

“نهہ، هن مهل مان نماز تي ويندو آهيان.”

“منجهند ڏاري اچان؟”

“ها.”

هوءَ دکي لهي ويئي.

شاهو ايندڙ منجهند جي تات ۾ لڳي ويو. سندس ڪمري ڪان پوءِ اوطاق هئي، ۽ اوطاق ڪان پوءِ هئي حويلي. شاهوءَ کي اها بہ ڄاڻ هئي تہ سنڌ جي اونهاري جي منجهند، سياري جي اڌ رات جهڙي ويران هوندي آهي.

ٻئي ڏينهن جي منجهند روز ڪان وڌيڪ گرم هئي. گهرن جون ڀتيون تپي لوهہ ٿي ويون هيون. ڏامر جا رستا نرم ٿي ويا هئا. اليڪٽرڪ پکن مان اوٻر پئي نڪتو. شاهو منجهند جي ماني کائي پنهنجي ڪمري ۾ اچي وينو. جڏهن پاسي واري سنڌي اسڪول کي موڪل ملي ۽ ٻارڙا نينگ ٽپا ڏيندا، گهٽيءَ مان لنگهي ويا، تڏهن شاهوءَ ريفريجريٽر مان لنڊن بيئر جي بوتل ڪڍي ۽ پکي هيٺان آرام ڪرسي وجهي ويهي رهيو. دريءَ وٽان سنڌي اسڪول جا بہ ڪراڙا ماستر اچي لنگهيا، اس ڪان بچڻ لاءِ مٿي تي ٽوال وڌا هئائون. شاهوءَ جي ڪمري جي ڪليل دري ڏسي ڪيس ڪيڪاريائون، “ننڍا شاهہ خوش تہ آهين؟”

“توهان جون دعائون گهرجن،” شاهوءَ رڪائيءَ سان وراڻين.
“ڇو ٿو اسان امتي گنهگارن کي لچارو ڪرين شاههہ،” هڪ ماستر ذري گهٽ ٻاڏائيندي چيو، “اسان جو ٻنهي جهانن ۾ آسرو توهان ئي تہ آهيو.”
شاهوءَ سندس جواب ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. منهن ٻئي طرف ڪري ڇڏيائين. ماستر اٿي هليا ويا. هن بيئر گلاس ۾ پيتيو. ڪن ۾ گلاس تي ٻاهران موتين جهڙا قطرا نمودار ٿيا.
ان وقت بالي، پگهر ۾ آلي، سهڪندي، ڪارا ڪٽي دڪيءَ تي اچي بيٺي. شاهوءَ جهٽ اٿي سندس لاءِ در کوليو. هوءَ اندر گهڙڻ شرط ڪارا اڇلائي پکي جي هوا ۾ تي بيٺي. گهڙي کن بيهي، ويهي رهي. شاهوءَ ٻئي گلاس ۾ بيئر وجهي ڏانهنس وڌايو. ٿڪل هئي، اڃايل هئي، ٻہ چار ڍڪ لاڳيتا پي ويئي. ڪسارو لڳس تہ پڇيائين، “شاهي؟”
“نم جو شربت،” شاهوءَ نهہ پهہ وراڻيو.
“گهرون ٿڌو آهي.”
“ها.”
“ٻہ ٽي ڍڪ ٻيا پيائين، “نم جي شانو بہ ٿڌي هوندي آهي.”
“هي شربت بہ ٿڌو آهي.”
“ها،” باليءَ لاپرواهيءَ سان وراڻيو، “پر اسان گريب آهيون، فقط نموريون چوسيندا آهيون.”

شاهو خاموش رهيو.
هن گهگهري سان منهن اگهندي چيو، “ڏاڏو ٿڌو آهي.”
“هڪ گلاس سان سڄي رگهه ختم، تراوت محسوس ڪندينءَ.”
هن گلاس چپن سان لڳايو ۽ سپ سپ ڪري پيئڻ لڳي. شاهوءَ کان اڳ گلاس خالي ڪري ڇڏيائين. شاهوءَ لوٽيل باداميون ۽ ڪاجا اڳيان آڻي رکيس ۽ گلاس ٻيهر پري ڇڏيائينس. هن ٻه چار بادامن جا داڻا وات ۾ وجهي، ٻيئر جو ڍڪ پريو.
پڇيائين، “هي سربت تون روج پيئندو آهين، نماڃي.”
“ڏس بالي،” شاهوءَ سندس ٻانهن ۾ هٿ وجهندي چيو، “مون کي نمازي نه سڏيندي ڪر.”
“شو؟” باليءَ لاڏ مان پڇيو.
“بس ائين ئي،” شاهوءَ سندس ٻانهن ڇڏي ڏني.
“سڄي روهڙيءَ ۾ هڪ تون ئي اسراف آهين.” هن ڍڪ پريو، “ٻيا ته جرن— جرن-” هن جملو پورو نه ڪيو. ٺهڪ ڏيئي کلي پيئي.
شاهوءَ رستي ڏانهن کلندڙ دري بند ڪري ڇڏي.
“تون نماڃي آهين.” هن کلندي کلندي ٻيئر جو ٻيو گلاس به خالي ڪري ڇڏيو. شاهوءَ سندس گلاس ٽمٽار ڪيو ۽ پر ۾ ويهي رهيس. باليءَ به ڍڪ پريا ۽ ٻانهون ڪنڌ هيٺان ڏيئي ليٽي پيئي.
شاهوءَ صبر جو دامن نه ڇڏيو. ڪيس خبر هئي ته عورت کي الجهائڻ جو بهترين طريقو آهي سندس تعريف! پل ته عورت ڪٽي

پڙهيل هجي يا جاهل، سادي هجي يا چالاڪ، گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيتل هجي يا پياسي؛ تعريف ۽ ساراهہ جا ٻہ ٻول سندس پيرن ۾ نيئر وجهي ڇڏيندا آهن.

“بالي تون ڪنهن ملڪ جي راڻي هجين ها.”

“شو يلا؟” هن البيلائيءَ سان پڇيو.

“ٻڌايانءِ؟” شاهوءَ نونٽ غاليچي تي رکي ۽ ڏانهنس سري ويو.

“ها نماجي، ٻڌاءِ” آواز وچڙيس. بيئر سندس اکين ۾ سرخي آڻي بيهاري هئي.

“تون محنتي آهين، ايماندار آهين.”

“تون بہ تہ ايماندار ۽ نماجي آهين،” لفظ لهجي ۾ ڇڄندا رهيس.

“تو وٽ هي ڪارا ڪارا نيڻ بہ تہ آهن.” شاهوءَ سندس ڳالهہ اٽڪائيندي ڪندي چيو.

“منهنجي ماءُ چوندي آهي- ملا ڪوڦناڪ ٿيندا آهن.” لفظ ٽٽل مالها جي موتين وانگر منتشر ٿيندا رهيا.

“۽ مان؟” شاهوءَ سندس ڳل تي هلڪي ٺڦڪي ڏني، “مان تہ خوفناڪ ناهيان نہ؟”

“اون هون.”

“تون اسان جي ملڪ جي راڻي هجين ها.”

“مان سچ پچ اهري آهيان؟” باليءَ شاهوءَ جي اکين ۾ ڏٺو.

“ها چري،” شاهو سندس وارن ۾ آڱريون ڦيرائڻ لڳو، “سوچيان ٿو، منهنجي زال تو جهڙي هجي.”
باليءَ ڪرڙيءَ وانگر شاهوءَ جي ٻانهن ۾ پاسو مٽايو. خماريل اکين سان شاهوءَ جي اکين ۾ ڏسندي چيائين، “ءِ ڪارا ڪارا نير بہ هجنس؟”
“ها، بالي ها،” شاهوءَ واءُ جو رخ پرڪي ورتو. ڪن جي پاپڙين تان آڱريون ترڪائيندو ڪنڌ تائين ڪٽي آيو. باليءَ جي بدن مان سيسڙاٽ نڪري ويو.
“اوهه، نماجي،” باليءَ پنهنجيون اکيون بند ڪري ڇڏيون.
شاهوءَ پنهنجو منهن باليءَ جي منهن ۾ ايترو تہ ويجهو ڪيو، جو ٻنهي جا ساهہ وچڙڻ لڳا. هن سندس ڪن ۾ سرگوشي ڪئي، “بالي.”
“هون.”
“جيڪڏهن تون ڪارا ناهڻ ڇڏي ڏين، تہ مان جيڪر توسان شادي ڪيان.”
“اوئي الا!” باليءَ بند اکيون کولي شاهوءَ جي اکين ۾ چتائي ڏٺو.
“مان پنجابي بدمعاش نہ آهيان، جنهن تنهنجي پيٽ ڪي وجي بازار ۾ ويهاريو آهي.”
هوءَ پٿر وانگر خاموش رهي.

شاهوءَ ڳالهايو، “مان بروچ نہ آهيان، جنهن تنهنجيءَ ٻيءَ پيڻ جو لاش سنڌوءَ جي ڪپ تي اڇلائي ڇڏيو هو.”
باليءَ جي اکين چنيڻ ڇڏي ڏنو.
شاهوءَ سندس ذهن کي سوچڻ جي مهلت نہ ڏني. چيائين، “سڀ مرد هڪجهڙا نہ ٿيندا آهن.”
باليءَ جو رڌ مغز لاجواب ٿي ويو. فقط ايترو چئي سگهي، “چرچا تہ نٿو ڪرين، نماجي.”
“نہ بالي، نهہ” شاهوءَ هڪدم ورائيو. “مان مڪار ۽ دغاباز نہ آهيان بالي، جو منڙيون منڙيون ڳالهيون ڪري توکي لٽي ڇڏيان.”
بالي هيڪلائيءَ جي دائرن ۾ غرق ٿيندي ويئي. اکر نٿي اڪليس. بيئير سندس ذهن ۾ پولار پيدا ڪري ڇڏيو.
شاهوءَ پنهنجي گرفت مضبوط ڪندي چيو، “يلا هڪ غريب چوڪريءَ جي عزت لٽڻ مان مون کي ڇا ملندو.”
هڪ لمحي لاءِ باليءَ جي خماريل اکين ۾ روشنيءَ جا قنديل روشن ٿي، اجهامي ويا. نڙي خشڪ ٿي ويس. دل ۾ هٻس محسوس ڪيائين. لفظ سندس ذهن ۾ وچڙيا پيا. نيٺ چيائين، “مان مشلمين بہ تہ نہ آهيان.”
“مان سيد آهيان، جنت جو حقدار آهيان،” شاهوءَ ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪيندي چيو، “اسلام ۾ سڀ کان وڏو ثواب ڪنهن غير مسلم کي مسلمان ڪرڻ آهي. مان توکي مسلمان ڪندس.”

هوءَ خيالن ۾ لڙهي ويئي.
”چئه تہ تون ڪارا ناهڻ چڏي ڏيندينءَ.“ شاهوءَ جذباتي آواز ۾ چيو، ”مان توسان شادي ڪندس. توکي پڙهائيندس. چڱي خاندان ۾ اٿڻ ويهڻ سيکاريندس.“
شاهو ڪجهہ دير باليءَ جي جواب جو انتظار ڪندو رهيو. باليءَ آهستي آهستي پنهنجو منهن شاهوءَ جي ڇاتيءَ تي رکندي چيو، ”مان ڪارا ناهر شڏي ڏينديس.“
پوءِ بنا دير جي شاهوءَ باليءَ تي ائين لامارو ڏنو، جيئن باز جهرڪيءَ تي ڏيندو آهي. باليءَ کي ائين سوگهو ڪيائين، جيئن بگهڙ ڍنل ڇيليءَ کي سوگهو ڪندو آهي. جهنگلي گل کي ڪندن سميت ڇيپاٽي ڇڏيائين. معصوميت جي مکڙي مهٽي ڇڏيائين. گهائل پنڇي پرڙا هٽي ساٽو ٿي ڪري پيو.
تتل منجهند کان پوءِ جڏهن اداس ۽ ويران شام جا پاڇا پيا، تڏهن باليءَ پنهنجو پاڻ سنڀاليو. وڪريل وار سنواريائين. اٿي بيني تہ قدم ٿابڙيس. پاڻ سنڀالي وک وڌايائين. هڪ هٿ آرام ڪرسيءَ جي ٽيڪ تي رکي بيهي رهي. ڪنڌ مٿي ڪري ٽٽو ساهہ کنيائين. گينديءَ وٽ وڃي، منهن تي ٻہ چار ٻڪ پاٽيءَ جا هٽي، منهن گنديءَ سان اگهي ڇڏيائين. سانورو رنگ ڳاڙهاڻ مائل ٿي ويو هئس. شاهوءَ کان نظرون پي بچايائين. شاهو بہ ساڻس اک ملائي نہ سگهيو. ڳالهائڻ لاءِ وٽس ڪجهہ بہ نہ هو. باليءَ جي موجودگيءَ

۾ ککو پي ٿيو. مرڪڻ جي ڪوشش ڪيائين، ته لڳو چڻ روئي پوندو. شڪاريءَ جو ترڪش خالي ٿي چڪو هو. هن زندگيءَ ۾ ڪنهن به عورت کي حاصل ڪرڻ لاءِ ايڏي محنت نه ڪئي هئي. ايترا سانگ اڳ ڪڏهن به نه رچايا هئائين. هن پاڻ کي ٿڪل محسوس ڪيو.

باليءَ جو ڪنڌ جهڪيل هو. منهن مان پريشاني پئي بکيس. هوءَ ڪارا ڪٽي در طرف وڌي ويئي. در جو بلٽ لاهي، طاق کولي، چائنٽ وٽ وڪ روڪي، منهن ورائي شاهوءَ ڏانهن ڏٺائين. هوءَ وياڪل هئي. جڻ ته ڪنهن مساڻ جي ويراڳڻ هئي.

ڪجهه چوڻ لاءِ سندس چپ چريا، "مان خارا ٿاهر شڏي ڏينديس."

شاهوءَ ڪيس جواب نه ڏنو ۽ نه ئي هن جواب جو انتظار ڪيو.

هوءَ ٿڙندي ٿابڙندي دڪي لهي ويئي. شاهوءَ دريءَ جي شيخن مان ڏانهنس نهاريو. نانگڻ جا ڪر ڪمزور ٿي چڪا هئا ۽ هوءَ زخمي ڊمڻ وانگر چري رهي هئي. شاهوءَ جون نگاهون سندس تعاقب ڪنديون رهيون، ۽ پوءِ جڏهن گهٽيءَ جي ڪنڊ وٽان هوءَ بندر ڏانهن ڦري ويئي، تڏهن هڪ فتح جو ٿهڪ، ڪامرانيءَ جو ٿهڪ شاهوءَ جي اندر مان ڦاٽ ڪائي نڪتو.

اهڙا لاتعداد ٿهڪ هن موٽي وڃي ڪراچيءَ جي هوٽلن ۽ ڪلبن ۾ ڏنا. ڪراچي بين الاقوامي شهر آهي، جتي لبنان، ايران ۽ يورپ جون حسين ساحرائون پاڪستاني پيسن ۾ وڪامنديون آهن. الاءِ

ڪيترا رنگين لمحا، الاءِ ڪيتريون حسين راتيون شاهوءَ ديسي ۽ ولائتي عورتن جي آغوش ۾ ڪاٽي ڇڏيون.
ڪهڙ مشق شڪار جو تعداد ياد نہ رکندو آهي. شاهوءَ باليءَ کي وساري ڇڏيو.
پر ڪجھ مهينن کان پوءِ شاهو جڏهن ڳوٺ آيو تھ، سراج کيس ٻڌايو، “بالي جي پيٽ ۾ تنهنجو ٻار آهي.”
شاهوءَ سراج جي ڳالھ چرچي ۾ ٽارڻ چاهي، پر سراج کيس ٻانهن کان وٺي ڏونڌاڙيندي چيو، “هوءَ تنهنجي ٻار جي ماءُ ٿيڻ واري آهي، شاهو.”
شاهوءَ پاڻ کي ڪرسيءَ تي ڇڏي ڏنو. منيون پڪوڙي سڄيءَ قوت سان ڪرسيءَ جي ٻانهن تي وهائي ڪديائين.
“اڪيلي سر مال هضم ڪرڻ چرچو ناهي، شاهھ سائين، “سراج مٺس ڪلندي چيو، “يارن سان دغا ڪئي اٿئي.”
شاهوءَ ڏانهنس ڌيان نہ ڏنو. سراج شاهوءَ ڏانهن ڇتائي ڏنو. ڪيس ڳنڀير ڏنائين تہ پاڻ بہ ڳنڀير ٿي ويو. ڪيس اها پڪ نہ هئي، تہ شاهوءَ جهڙو آزاد مرد اهڙي معمولي مسئلي کي ايڏي اهميت ڏيندو، پر سندس هڪ ئي جملي شاهوءَ جي پيرن هيٺان ڌرتي ڪڍي ڇڏي. هڪ ئي جملي دماغ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ باھ لڳائي ڇڏيس. اٽڪلن جي جنهن جبل کي ڍال سمجهيو هئائين، سو آتش فشان نڪتس. دل جنڊ جي پڙن ۾ چچرجڻ لڳس. ميري، ڳدلي،

جوئن واري پيلياٽي منهنجي ٻار جي ماءُ! نہ نہ. هوءَ منهنجي ٻار جي ماءُ ٿيڻ لائق ڪونهي. لفظ سندس روح جي ويرانين ۾ پڙاڏا ڪندا رهيا. باليءَ جي پيٽ ۾ گناهہ! پگهر جا ريلا نرڙ ۽ لوندڙين تان ڪندا، سندس منهن آلو ڪندا رهيا. سندس پڪوڙيل منيون ڍريون ٿيڻ لڳيون. اندر ۾ اٿيل طوفانس سندس جسم کي نستو ڪري ڇڏيو.

سراج سندس حالت ڏسندي چيو، "سخت گيدي آهين شاهو."

شاهو خاموش رهيو.

"الائي ڪيترن خاندانن جا ناجائز ٻار پيلن وٽ پلجي پيل ٿي ويندا آهن." سراج ڪيس دلداري ڏيڻ لاءِ چيو، "تون چو ٿو پرواهہ ڪرين."

"مان سيد آهيان سراج." شاهوءَ تلخ لهجي ۾ وراڻيو.

هو ڪرسيءَ تان اٿي پٽ ڏانهن منهن ڪري ويهي رهيو. ڪجهہ دير ڪمري ۾ ماٺ ڇانيل رهي.

"دل چو لاٿي اٿئي؟" سراج شاهوءَ جي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو، "تون انڪار ڪري ڇڏجانءِ تہ ٻار تنهنجو ناهي."

ٻار جو نالو ٻڌنديئي شاهوءَ جي تن بدن ۾ ڀنيٽ پڙڪي اٿيا. آنريل من تي ميرو پاڻي پئجي ويس.

"ڪيس بدناميءَ جو ڀؤ ڪونهي؟"

“بدناميءَ جو پوءِ ٿيندو آهي عزت وارن کي. ٽڪي جي گمنام پيلياڻيءَ جي ڪهڙي عزت!”

“پر هوءَ گناهه جو پالي رهي آهي.” شاهوءَ بيچين ٿي پڇيو.

“ڇوري ڏاڍي چالاڪ آهي.” سراج سگريٽ دکائيندي وراڻيو، “تو کان پيسا ڇڏائڻ جي چڪر ۾ آهي.”

“مان پيسا ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.”

“توتي کل ٿي اچي يار،” سراج کلندي چيو.

“مان چرچي لاءِ تيار ناهيان.”

“ته وجي چوانس گناهه ختم ڪري ڇڏي؟”

“ها، هڪدم. پر سچو ڪم ماٺ ۾ ٿيڻ گهرجي.”

“دلجاءِ ڪر. فرشتن کي به خبر نه پوندي.”

سراج ٻاهر وڃڻ لاءِ در ڏانهن وڌيو. شاهوءَ کيس روڪيو. هو در وٽ بيهي رهو، “چو؟”

شاهوءَ ڳوري آواز ۾ چيو، “ڪنهن اسپتال ۾ هلڻ لاءِ راضي ٿئي ته چڱو ٿيندو. ڪجهه ڊاڪٽرياڻيون ۽ دايون منهنجون سڃاتل آهن. هو ڪم ئي اهو ڪن.”

“يار تون ته صفا احمق آهين،” سراج بيزار ٿيندي چيو، “تون انڪار ڪري ڇڏ ته ٻار تنهنجو ناهي. ٽڪي جي رن، ڪهڙي وجي جهانگيري انصاف جو گهنڊ لوڏيندي؟”

شاهو خاموش رهيو. خيال پٽڪڻ لڳس، چولين ۾ چلڻ لڳس.

سراج چيو، “ڪھڙو ثبوت ڏيئي سگھندي تہ ٻار تنھنجو آھي، ڇئہ آھي ڪو ثبوت.”
شاھوءَ ڪيس جواب نہ ڏنو. سراج سامھون اچي ويٺس. سراج ڪيس سمجھائيندي چيو، “ڪنھن جي بہ نرڙ تي لکيل ناھي تہ ھو ڪير آھي، ڪنھن جو اولاد آھي ۽ جيڪڏھن ائين ھجي ھا، تہ دنيا جي آدمشماريءَ ۾ اڌو اڌ ماڻھو حرامي سڏائين ھا. تون انڪار ڪري ڇڏ.”
“ڪيئن انڪار ڪيان! مان ڪيئن انڪار ڪيان. توکي خبر ناھي، ڇا مون کي خبر ناھي تہ باليءَ جي پيٽ ۾ منھنجو ٻار آھي؟”
“ان مان ڇا ورندو؟”
“ڪجھ بہ نہ،” شاھوءَ گھٽيل آواز ۾ ورائيو، “پر مان پنھنجي ٻار کي پيلن جي ٽوليءَ ۾ ڀٽڪندو ڪيئن ڏسي سگھندس.”
“ڪجھ ڏينھن کان پوءِ بالي ٻار سميت ھتان ڌڪا کائي ھلي ويندي.”
“۽ مان پيلن جي ھر ٽوليءَ ۾ ھڪ ھڪ ٻار کي پنھنجو ٻار سمجھي سيني تي ٻڙچيون کائيندو رھندس.”
“ٻار سان تنھنجو ڇا! پل پيو ڌڪا ٿاٻا کائي.”
“بيوقوف تہ ناھين سراج،” شاھوءَ خارن مان چيو، “سيدن جو ٻار پيلن ۾ ڀٽڪندو رھي، اھا تنھنجي لاءِ ڪابہ ڳالھہ ڪونھي؟”
“ان لاءِ ڇا ٿو ڪري سگھجي؟” سراج لاپرواھيءَ سان ورائيو.

“باليءَ جي ٻار کي زنده جنم نہ ونڻ گهرجي. ڪنهن بہ حالت ۾،” شاهوءَ فيصلو ڪري ڇڏيو.

سراج در ڌهڪائي هليو ويو.

سراج جي وڃڻ کان پوءِ ڪمري جي خاموشي شاهوءَ کي ڏنگڻ آئي. در ۽ دريون ڇڻ تہ ڏند ڪڍي مٿس کلڻ لڳا. هو ننولين جو تاب سهي نہ سگهيو ۽ اونڌي منهن پلنگ تي ليٽي پيو. پاڻ کي ملامت ڪندي اک لڳي ويس. ذهن بيحد پريشان هئس، تنهن ڪري پوائتا خواب پئي ڏٺائين. ڪڏهن وڇون ڏنگ هڻي سيني تي هلندا ڏٺائين، تہ ڪڏهن ڪاريهرن جا هار پئي پاتائين. باليءَ کي ڏٺائين. هٿ ۾ پالو هئس. هوءَ سندس ئي تلاش ۾ هئي. هڪ بدصورت جلاد سندس سر لاهڻ لاءِ تلوار ڪنيو ٿي آيو. ڪڏهن پانيائين تہ ڇڻ پلنگ کي ٻاهہ جا پنيٺ وڪوڙي ويا. اوچتو چرڪ پري اٿي وينو. باليءَ تي ڇڙ پئي آيس، جنهن سندس جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو هو. سامهون هجيس ها تہ جيڪر ريوالور جي گولين سان سينو پرڻ ڪري ڇڏيس ها.

ان وقت در ڪڙڪيو. شاهوءَ پلنگ تي اٿي در کوليو. در ٻاهران بالي بيٺي هئي. منهن تي تڪليف جا آثار ۽ چپن تي عجيب مرڪ هئس. اکين ۾ اميد پري شاهوءَ ڏانهن ڏٺائين. شاهوءَ جي ٽنگن جون مشڪون سيٽجي ويون. قدم چانئٺ کي چنبڙي پيس.

باليءَ جا سڪل چپ ڪجھ چوڻ لاءِ ڦڙڪيا، پر هوءَ ڪجھ چئي نہ سگھي. شاهوءَ جي منهن ۾ ڏٺائين تہ چپن تان مرڪ مري ويس. دل سيني ۾ سسي ويس. همت ڪري چيائين، ”ٻڌايائون تہ تون آيو آهين.“

شاهوءَ پرس ڪيندي چيو، ”گھڻن پيسن جي ضرورت اٿئي.“

”پيشا!“

”ها پيسا.“ شاهوءَ کهري آواز ۾ چيو.

باليءَ ڪي ڪنبڻي وٺي ويئي. چيائين، ”مون خارا ناهر شڏي ڏنا آهن.“

”بڪواس بند ڪر،“ شاهوءَ دٻيل آواز ۾ رڙ ڪئي، ”هن گناھ جي قيمت وٺڻ آئي آهين نہ.“

”گناھ!“ باليءَ تي ڄڻ ٿهڪندڙ تيل پئجي ويو. اباٽڪي ٿي ويئي.

”ها، گناھ،“ شاهوءَ پرس مان نوٽ ڪڍي، باليءَ جي منهن تي هنيا.

هوءَ هيسيل هرڻيءَ وانگر شاهوءَ ڏانهن ڏسڻ لڳي.

”ڏسين ڇا ٿي؟ ڪڻ ڪاغذ جا ٽڪر ۽ هتان هميشہ لاءِ گم ٿي وڃ.“

باليءَ ان ننڍڙي ٻار وانگر شاهوءَ ڏانهن ڏٺو، جنهن جو رانديڪو ڀڄي پيو هجي. ڏسنديئي ڏسندي ٻنهي هٿن ۾ منهن لڪائي روئي پيئي.

سڏڪن ۾ چيائين، ”مون خارا ناھر شڏي ڏنا آھن.“
”تہ مان ڇا ڪريان.“
”ٽوليءَ وارا بہ مون کي ڇڏي ھليا ويا آھن.“
”تون بہ ھي پيسا کڻ ۽ منھنجي جند ڇڏي ڏي.“
ھوءَ خاموش رھي. لڙڪ پي ويئي.
شاھوءَ سندس پيٽ ڏانھن اشارو ڪندي چيو، ”ھن دوزخ ۾ پلجندڙ گناھ کي بہ ختم ڪري ڇڏ.“
”ھيءُ گناھ ناھي،“ باليءَ ڪنڌ مٿي ڪندي چيو.
”ھيءُ گناھ آھي،“ شاھوءَ سخت لھجي ۾ وراڻيو.
”مان ايماندار آھيان،“ باليءَ پھريون دفعو پختي لھجي ۾ ڳالھايو، ”مان تنھنجي امانت ۾ ڪيانت نہ ڪنديس. ھي گناھ ناھي.“
”مان توکي ريوالور جون ڇھہ گوليون ھڻندس.“ شاھو لوھ جي پت وانگر سامھون وجي بيٺس. ”مان ھن گناھ کي زنده جنم وٺڻ نہ ڏيندس.“
”ھي گناھ ناھي، تنھنجو پار آھي.“
”ڪميڻي، ڪم ذات، تون ٽڪي جي پيلياٽي آھين،“ شاھوءَ ڪيس چوٽيءَ کان وٺي سٽ ڏيندي چيو، ”ٿ خبر اٿئي، مان سيد آھيان، سيد.“
شاھوءَ جي اکين ۾ رت لھي آيو. پر ڪري باليءَ جي پريل پيٽ ۾ گوڏو ھنيائين. باليءَ جي وات مان فقط ھڪ ھلڪڙي آھ نڪتي.

ڪرڻ تي هئي، جو شاهوءَ ڪيس در وٽان ڏڪو ڏيئي، در بند ڪري ڇڏيو. ڇپ ڇباڙيندي چيائين، “اسان جي امتين تي ئي اک نہ ٿي ٻڏي ۽ هيءَ ڪافر پيلياٽي آئي آ سيد سان پرٽجڻ.”

غريبن ڪي خوب دل پري ڳاريون ڏنائين. تڪا تڪا قدم ڪٽڻدو، پتين ڪي مڪون هڻندو، اوطاق مان ٿيندو، حويليءَ ڏانهن هليو ويو. ٻہ پائٽيون ۽ هڪ پاٽيو ڊوڙندا اچي سندس ٽنگن سان چنبڙيا، “چاچا راند ڪيون.”

پريشان هو. بيچيني دور ڪرڻ لاءِ چيائين، “اچو تہ اک- ٻوٽ راند ڪيون.”

“ها، ها” ٻارڙن پتڪڙن هٿن سان تاڙيون وڄايون، “اچو تہ اک- ٻوٽ راند ڪيون.”

دل ڪي پرچائڻ لاءِ شاهو ٻارن سان راند ڪرڻ لڳو. لڪڻ جون وارو آيس تہ وڃي اسٽور- روم ۾ لڪيو. ڪوٺيءَ ۾ هر طرف گگهہ اوندهہ هئي. ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نہ پئي آيس. ساهہ منجهندو محسوس ڪيائين. پانيائين تہ هبس ۾ گهٽجي مري ويندو. وک وڌايائين تہ پڳل ٽٽل ڪرسين، ميزن ۽ خالي ڪوڪن سان وچڙندو، ٿڙندو ٿابڙندو پراٽي پينگهي سان وڃي لڳو. پينگهو چيڪات ڪري لڏڻ لڳو. ڪڙڪي تي جارن ۾ وينل ڪبوتر ڦڙ ڦڙ ڪندا اڏامي ويا. هڪ چمڙو لامارو ڏيئي، سندس وارن سان لڳندو شهتير جي ٻيڪڙ ۾ گم ٿي ويو. دل ڇڻ تہ پنهنجي جاءِ تان پٽجي،

سيني جي قيدخاني ۾ پنواٽيون ڪائڻ لڳس. اکين آڏو ننڍڙا ننڍڙا دائرا جهرمر ڪرڻ لڳس. ڪرڻ تي هو، جو وجي پٽ سان لڳو. ڪونيءَ ۾ ماٺ مسلط ٿي ويئي. فقط پينگهي لڏڻ جو چيڪاٽ خاموشيءَ کي چيري رهيو هو. ذهن جو گهمسان واچوڙن وانگر خيالن کي ورائي ويس. ويچارن جا هزارين سلسلا نهيا ۽ ٽٽل تاري وانگر روشنيءَ جي ليڪ ڏاهي گم ٿي ويا. موهن جو دڙو ڪن ۾ نهي، ڊهي ويو. روح جي ڪنڊرن ۾ پڙلاءُ واڪا ڪرڻ لڳس. آخر ڪيئن هڪ پيلياٽيءَ کي ايڏي همت ٿي! ڪيئن سيد جي ٻار کي پنهنجي غليظ، گنهگار پيٽ ۾ پالڻ جي همت ڪيائين! مان ڪيس ۽ سندس پيٽ ۾ پلجندڙ ٻار کي ختم ڪري ڇڏيندس. هڪ دفعو ٻيهر ڪونيءَ ۾ هر طرف خاموشي ڇانئجي ويئي. وحشتناڪ اوندهه ۽ ماٺ ۾ ڪيس پنهنجي دل جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. تڏهن اوچتو، ڪنهن ٻه هٿ سندس سيني تي هنيا ۽ هن ڪان دانهن نڪري ويئي. ننڍڙا، معصوم ٿهڪڙا ڪونيءَ ۾ کل کل ڪرڻ لڳا، "چاچا ڏڪي ويو، چاچا ڏڪي ويو."

شاهوءَ پنهنجي ياڻيءَ کي هنج ۾ ڪٽي سيني سان ڀڪوڙيندي چيو، "ها، مان ڏڪي ويو هوس. مان ڏڪي ويو هوس."

هن ياڻيءَ کي اتي ئي هنج مان لاهي ڇڏيو ۽ ذري گهٽ ڊوڙندو، پنهنجي ڪمري ۾ پهچي، اونڌي منهن ليٽي پيو.

سانجهيءَ جي ميرانجهڙي روشنيءَ کي ڪارن ڪڪرن اونداهو ڪري ڇڏيو هو. ماحول ۾ هبس هئي. درياءَ مان جڻ اوبر پي اٿيو. جڏهن بہ روهڙيءَ جي شام ۾ گهٽ ۽ ٻوسٽ انتها کي پهتي آهي، تڏهن، ڪتان نہ ڪتان، واءَ جا واچوڙا ۽ مٽي ڀريل آنڌي اچي نڪرندي آهي.

شاهوءَ کي اندر ۾ آنڌ مانڌ هئي. وهاڻي ۾ منهن لڪائي ڇڏيائين.

سراج در کڙڪائي سڏ ڪيو.

شاهوءَ ڪيس در کوليو. هو سهڪندو سهڪندو اندر آيو. سڄو جسم پگهر ۾ پت ٿي ويو هئس. لڳو ٿي جڻ ميلن جا ميل ڊوڙندو آيو هو. پاڻ کي موڙي تي ڇڏي ڏنائين. قميص جي ٻانهن سان پگهر اگهندي چيائين، "ڪمبخت بار جهٽي وڌو."

"اف،" شاهوءَ ٻئي منيون وارن ۾ وڌيون ۽ پاڻ کي پلنگ تي ڇڏي ڏنائين. ڪيتريءَ دير تائين ٻئي دوست خاموش رهيا. پنهنجن پنهنجن خيالن ۽ ويچارن سان وچڙندا رهيا.

"ڪٿي آهي؟" شاهوءَ خاموشي ختم ڪندي پڇيو.

"هيرانند جي پراڻيءَ جاءِ ۾ وجي ڪارو منهن ڪيائين." سراج وراڻيو.

ڪجهہ پڇڻ لاءِ لفظ شاهوءَ جي نڙيءَ مان نڪري، چپن تائين پهچي، پنتي موٽي ٿي ويا. جيڪي ڪجهہ پڇڻ چاهيائين، تنهن لاءِ پاڻ ۾ همت نہ پاتيائين. جواب جي تصور کان ڪنبٽيءَ ٿي ورتس.

نيٺ سموري سگهه سهيڙي پڇيائين، ”ٻار، ڇوڪرو آهي، يا-“
”ڇوڪري.“
”ڇوڪري!“ شاهوءَ جي وات مان رڙ نڪري ويئي.
پانيائين، ڄڻ تہ ڪنهن ڪيس زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ ابتو لٽڪائي ڇڏيو هو. دنيا ڪي ٻولاٽيون ڪائيندي ڏٺائين. ڪائنات ڪي ڪيڪون ڪندي ٻڌائين.
”مون کي اڪيلائي گهرجي،“ شاهوءَ زخمي لهجي ۾ چيو، ”تون هليو وڃ سراج.“
سراج شاهوءَ جي دل جي ڪيفيت پرکي ورتي هئي. ڪيس جواب نہ ڏنائين. پنهنجي جاءِ تان اٿي شاهوءَ وٽ اچي ويٺو. سندس ڪلهي تي هٿ رکيائين ۽ تڪڙا تڪڙا قدم کڻندو ڪمري مان نڪري ويو.
سراج جي وڃڻ کان پوءِ هيبتناڪ اوندهہ، اڪيلائيءَ ۽ خاموشيءَ ۾ شاهوءَ جو هنييون جهرڻ لڳو. ٻن متضاد جذبن جا گهوڙا سندس سيني جي زمين پٽيندا رهيا. پاڻ کي جنهن پهاڙ جي چوٽيءَ تي ويٺل سمجهيائين، سو ڏٻڻ جو دڙو ٿي پيو، پگهر جا ريلا ڪنن جي وٿين ۽ ڪنڌ تي جوئن وانگر چرندي محسوس ڪيائين.
اکيون مهٽي بيچينيءَ مان پاسو ورايائين. تصور خزان جي سڪل پن وانگر وهمن جي واچوڙن ۾ پٽڪڻ لڳس. اها گهڙي ياد آيس، جڏهن باليءَ جي عزت لٽي هئائين. اها ساعت ياد آيس، جڏهن

باليءَ در وٽان ويندي ويندي، منهن ورائي چيو هو، ’مان ڪارا ناهڻ شڏي ڏينديس.‘ باليءَ جون اهي دردناڪ نگاهون ياد آيس، جن ۾ هن پويون دفعو ڏانهنس نهاريو هو، ۽ اهي راتيون ياد آيس، جن ۾ هن باليءَ کي هميشه لاءِ وساري ڇڏيو هو. اوچتو اکين آڏو ’ايڪسيلشر‘ جي يوناني رقاصه اچي بيٺس، جنهن اڌ رات جو سندس ڪپڙا دريءَ کان ٻاهر ڦٽا ڪري، کيس ڌڪو ڏيئي ڪمري مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هو. ان شرمناڪ لمحي ۾ هن پاڻ کي هوٽل جي ورانڊي ۾ اگهاڙو بيٺل ڏٺو هو. اوچتو، پيلن جي ٽوليءَ ۾ پنهنجي ڌيءَ کي پٽڪندي محسوس ڪيائين. کيس خيرات لاءِ هٿ ٽنگيندي ڏٺائين. کيس جوان ٿيندي ڏٺائين. ڏٺائينس ته ڇڻ ڪارا ناهي رهي هئي. آخر ۾ ڪنهن عيار ۽ مڪار مرد جي وعدن تي پنهنجي ڌيءَ کي عصمت جو انمول زيور ٻليدان ڪندي ڏٺائين.

هو ڇرڪ ڀري اٿي وينو. اوندهه ۾ اکيون ڦاڙي هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين. ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه آيس. دل سيني ۾ ڪامي رهي هئس. خيال ڪنهن پٽڪيل قافلي جيان مختلف رخن ڏانهن مڙندا رهيس. سرت جا ليڪا ڪنهن ابهم ٻار جي ٺاهيل نقش وانگر منجهيل محسوس ڪيائين.

پر اوچتو، هڪ ليڪ، هڪ وات کيس نظر آئي.

هو ٽپ ڏيئي پلنگ تان اٿيو، بتي نہ ٻاريائين. اوندهہ ۾ ڪٻٽ جي خاني مان ريوالور ٻاهر ڪڍيائين. ريوالور ۾ گوليون پري، ڪٻٽ کي پٺي ڏيئي بيهي رهيو. اڳ جهڙي خاموشي نہ هئي. ڪمري جا در ۽ دريون هوا ۾ ڪڙڪڻ لڳا. هن پنهنجي دل ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو.

ٻہ چار ڊگهيون ٻرانگهون ڪٽندو دڪيءَ تي اچي بيٺو. ريوالور تي رومال ويڙهي پتلون جي کيسي ۾ وجهي ڇڏيائين. ريوالور جو ڳن ٻاهر رهجي ويو، جنهن ۾ هن پنهنجي مٺ قابو ڪري ڇڏي. ڪمري جو در بند ڪري هيرانند جي پراڻي جاءِ ڏانهن روانو ٿي ويو.

سڄي ڏينهن جي جلائيندڙ گرمي ۽ شام جي ٻوسٽ کان پوءِ واچوڙا لهي آيا هئا. شاهو اکيون مهٽيندو، سوڙهين گهٽين مان ذري گهٽ ڊوڙندو هيرانند جي پراڻيءَ جاءِ ۾ اچي بيٺو. اونداهين ڪوٺين ۾ هوا گهوگهاٽ ڪري رهي هئي.

هو ورانڊي ۾ وڃي بيٺو. تاريڪيءَ ۾ کيس ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نہ آيو. هن کيسي مان باڪس ڪڍي تيلي ٻاري. گندرف جو شعار لاٽ ٿيڻ کان اڳ اجهامي ويو. هو جو زور ويو ٿي وڌندو. هن اڳتي وک وڌائي. پاسي واري ڪوٺيءَ مان کيس ٻار جي روئڻ جو آواز ڪن تي پيو. سندس دل ڪنبي وئي. بنا آواز ڪرڻ جي هو ڪوٺيءَ ۾ داخل ٿيو. قدم ڪنهن نرم شيءِ سان لڳس ۽ گڏوگڏ

ٻارڙيءَ جي روئڻ جو آواز وڌي ويو. هن هڪدم پنهنجو پير پوئتي ڪري ڇڏيو، ڇڻ ته ڪنهن بلا سان وڃي ٽڪريو هو. پيهر تيلي ڪڍي ٻاريائين. هڪ لمحي لاءِ لاٽ جاڳي ۽ وري گم ٿي ويئي. ان لمحي ۾ هن باليءَ ڪي در وٽ بيسڌ ستل ڏٺو. هو ڪجهه دير تائين پنهنجي همت ۽ قوت ڪٺي ڪندو رهو.
نيٺ شاهو هيٺ ٿيو ۽ ٻارڙيءَ کي هنج ۾ کڻي ورتائين. ٻارڙيءَ کي هڪ ٻانهن ۾ جهلي، ساڄي هٿ سان ريوالور ڪڍي ٻارڙيءَ جي مٿان جهلي بيٺو. ٻارڙيءَ جو منهن ڪانئس ايترو پري به نه هو، جو ڪيس ڏسڻ ۾ ئي نه اچي ها. هن چتائي ڏٺو ۽ پوءِ ريوالور جي نالي روئيندڙ ٻارڙيءَ جي وات ۾ داخل ڪيائين. اوچتو ٻارڙيءَ جي روئڻ جو آواز بند ٿي ويو. هوءَ ٻچڪارون ڏيئي ريوالور جي سرد لوهه کي چوسڻ لڳي. شاهوءَ جي آڱر ٽريگر تي ڄمي ويئي.
واچوڙا زمين تان مٿيءَ جا بادل کڻي آسمان ڏانهن اڏامڻ لڳا. ٻڙ ۽ پپر جا سڪل پن پراڻي جاءِ جي وراندي ۾ ڦٿڪڻ لڳا.
شاهوءَ جي دل ۾ ڊپ جا به جذبا جاڳي اٿيا- گناهه، ۽ ڏوهه جا جذبا. اول هن خدا جي باري ۾ سوچيو ۽ پوءِ پوليس جي باري ۾. سوچيائين ته پوليس کي راضي ڪرڻ سندس ڏائي هٿ جو ڪم هو. دولت هئس. پٺِ هئس. اهڙن جو پوليس وار به ونگو ڪري نه سگهندي آهي. پتڪڙي ٻارڙي ته ڇا، ڏينهن ڏٺي، ڀريل بازار ۾ جانٺو جوان به ماري وڃي ها، ته به پوليس ڏانهنس اک کڻي نه

ڏسي ها. ائين ٿيندو رهيو هو. اهو ئي دستور هو، ڪيس ڄاڻ هئي. باقي رهيو خدا! سو خدا کان ايترو ڊپ محسوس نہ ڪيائين. پاڻ کي پرچاپائين، تہ اهو ڪم خدا جي راهہ ۾ ڪري رهيو هو. ساداتن جي ٻارڙيءَ کي پيلن ۾ پٽڪڻ کان بچائڻ لاءِ ڪري رهيو هو. آخرت ۾ الله اجورو ڏيندس. سوچيائين، تہ جيڪڏهن ائين نہ ٿيندو، ۽ الله ناراض ٿي ويو، تہ پوءِ خدا کي راضي ڪرڻ لاءِ وٽس زبردست خانداني شجرو هو. لوهہ ٿيل دماغ ۾ خيال آيس، تہ جن سندس شجري جي ارتقا ڪئي هئي، سي سيئي جنت ۾ هوندا. الله سائينءَ کي راضي ڪرڻ ۾ دير نہ ڪندا.

سندس خيالن جو سلسلو ڪچي ڌاڳي وانگر ڇجي پيو. وهمن ۽ سنڪن جا موتي منتشر ٿي ويا. ڪرڻ تي هو جو پٽ سان وڃي لڳو. باليءَ پنهنجون ٻانهون سندس ٽنگن ۾ قابو ڪري ڇڏيون هيون. شاهوءَ کان همت موڪلائي ويئي. دل جو پڪي پرڙا هٽڻ لڳس.

”ڪير آهين؟“ باليءَ ڪمزور آواز ۾ ڳالهايو.

شاهو خاموش رهيو.

”ڪهڙو آهين؟ منهنجي ڏيءَ کي توئي ڪنريو آهي.“

شاهو خاموش رهيو.

”ٻڌائين شو نٿو؟ ڪهڙو آهين؟“ باليءَ ليلايو، ”ڪير آهين تون.“

شاهو خاموش رهيو.

هوءَ روئي پئي. ”تون منهنجي ڌيءَ کي ماررن آيو آهين،“ هن جهيڻي آواز ۾ چيو، تہ مون کي مار، هن کي نہ مار.“

شاهو خاموش رهيو. هن سندس ٽنگون ڇڏي ڏنيون. هوءَ دانهن ڪري اٿي بيٺي. اوندهہ ۾ شاهوءَ کي سڃاڻي نہ سگهي.

اوندهہ ۾ ٻئي ڪجهہ دير تائين اجنبين وانگر هڪ ٻئي جي سامهون بيٺا رهيا. لوهہ جي نالي ٻارڙيءَ کي ممتا نہ ڏيئي سگهي.

هوءَ روئڻ لڳي. ٻاليءَ کان رهيو نہ ٿيو. زخمي عقاب جيان جهٽ ڏيئي، پنهنجي ڌيءَ شاهوءَ جي ٻانهن مان کسي ورتائين. شاهوءَ ٻارڙي موٽائي وٺڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. جنهن هٿ ۾ ريوالور هئس، سا ٻانهن هيٺ ڪري ڇڏيائين.

ٻاليءَ ٻارڙيءَ کي پنهنجي سيني ۾ لڪائي ڇڏيو ۽ ڊنل ڊنل نگاهن سان شاهوءَ کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. پر هوءَ شاهوءَ کي سڃاڻي نہ سگهي.

هوءَ آهستي آهستي سخت فرش تي ويهي رهي. ٻارڙيءَ کي ٿڃ ڏيندي، شاهوءَ کي چيائين، ”ڪبر ٿئي هي ڪهجي ڌيءَ آهي؟“

شاهوءَ جي لونءَ لونءَ ڪاندارجي وئي. هن جواب نہ ڏنو. خاموش رهيو.

ٻارڙيءَ کي ٻانهن ۾ پڪوڙيندي ٻاليءَ ٻيهر چيو، ”ماررن آيو هئينس نہ! ڪبَر بہ ٿئي هيءَ ڪهجي ڌيءَ آهي؟“

شاهوءَ جون منيون ڀڪوڙجي ويون. لونڊڙيءَ جون رڳون سيٽجي ويس ۽ دماغ ڏنوڻ لڳيس.
باليءَ جي ممتا اٿلي پئي. ٻارڙيءَ کي پيار منجهان چمڻ لڳي، پشم جهڙا وار، کپهه جهڙا ڳل ۽ پتڪڙا پتڪڙا، نازڪ هٿ ور ور ڪري چمڻ لڳس. ايتريون ته منيون ڏنائينس جو ٻارڙي روئي پئي.
”نه منهنجي جيجان توکي ڪيل مالي،“ هوءَ ٻارڙيءَ کي سرچائڻ لڳي. اوچتو کو خيال ايندئي، منهن مٽي ڪري، اوندهه ۾ بيٺل شاهوءَ ڏانهن ڏسندي چيائين، ”ڪبر ٿئي هيءَ ڪنهنجي ڌيءَ آهي؟“
شاهوءَ جواب نه ڏنس. ڪيس خاموش ڏسي باليءَ پاڻ ئي وراڻيو، ”هن جو ڪوبه پيءُ ڪونهي. هن جو ڪوبه پيءُ ڪونهي.“
بالي اوڇنگارون ڏيئي روئي پئي.
شاهو ڪوٺيءَ مان نڪري ٻاهر ورانڊي ۾ اچي بيٺو. ڪجهه سڪل پن سندس قدمن ۾ چيچلائي خاموش ٿي ويا. هوا جو زور وڌي ويو هو. پراڻي جاءِ جا بنياد ڪنبي رهيا هئا. ماحول کي تاريڪي وڪوڙي وئي هئي. گهگهه اوندهه ۾ بالي شاهوءَ کي سڃاڻي نه سگهي.

# سياڻن ۾ هڪ پوڪ

منهنجا مائٽ هميشہ منهنجي شڪايت ڪندا رهندا آهن. مان آهيان بہ اڻ گهڙيل ڪاٺ، ڇيتن سان ڀريل. خاص ڪري جڏهن ڪان بي. اي جي ڊگري ورتي اٿم، تڏهن ڪان اسان جي گهر ۾ ڀائيتال متل آهي ۽ مون سان ويل.

مان عادتن ۽ افعالن ۾ پنهنجن ڀائرن ۽ ڀينرن کان بلڪل مختلف آهيان. ان حقيقت جي شڪايت منهنجي ماءُ اڪثر پنهنجين ساهيڙين ۽ پاڙيسري عورتن سان بہ ڪندي رهندي آهي، ”الاءِ ڪنهن تي ويو آهي، منهنجن ڇئني ٻارن کان بدليل آهي. عزيز گزيٽيڊ آفيسر آهي. ڪريم تہ ڏسنديئي ڏسندي دوائن جي ڪاروبار ۾ پڙ تي ويو آهي. بلقيس ڊاڪٽرياڻي ۽ نجمہ انگريزيءَ جي ليڪچرار آهي، پر هي آجو! ڇئي تو مان اڳتي پڙهندس ئي نہ.“ الاءِ ڪيئن، ڪڪ ٿيندي، ساهہ منجهائي، بي. اي جو امتحان ڏنم. منهنجو والد صاحب وڏي اثر رسوخ وارو آهي. سفارشون هلائي سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪرايائين. بي. اي ڪيم تہ سيني زور رکيو تہ علم سياست ۾ ايم. اي ڪيان، پر مون رڪائيءَ سان انڪار ڪري ڇڏيو اٿن.

منهنجي انڪار تي ادا طنز ڀريل مرڪ سان چيو هو، ”پوڪ.“

منهنجو وڏو ڀاءُ عزيز، سماجي ڀلائيءَ ۽ بهبوديءَ واري کاتي ۾ وڏو آفيسر آهي. قدآور، ٺاهوڪو، ذهين ۽ ڪل مک جوان آهي. جيستائين شادي نہ ڪئي هئائين، تيستائين ڪلبن جو روح روان هوندو هو. ڪلبن جون ڇوڪريون بہ مٿس جان ڏينديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن موقعو ملندو هئس تہ بابا جي ڪار ۾ ڪنهن ڇوڪريءَ کي ساڻ ڪري، هاڪس بي تي رات گذاري ايندو هو. هينئر شادي ڪئي اٿائين ۽ پنهنجين چنچل سالين جي اردليءَ ۾ آهي. سندس سهرو هڪ ڪارخاني جو جنرل مئنيجر آهي.

ادا جون ساليون سينٽ جوزف ڪاليج ۾ پڙهنديون آهن. مان تہ کين وٺان ئي ڪين. هڪڙي ڏينهن بنگلي جي لان تي ڪين ڳالهيون ڪندي ٻڌو هئم.

“آجو! اف ڀوڪ.”

“بلڪل گدلو آهي.”

“عزيز ۽ ڪريم ڪهڙا نہ Handsome آهن.”

“۽ نجمہ تہ هن سڄي گهر ۾ بيحد ذهين آهي.”

“ڪهاڻيون بہ تہ ڏاڍيون سهڻيون لکندي آهي!”

منهنجي ڀيڻ نجمہ، جنهن انگريزيءَ ۾ ايم. اي ڪئي آهي، سا ڪهاڻيون بہ لکندي آهي. سندس افسانا سنڌي ۽ اڙدو رسالن ۾ شايع ٿيندا آهن. افسانن سان گڏ پنهنجو فوٽو بہ ڏيندي آهي. ڪهاڻي ڇپجڻ کان پوءِ ڪيس پنج اٺ عاشقاڻا خط ملندا آهن. اهڙا

خط پڙهندي، مون اڪثر سندس منهن تي خوشيءَ جي لهر ڊوڙندي ڏٺي آهي، پر مصنوعي غصو ظاهر ڪرڻ لاءِ چوندي آهي، "Silly".
بابا کي جڏهن اهڙا خط ڏيکاريندي آهي، تہ بابا وراڻيندو آهي، "اسان کي يورپ ۾ رهڻ گهربو هو. هتان جا ماڻهو جاهل آهن."
اهڙين ڳالهين ڪرڻ ڪانپوءِ بابا اڪثر پائيپ جو لمبو ڪش هڻي، پنهنجي قديم آرام ڪرسيءَ تي ليٽي پوندو آهي، "چا تہ ڏينهن هوندا هئا!" بابا جو مخصوص جملو آهي.
بابا انگريزن جي ڏاڍي خدمت ڪئي آهي. جڏهن هر طرف انگريزن کي ملڪ مان لوڏي ڪڍڻ جون تحريڪون جاري هيون، ۽ جڏهن ملڪ ۾ آزاديءَ جي هلچل متل هئي، تڏهن بابا لڪ چوريءَ تحريڪ جي بانين جا نالا انگريزن کي پهچائيندو هو. آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ رضاڪارن سان شامل ٿي، سندن راز معلوم ڪري انگريزن کي ٻڌائيندو هو. انگريز سندس وفاداري ۽ اڻٿڪ ڪوشش مان خوش ٿيا. کيس خانبهادر جو لقب عطا ڪيائيون ۽ سنڌ جي هڪ زرخيز علائقي ۾ ٿي سؤ ايڪڙ زمين بہ بخشش ڪيائون. سندس خانبهادريءَ جي سند اسان جي ڊرائينگ روم ۾ لڳل آهي.
مون جڏهن بي. اي جي ڊگري ورتي ڪان پوءِ اڳتي پڙهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، تڏهن بابا مون کي پاڻ وٽ گهرايو. اول دڙڪا ڏنائين، ڌمڪايائين، پر جڏهن ڪاوڙ مان ڪڙ تيل نہ نڪتو، تڏهن

هڪدم لهجو بدليندي چيائين، ”پلا سي. ايس. پي لاءِ تياري ڪر. ڪجهه ميمبر منهنجا واقف آهن، ڪم ٿي پوندو.“

مون وراڻيو، ”مان ڪتابن مان ڪڪ ٿي پيو آهيان.“

”What?“ بابا ذري گهٽ رڙ ڪئي، ”آخر تون ڪرڻ ڇا ٿو چاهين؟“

”مون کي سوچڻ جي مهلت ڏيو،“ جواب ڏنم.

”هي رفتار ۽ ترقيءَ جو دور آهي. دنيا تيزيءَ سان وڌي رهي آهي ۽ تون سوچڻ لاءِ مهلت ٿو گهرين!“ بابا ڪاوڙ مان اٿي بيٺو.

”راڪيٽ، ميزائيل، نيوڪليئر بم سڀ تيز رفتار آهن،“ مون وراڻيو، ”دنيا ترقي ڪري رهي آهي، پر مونکي سوچڻ جي مهلت ڏيو.“ مان ٻئي هٿ پتلون جي کيسن ۾ وجهي، بابا جي ڪمري مان نڪري آيس. پنيان سندس رڙ ٻڌم، ”نجمه! آجو پوک کي سمجهاءِ.“

نجم مون کان سخت نفرت ڪندي آهي. مان ڪانئس ننڍو آهيان، ان ڪري چڙٻ ٻه ٻڏٽي پوندي اٿم. منهنجا ميرا ڪپڙا، اڻيا وار ۽ وڌيل ڏاڙهي ڏسي چوندي آهي، ”تون اسان جي خاندان تي بدنما داغ آهين.“ مان کيس جواب نه ڏيندو آهيان. خانداني برتريءَ جو وڏو احساس اٿس. روزانو ڪڏهن ساڙهي، ڪڏهن غرارو ۽ ڪڏهن سلوار قميص پائي ڪاليج پڙهائڻ ويندي آهي. پر شام جو ڪلب وڃڻ وقت اهو معمول اٿس، ته ٻانهن بنا بلائوز پائيندي ۽ شوخ رنگ جي ساڙهي ويڙهيندي آهي. کيس پينسل هيل جا

سينڊل پسند آهن. فخر سان ٻڌائيندي آهي، تہ مشهور آمريڪي نچڻو ايڪٽر ايلوس پريسلي سندس قلمي دوست آهي. ڪيس اسان جي خاندان ۾ سڀ کان ذهين، نفيس ۽ مهذب سمجهيو ويندو آهي.

بابا جي آواز تي مون کي سمجهائڻ آئي، "آخر تون ڪرڻ ڇا ٿو چاهين؟"

"ڪجهہ بہ نہ."

"ڪجهہ بہ نہ!" نجمہ غصو دٻائيندي چيو، "سوچ تہ سهي آجو، تہ تون ڪيڏي نہ وڏي خاندان جو فرد آهين! عزيز پائيجان ۽ ڪريم پائيجان ڏانهن ڏس، ڪيئن نہ پنهنجي لاءِ مٿاهون مقام حاصل ڪيو اٿائون. بلقيس آپا ڊاڪٽرياڻي آهي ۽ مان-"

نجمہ پنهنجي باري ۾ ٻڌائڻ کان ڪيٻايو ۽ مون سندس جملو پورو ڪيو. "۽ تون انگريزيءَ جي ليڪچرار، ايلوس پريسليءَ جي دوست ۽ مشهور افسانہ نگار آهين."

نجمہ کي اتي ئي ڇڏي مان ٻاهر نڪري آيس. (جڏهن انگريز آقا هئا ۽ اسان غلام تڏهن اسان جي گهر ۾ بابا کي ڊيڊي ۽ امان کي ممي سڏيو ويندوهو. اسين ٻار هئاسي، تنهن ڪري اسان کي ڪڊيز سڏيو ويندو هو. الله ڪيو، انگريز ويو. هينئر اسان جي گهر ۾ بابا کي ابو، امان کي امي، ادا کي پائيجان ۽ اديءَ کي آپا سڏيو ويندو آهي.)

منهنجي وڏي ڀيڻ بلقيس ڊاڪٽرياڻي آهي. اسپتال وڪٽوريا روڊ تي اٿس. اجا تائين شادي ڪانہ ٿي اٿس. امان شاديءَ لاءِ چيو هئس تہ وراڻيو هئائين، ”مان انسانن جي خدمت ڪرڻ چاهيان ٿي. في الحال شاديءَ جو ارادو ڪونهيم.“

هوءَ سچ پچ انسانن جي خدمت ڪندي آهي. ڪارخانيدارن، زميندارن ۽ ڪامورن جون زالون وٽس اينديون آهن. صلاح مشوري جي في فقط سٺ رپيا وٺندي آهي. هڪ دفعو سندس ڪراڙي ۽ ضعيف ماسترياڻيءَ (جنهن کيس اسڪول ۾ پڙهايو هو) کيس گهرايو، پر ادي بلقيس انڪار ڪري ڇڏيو. امان سمجهايس تہ وراڻيو هئائين، ”هيٺئين طبقي جي ماڻهن وٽ وجھڻ سان اهميت ۽ قدر گهٽجي ويندو آهي.“

ان اصول تي هلندي ادي بلقيس بيحد مشهور ٿي ويئي آهي. لاهور، راولپنڊي ۽ ڍاڪا کان وڏن وڏن سيٺين جون عورتون علاج ڪرائڻ لاءِ وٽس اينديون آهن. اهڙين عورتن کي فقط ٿي بيماريون ٿينديون آهن: ٿولهھ، ٿڪ ۽ مٿي جي ڦيري.

ادي بلقيس بہ مون کي سمجهايو، ”آجو! آخر ڪجھ تہ ڪرڻو اٿئي.“

”ڪجھ بہ نہ.“

”پنهنجن ڀائرن ڏانهن تہ ڏس! عزيز ڪاليج جو بهترين ڊبيٽر هو.“

”پر انعام ڪڏهن بہ نہ مليس،“ مون رڪائيءَ سان وراڻيو.

ادي بلقيس سياڻي سياستدان وانگر منهنجو جملو نظر انداز ڪندي چوندي رهي، ”ڪريم ڪاليج جو ڪرڪيٽ ڪيپٽن هو.“
”پر ڪڏهن ڏهه رنس به ڪري نه سگهيو.“
مان خاموش طبع آهيان. جيستائين بيحد خفي نه ٿيان، جواب نه ڏيندو آهيان. منهنجي جواب تي ادي بلقيس باهه ٿي ويئي.
مان دري ٽپي، باغ مان مالٽو پٽي، چوسيندو ٻاهر هليو ويس.
بنگلي جي در وٽ ڪريم مليو. پنهنجي ڪنور ٽيبل موٽر مان لٿو هو. گڏ هڪ سينگاريل ڇوڪري به هئس. مون تي نظر پيس ته ڇوڪريءَ کي آهستگيءَ سان ڪجهه چيائين. ڇوڪريءَ اول مون ڏانهن حقارت مان ڏٺو ۽ پوءِ ٺهڪ ڏيئي کلي پيئي. ڪريم اڳتي ايندي چيو، ”يار، سستي ڇڏ، اڳتي پڙهه، يا بزنس ۾ لهه.“
”ٻئي ڪم مون کان نه ٿيندا.“
”ڇو؟“
”الاءِ.“
”۽ جي ابو تنهنجو خرچ بند ڪري ڇڏي ته؟“
هن جي سوال ۾ ننولي هئي. ڪيس جواب نه ڏنم، نم جي سڪل پنن کي لتاڙيندو ٻاهر هليو ويس.
ڪريم، عزيز کان ننڍو آهي. ٽوٽيون ٽنيا ڏيئي بابا بي. اِي ڪرايس. انجنيئر ٿيو. ٻه ٽي سال نوڪري ڪيائين، ۽ ان عرصي ۾ سيمنٽ جون ڳوٽيون ۽ لوهه وڪٽي، ۽ نيڪيدارن سان نهي

خوب دولت هٿ ڪري ورتائين ۽ پوءِ نوڪري ڇڏي ڏنائين. بابا درآمدي واپار جو ليسن وٺي ڏنس. جنهن تي انگريزي دوائون گهرائي وڪڻندو آهي. سچ پچ ته ڏنڌي جو ڏاڍو ڏانءُ اٿس. ضرورت ۾ دوائون لڪائي ڇڏيندو آهي ۽ بليڪ ۾ وڪڻندو آهي. اڄ لکين رپيا بينڪ ۾ اٿس.

مون کي پڻ سمجهه ۾ نٿو اچي ته بي. اي ڪان پوءِ ڇا ڪيان؟ پڙهڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. بلڪل جڏو آهيان. جيڪڏهن حالتون سازگار نه هجن ها، ته هوند ميٽرڪ به نه ڪري سگهان ها. ڪاليج سان ڪابه دلچسپي نه اٿم. ۽ نه آهيان رانديگر ۽ نه ئي بحث مباحثن ۾ ڳالهائي ڄاڻان. خاص ڪري ڪلبن سان ته ازلي وير اٿم. ماڻهو الاءِ ڪيئن افسانا ۽ ڪهاڻيون لکندا آهن. مون کان ته ڪارڊ تي ٽي سٽون به نه لکجنديون آهن. ڏسندو هئس ته منهنجا ڪاليجي اديب، ڪلاس بدران ڪينٽين ۾ ويٺا هوندا هئا. ڪتابن جي پيري بغل ۾، وار وکريل، اکيون مصنوعي اداس، ڏاڙهي وڌيل، ۽ ڪن ۾ سڙيل سگريٽن جا ٽوٽا رکي پنهنجي اديب هئڻ جي ڇاپ هڻندا وتندا هئا. چڱي خاصي ٽريجڊيءَ جي ايڪٽنگ ڪري ڄاڻن. سندن صورتون ڏسي مون ڪينٽين ۾ وڃڻ ئي ڇڏي ڏنو هو. ڪاليج جي تلخ ۽ ٻسي تجربي کان پوءِ يونيورسٽيءَ ۾ قدم رکڻ تي دل نه ٿي ٿئيم.

شام جو گهر موٽيس ته امان وڏي واڪي پاڙيسري عورتن سان پئي ڳالهايو. جيڪي خوشي ۽ غميءَ ۾ امان کي اڳيرو ڪنديون آهن. جيستائين بابا کي خانبهادريءَ جو لقب نه مليو هو ۽ نه ئي انگريز سرڪار طرفان ڪيس جاگير عطا ٿي هئي، تيستائين امان کي اهڙي اهميت نه ملندي هئي. اڄڪلهه پاڙي جا جهيڙا جهٽا، ڏيتي ليتي، شاديون، مڱڻا امان جي صلاح سان ٿيندا آهن. خاص امان لاءِ ٻه سنڌي اخبارون اسان جي گهر ۾ اينديون آهن. ڏسندي ئي ڏسندي، سياست ۾ اهڙي ته ماهر ٿي ويئي آهي، جو گهر ۾ به ملڪي مسئلن تي ڳالهائيندي رهندي آهي.

عورتن ڪان جند ڇڏائي امان مون وٽ آئي. چيائين، "ابا، مان تنهنجي ماءُ آهيان. مون کي نه ٻڌائيندين ته تون ڪرڻ ڇا ٿو چاهين؟"

"ڪجهه به نه."

"ائين ڪيئن ٿيندو! ڇئه ته اعليٰ تعليم لاءِ توکي ٻاهر موڪليون."

"مان ٻاهر نه ويندس."

"ته آخر ڇا ڪندين؟"

"خدارا منهنجي جند ڇڏيو. مان ڪجهه نه ڪندس."

"پيءُ جي عزت جو به خيال ڪونهي ئي!"

ان وقت مون امان کي جواب نه ڏنو. خاموش رهيس. رات جي مانيءَ تي سڀ قهر آلود نگاهن سان مون کي گهوري رهيا هئا. بابا

ٺماٺن جي سوپ مان چمچو پريندي چيو، ”آجو، تون ٻار ناهين، وڏي پيءُ جو پٽ آهين. توکي وڏو ماڻهو ٿيڻو آهي.“
منهنجو ڪنڌ جهڪيل رهيو ۽ بابا ڳالهائيندو رهيو.
”بزنس ڪرين ته اڄ ئي پرڏيهي واپار جو ليسن وٺي ڏيانءِ، لکين روپيا ڪمائيندين.“
امان پڻ وچ ۾ ڳالهايو، ”يا، جي چوين ته ڏهه ٻارهن ريس جا گهوڙا وٺي ڏيونءِ. ريس ڪورس تي وڏن ماڻهن سان ملندو به رهندين ۽ ڪمائيندين به خوب!“
مون آهستي آهستي ڪنڌ مٿي ڪيو، سيني جا چهرا ڏٺم. اکين مان چڻ شعلا پئي نڪتن. جواب ڪان جند ڇڏائڻ مشڪل ٿي پيئي.
وراڻيم، ”مون کي زمين وٺي ڏيو.“
”خوب! واهه جي ڳالهه ڪئي اٿئي! مان سياٽي ئي براج جي زرخيز حصي ۾ توکي پنج سئو ايڪڙ الاٽ ڪرائي ٿو ڏيان. ڦٽيون چاندي اٿئي ۽ ڪڻڪ سون. ۽ ان ايراضيءَ ۾ هاري به سستا ملندءِ.“
ڪريم چيو، ”اهڙي بهترين رٿ ته توکي اڳ ئي ٻڌائڻ گهربي هئي.“
مون آهستگيءَ سان وراڻيو، ”مان زمينداري نه ڪندس.“

“اڄڪي هينئر جو چيئہ تہ توکي زمين خريدي ڏيئون؟” عزيز ڪاوڙ منجهان چيو.
“مون زمين لاءِ چيو هو، پنج سئو ايڪڙن لاءِ نه،” جواب ڏنم، “مون کي پنج ايڪڙ زمين وٺي ڏيو، مان پاڻ هر هلائيندس، مان هاري ٿيندس.”
“پوڪ،” نجمہ چيو، ۽ چمچو سوپ جي پليٽ ۾ اڇلائي هلي ويئي. بلقيس چيو، “آجو دماغي مريض آهي.”
ڪريم رڙ ڪندي چيو، “لعنت آهي اهڙي ياءُ تي جيڪو خانداني ترقيءَ ۾ هٿ نہ ونڊائي.”
“چا تہ ڏينهن هئا!” بابا پنهنجي سند ڏانهن ڏسندي چيو.
سڀ آهستي آهستي ڪرسين تان اٿندا ويا ۽ ٿوري دير کانپوءِ سڄي ڪمري ۾ مان اڪيلو رهجي ويس.

# هن چار ۾

کير جهڙي انگريزياڻي ٽپ ڏيئي جيپ جي اڳين سيٽ تي عليءَ جي پرسان چڙهي ويٺي. عليءَ منهن ورائي مون ڏانهن ڏٺو. اکين ۾ شرارت هئس. چابي ڦيرائي جيپ جي مشين مان زوڪات ڪڍيائين. گير وجهي، اوچتو ڪاٻو پير ڪلچ تان ڪنيائين ته جيپ سٽ ڏيئي حرڪت ۾ آئي. علي مهارت سان اسٽيشن جي ٽانگن کان جيپ بچائيندو، روهڙي شهر ڏانهن ڦري ويو. اسٽيشن روڊ جي لاهي لهندي پڇيائين، ڪيئن ٿو ڀائين شيخ.”

“اڄ جهڙي رات جنت ۾ به نه گذاريندين.”

مون انگريزياڻيءَ ڏانهن ڏسندي ٺهڪ ڏنو. هن منهن ورائي مون ڏانهن ڏٺو. سمجهائين ڪجهه به نه، پر تڏهن به منهن تي مرڪ مڙي آيس. عليءَ انگريزيءَ ۾ ڪجهه چيس، جنهن تي هن به ٺهڪ ڏنو. ان ڏينهن زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ديسي ۽ ولايتي ٺهڪ ۾ فرق محسوس ڪيم. علي ساڻس ڳالهائيندو به رهيو ۽ هوشياريءَ سان روهڙيءَ جي سوڙهين سڙڪن تان جيپ به هلائيندو رهيو.

علي به واهه جو جوان مڙس آهي! سنڌي هجن ته اهڙا! حيدرآباد کان موٽندي روهڙي اسٽيشن تي انگريزياڻيءَ کي ڏسڻ شرط چيو

هئائين، “شيخ، جي هن کي هٿ نه کيوسين، ته پوءِ ير حيف آ اسان جي مڙسيءَ تي.”

“وارو ڪر علي. هي شڪار ماريئه ته ڇڻ ٻئي جهان ڪٽيئهه.”

“تون اتي ئي ترس، مان اجهو ٿو ڪوڙڪي ۾ آٽيانس.”

“تڪڙ نه ڪجانءِ علي، پليٽ فارم تي سپاهي ٿا گهمن.”

“سپاهي پنهنجا سنگتي آهن، تون فڪر نه ڪر شيخ.”

سنڌي زميندارن وانگر فل سوٽ پائيندو آهيان، پر انگريزيءَ جو اکر به نه ڄاڻان، مان اتي ئي ترسيس. عليءَ انگريزياڻيءَ ڏانهن وڌي ويو.

هوءَ ڏاکڻ وٽ سامان رکي ايندڙ ويندڙ سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. پر سنڌي سباجهڙا پلا انگريزيءَ مان ڇا ڄاڻن! لڳس گهورڻ. ڪيس الفيءَ جهڙو ويڪرو، بنا ٻانهن چولو پيو هو. وارن کي جائيتو رکڻ لاءِ آسماني رنگ جو سنهڙو رومال ٻڌو هئائين. پيرن ۾ ڇهنبائي ڪڙيءَ سان چمپل هئس. نيريءَ چوليءَ مان، جنهن جو نالو عليءَ سئڪ ٻڌايو هو، سندس پريل پنيون اس ۾ جرڪي رهيون هيون. لسيون لسيون بلوري ٻانهون چيلهه تي رکي بيٺي هئي. ڪانئس وڌيڪ پرپور ۽ سنگ مرمر جهڙي عورت مون اڳ ڪڏهن به نه ڏٺي هئي.

سنڌ آهي انبن، ڪارڪن ۽ ڦٽين جو ملڪ، هتي ست مهينا هلن جهولا، لڪ لهسائي ۽ بدو باهه لڳائي. اسان جي عورتن مان اڇي

پگهر جي بوءِ ۽ چيٽن جي ڏپ. پوءِ پلا ڪيئن اسان جي پنهنجين سنڌي عورتن ۾ اک ٻڏي!

مان انگريز عورت جون ٽنگون گهوريندو رهيس ۽ مڇ مروڙيندو ريس. مان سنڌ جو وڏو زميندار آهيان. وڏي رهائيءَ وارو آهيان، ان ڪري مڇ به وڏي رکندو آهيان. ٻه سنڌي انگريزياڻيءَ کي گهوريندا، منهنجي پرسان اچي لنگهيا. هڪ

چيو، "بلي بلي، زائقان آهي، ڪي انگريزي فلمن جي هيرائن!"

هوءَ هئي به اهڙي: ناريل جي ڳر جهڙي. خدا ڪيس جبلن جي برف جهڙو حسن ۽ رنگ روپ ڏنو هو. ڪيس ڇڻ ته ملائي مکڻ سان ڻاهيو هئائين. سندس ڏورا ڏسي نصرپور جا پيڙا ياد آيم. علي مڙسي نه ڪري ها، ته جيڪر سڄي عمر پڇتائيندو رهان ها.

علي آهي دلير جوان. ان سرڪاري ڪاتي ۾ نوڪري ڪندو آهي، جنهن جو پيو نالو هذا من فضل ربي آهي. شوقين مڙس آهي. مرن ۽ عورتن جي شڪار جو ماهر آهي. مرن کي سڌو سنئون گولين سان ماريندو آهي، ۽ عورتن کي اٽڪلن جي بندوق ۾ دولت جا ڪارتوس پري ماريندو آهي. دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۽ ذات پات جي عورت نه ڇڏي اٿائين. ان ڳالهه تي فخر اٿس. اڪثر چوندو آهي، 'اسان سنڌي دنيا جي عورتن کي آزمائڻ لاءِ پيدا ٿيا آهيون.'

علي ڪجهه دير عورت سان ڳالهائيندو رهيو ۽ پوءِ هٿ جي اشاري سان مون کي سڏ ڪيائين. وڪ وڌايم. رن جي چمڙيءَ جو چلڪو ڏسي، دل جي چربي سيني ۾ رجندي محسوس ڪيم. ويجهو وڃي پڇيومانس، ”ڪٿو آهين چا؟“

”اهڙي بددعا تہ نہ ڪر يار.“ عليءَ وراڻيو، ”چئي ٿي، انگليڊ کان آئي آهي.“

”سنڌ گهمڻ؟“ حيرت مان پڇيم.

”ها، موهن جي دڙي جي تاريخ لکڻ آئي آهي.“

”چري تہ ناهي؟ يلا موهن جي دڙي ۾ چا رکيو آهي! ڏٺل شهر، پيننگ، پڪ مغز خراب اٿس.“

”چئي ٿي، تہ موهن جو دڙو دنيا جي قديم تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز رهيو آهي، ان ڪري ڪيس موهن جي دڙي سان انس آهي.“

”رن کي پڪ سنڌ جي گرمي لڳي آهي.“

”نہ يار، آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان خاص ان ڪم لاءِ اسڪالر مليل اٿس.“

”انگريز پوڪ هميشہ کان چريا، پيا پتر نڪر ميڙيندا.“

عليءَ جواب نہ ڏنو. عورت سان ڳالهائيندو رهيو.

روهڙيءَ جي اسٽيشن سنڌ جي سيني اسٽيشنن کان وڏي آهي. بيشمار مسافر لهن ۽ چڙهن. جيڪي لٿا، اسان جي چؤگرد گڏ ٿيندا ويا. واچ گودو هٽي وين. غريب غربا هئا. عليءَ کين چڙب ڏني:

اڙي ٽرو، پري ٿيو، عمر ۾ عورت بہ نہ ڏني اٿو، وجو وجي سکر ۾ انگريزي فلم جو شو ڏسي سک لاهيو. پوءِ ٻن چئن پوليس وارن کي گهرائي، سنڌين کي پڳن وارا ڏنڊا کارايائين. تڏهن وجي کا پيهہ پري ٿي.

جڏهن خلق ٽڙي پکڙي ويئي، تڏهن عليءَ چيو، "شيخ، روڊ سان موهن جي دڙي تائين وڃڻ ٿي چاهي."

"تہ پوءِ هبکين ڇو ٿو؟ تنهنجي جيپ تيار آهي نہ. نوکرن ضرور آندي هوندي."

"ها، ڏسين نٿو سامهون ڊرائيور بيٺو آهي."

"تہ پوءِ چئينس تہ اسان کيس ويران شهر ۾ پهچائيندا سين."

عليءَ انگريزيءَ ۾ ڪجهہ چيس. هوءَ ڪجهہ گهڙيون سوچيندي رهي. مان سندس ياقوتي چپ ڏسي، جي- بي منگهارام جا ڪٽمنڙا ياد ڪرڻ لڳس. بہ چار گهڙيون خاموش رهي، انگريزيءَ ۾ ڪجهہ چيائين، تہ عليءَ جي منهن تي رونق ڦهلجي ويئي. چيائين، "شيخ هلڻ لاءِ تيار آهي. اسان جا ٿورا مڃيا اٿائين."

مون موليٰ جا لک شڪرانا بجا آندا، جو مرشد جي مهر سان مکڻ ملائيءَ جهڙي انگريزياڻي اسان کي مال غنيمت ۾ ڏنائين. مرشد سائين اهڙن ڪمن ۾ هميشہ منهنجي مدد ڪئي آهي. دل مان دعا نڪتي. شل سدائين جيئن سنڌ جا مرشد سڳورا.

انگريزياڻيءَ وٽ ڪيپٽن لٽن جي پيٽين ڪان وڏيڪ ڪتاب ۽ نقشا هئا. عليءَ پنهنجن نوڪرن ڪي سامان ڪٽڻ لاءِ چيو. نوڪر سامان مٿي تي رکي، اسان ڪان اڳيرو هلڻ لڳا. پليٽ فارم جي مٿان پل تان لنگهندي انگريزياڻيءَ عليءَ ڪان ڪجهه پڇيو. جواب ۾ عليءَ پنهنجو نالو، ۽ سنڌ جو نالو ڪنيو. ان مان سمجهيم ته هن پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي هئي. عورت سندس نالو دهرائيندي علي ۽ محمد جا نالا ڪٽي ڪجهه دير تائين ڳالهائيندي رهي. جواب ۾ علي به چڱي دير ڳالهائيندو رهيو. مون ڪان رهيو نه ٿيو. عليءَ ڪان نونٽ هٽندي پڇيم، "هيءَ ڪافرياڻي الله ۽ رسول جا نالا ٿي ڪٽي، اهو ڪم نهي ٿو؟"

عليءَ وراڻيو، "پڇيائين پئي ته حضرت علي حضرت ' جن جو سوٽ هو ته پوءِ سندن وفات بعد هو خليفو ڇو نه ٿيو؟

"مار! ڪافرياڻيءَ ڪي اسلام جي واهه جي ڄاڻ آهي."

"مون وراڻيس ته اسلام جمهوريت جو حامي آهي."

"واهه جو جواب ڏنئيس."

"پر شيخ، رن به آڙيڪاپ آهي. پڇيائين، ته پوءِ حضرت علي ۽ امير معاويہ خلافت لاءِ ٻه خونخوار جنگيون ڇو لڙيا هئا؟"

"يار هيءَ ته بلا آهي. شيطان جي زال آهي،" مون حيران ٿيندي چيو، "تو ڪهڙو جواب ڏنس."

“ٻڌايومانس تہ مسلمان مختلف حصن ۾ ورهايل آهن، جن مان هڪڙا آهن سني ۽ ٻيا شيعا. مان ان موضوع تي نہ ڳالهائيندس.”

“شاباس!”

هڪدم پڇيائين، “اسلام جيڪڏهن ايڪائي ٿو سيکاري تہ پوءِ توهان مسلمان پاهتر فرقن ۾ ڇو ورهايل آهيو؟”

“تو ڇا وراڻيس؟”

“جواب ڏنومانس، اسان وٽ ان سوال جو جواب ڪونهي.”

مان عليءَ سان ڳالهائي رهيو هوس تہ هن مون ڏانهن اشارو ڪندي عليءَ کان ڪجهہ پڇيو. عليءَ ڪيس جواب ڏيئي، مون سان مخاطب ٿيو، “تنهنجي باري ۾ پڇيائين تہ ڪير آهي؟ ٻڌايومانس تہ سنڌ جو مشهور زميندار آهين.”

“ٻي بہ ڪا ساراهہ پاراهہ ڪرينس ها.”

“ڇيومانس تہ تون بيحد مهمان نواز آهين.”

“ٻيو ڪجهہ؟”

“هن رن کي اسان کان وڌيڪ سنڌ جي ڄاڻ آهي.”

“ڪيئن؟”

يورپ ۾ تاريخ جي شاگردن کي اهو ئي ٻڌايو ويو آهي، تہ سنڌي مهمان نواز، رحمدل، سٻاجها ۽ امن پسند آهن.”

“يلا پنهنجو نالو ٻڌايائين؟”

“ها، نالو اٿس مارگريٽ.”

ڳالهيون ڪندا، ڏاڪڻ لهي، جيپ وٽ پهتاسين. نوڪرن سامان جيپ ۾ رکيو ۽ پري ٿي بيهي رهيا. عليءَ نوڪرن ۽ ڊرائيور کي ريل رستي سکر اچڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ جيپ هلائڻ لاءِ اڳين سيٽ تي وينو. مان پٺيان وينس ۽ مارگريٽ ٽپ ڏيئي عليءَ جي ڀرسان ويهي رهي. اسان جنهن وقت روهڙي شهر ۾ داخل ٿياسين، تنهن وقت سج آخري تجلو ڏيئي ليندس ڊائونپل جي پويان ٽبي هٽي ويو. علي مارگريٽ سان ڳالهائيندو به رهيو ۽ هوشياريءَ سان روهڙيءَ جي سوڙهين گهٽين مان جيپ به هلائيندو رهيو.
هن پڇيو ٿي، ۽ عليءَ يا ته وراڻيو ٿي، يا انڪار ۾ ڪلها لوڏيائين پئي. منهنجي پڇڻ تي عليءَ وراڻيو، "پڇي ٿي ته ساڳيو شهر آهي نه، جتان نوجوان عربي جنرل لنگهيو هو."
"عربي جنرل! هتان ته جرمن- جپان واري جنگ جي ڏينهن ۾ انگريز سپاهي لنگهندا هئا."
سوچيم، چوري ضرورت ڪان وڏيڪ پڙهيل آهي، تنهنڪري وقلي ٿي. ماٺ ميٺ ۾ چوسول ٽپي منسپل جي زبون عمارت وٽان ٿيندا، بندر روڊ تي پهتاسين. روهڙيءَ جو بندر روڊ سنڌوءَ جي ڪناري تي آهي ۽ سنڌوءَ جي ٻئي ڪناري تي آهي سکر. جڏهن حاجنا شاهه پير وٽ جيپ پهتي، ته هن عليءَ کي جيپ بيهارڻ لاءِ چيو. عليءَ هڪدم جيپ بيهاري ڇڏي. مارگريٽ پنهنجن نقشن مان هڪ نقشو ڪڍيو ۽ بايونٽ تي وچائي غور سان جاچڻ لڳي.

نقشي تي هڪ هنڌ ڳاڙهي پينسل سان منڊيئڙو هڻندي، اورنگزيب ۽ دارا جا نالا ڪڻندي ڪجھ چئي ويئي. عليءَ کان پڇيم، تہ هن وراڻيو، ”بکر جي قلعي نالي چئي ٿي، تہ هي اهو قلعو آهي، جنهن ۾ اورنگزيب پنهنجي وڏي ڀاءُ دارا کي سوگھو ڪري، سندس ڪاڏي پيتي جا سمورا رستا بند ڪري ڇڏيا هئا.“

”رن چري آهي.“

”يا اسان کي چريو ڪندي.“

”اهڙو واقعو اسان جي سامهون تہ نہ ٿيو هو، باقي بکر جي قلعي ۾ شاهہ صدرالدين جي قبر آهي، جتي لاهور ۽ ڪراچيءَ جون فسٽ ڪلاس ڪيريون نچڻ ۽ ڳائڻ ايندِيون آهن.“

علي ۽ مان ايندڙ رات جي تات ۾ هئاسين. هوءَ پنهنجي ڪم ۾ رڌل هئي. ڪڏهن نقشي تي ڳاڙها نشان هنيائين پئي، ۽ ڪڏهن پنهنجي ڊائريءَ ۾ نوٽ لکيائين ٿي. چڱي دير لکڻ ڪانپوءِ، جڏهن سانجهيءَ جا پاڇا هر طرف ڦهلجڻ لڳا، تڏهن هن نقشا ويڙهيا، ڊائري بند ڪئي ۽ موٽي اچي جيپ ۾ چڙهي ويٺي.

اسان اڳتي وڌياسين.

عليءَ جيپ جو رخ پل واري سڙڪ ڏانهن نہ ڦيرايو ۽ سڌو بندر روڊ ورتائين. ناڪي کان ٿيندا، سيشن وٽان لنگهي، سٽين جي آستان وٽ پهتاسين. عليءَ مارگريٽ کي انگريزيءَ ۾ ڪجھ ٻڌايو. جيڪي ڪجھ عليءَ ٻڌايس، ٻڌي اکين ۾ حيرت تري آيس.

پنهنجي ڪئميرا ۾ بلب اٽڪائي، ستين جي آستان جا ٻه چار فوٽا ڪڍيائين. عليءَ کان پڇيم ته ڇا ٻڌائيسين؟ هن وراڻيو، "ٻڌايومانس ته هي آستان انهن پاڪ دامن بيبين جو آخري آرام گاهه آهي، جن هڪ بدنيت ڪافر جي هٿ چراند کان بچڻ لاءِ خدا کان پنهنجي عزت ۽ عصمت جي حفاظت لاءِ دعا گهري هئي. خدا سندن عرض اگهايو. جبل ڏري پيو ۽ نيڪ بيبيون اتي ئي دفن ٿي ويون."

"بيشڪ، بيبين جي عزت الله کي پياري آهي. سبحان الله."

مارگريٽ فوٽو ڪڍي چڪي ته علي اڳتي هليو. ستين جي آستان کان وٺي سکر بيراج تائين سڙڪ جي هڪ پاسي انبن ۽ ڪارڪن جا باغ آهن ۽ ٻئي پاسي سنڌو. سنڌوءَ جي پرئين پاسي سکر آهي. ستين جي آستان وٽان ڦري، بيراج جو رخ ڪيوسين. هر طرف ذري گهٽ اونداهه ڦهلجي چڪي هئي. سامهون سکر جي بندر ۽ گهرن جون بتيون روشن ٿي چڪيون هيون. روشنيءَ جا ڪرڻا رنگا رنگي قطارن ۾ سنڌوءَ جي لهرن تان موٽ کائي رهيا هئا. عليءَ کي چيم، "انگريزياڻيءَ کي سامهون وارو نظارو ڏيکار. پل ڏسي ته اسان جي سنڌ ڪهڙي نه سهڻي آهي. اجايو موهن جي دڙي ۾ ڌڪا کائڻ مان ڇا ورندس!"

علي مارگريٽ کي ڪجهه چيو. هن منهن ورائي مون ڏانهن ڏٺو. ٿورو مرڪيائين. سکر ڏانهن ڏسي عليءَ کي ڪجهه چيائين. عليءَ

ترجمو ڪندي چيو، “چئي ٿي جهڙي سونهن سنڌ جي ٻڌي هيم، تهڙي ڏٺم.”

“ٻيو ڪجهه بہ چيائين ڇا؟”

“چيائين تہ توهان سنڌي ڏاڍا رحمدل ۽ مهمان نواز آهيو.”

مون اينڊڙ ٿهڪ کي نڙيءَ ۾ ئي روڪي ڇڏيو.

مارگريٽ سکر بيراج ڏانهن اشارو ڪندي عليءَ کان ڪجهه پڇيو. علي سندس سوالن جا جواب ڏيندو رهيو. جڏهن بيراج جي اڌ وٽ پهتاسين تہ هن عليءَ کي جيپ بيهارڻ لاءِ چيو. عليءَ جيپ بيهاري ڇڏي. هوءَ ٽپ ڏيئي هيٺ لٿي ۽ بيراج جي ٻني تي ٻانهون رکي مهراڻ جي مستي ڏسڻ لڳي. پاڻي لوهي درن سان وڙهندو جهڙندو، لڙڪندو اڳتي ڏوڪيندي پئي ويو. علي وجي سندس پر ۾ بينو. مان جيپ ۾ ئي وينو رهيس. ٻئي جڻا ڳالهائيندا رهيا. ڪجهه دير کان پوءِ جڏهن جيپ ۾ اچي ويٺا، تڏهن عليءَ کي چيم، “اڙي ياڙي، متان دغا ڪئي اٿئي.”

“دلجاءِ ڪر شيخ.” عليءَ وراڻيو، “وندي ورهائي ڪائيندا سين.”

“ڏاڍو سياڻو آهين، علي.”

جيپ جڏهن بيراج کان نڪري سکر شهر جو رخ ڪيو، تڏهن عليءَ کان پڇيم، “ڪهڙيون ڳالهيون پئي ڪيئہ هن سان.”

“ڇوريءَ جو مغز خراب آهي يار. چيائين پئي تہ سنڌو نديءَ ۾

هماليہ جي برف جو رجيل پاڻي آهي. جيئن هماليہ بلند آهي، تيئن سنڌين جا اخلاق بہ بلند آهن.”

اسان ٻنهي هڪ ٻئي ڏانهن مرڪي نهاريو.

عليءَ پڇيو، “تنهنجي اوطاق تہ واندي هوندي نہ؟”

“ها، واندي هوندي.”

“ڪو ڪامورو ترسيل تہ نہ هوندو؟”

“نہ بابا نہ، سڀ ٻاهر ويل آهن.”

عليءَ چڱيءَ دير هن سان ڳالهائڻ ڪانپوءِ مون ڪي چيو، “تڪڙ چڱي نہ هئي. زوريءَ رات رهايونس ها تہ گوڙ ڪري ها.”

“پوءِ ڪيئن رات رهڻ تي راضي ڪئيسين؟”

“چيومانس تہ موهن جي دڙي ڏانهن ويندڙ سڙڪ تي رات جو ڦُر ٿيندي آهي. چاهين تہ اسان هلڻ لاءِ تيار آهيون. ورنہ شيخ جي اوطاق رات گذارڻ لاءِ حاضر آهي.”

“واهہ جو اٽڪلي آهين، علي، پر توکي تہ ڪو وڏو عملدار هئڻ گهربو هو.”

“هاڻي ڪنهن ڪان گهٽ آهيون ڇا؟”

علي شهر ۾ اندر نہ هليو، بيراج ڪالونيءَ مان ڦري شڪارپور روڊ ورتائين.

پرڪڻ ڪان اورتي منهنجي زمين ۾ اوطاق آهي. تر جا وڏا وڏا عملدار منهنجي اوطاق تي رات ملهائيندا آهن. تنهن ڪري

صوبيدار سپاهي سڀ اسان سان نهيل آهن. اوطاق ۾ ڪنهن به قسم جو ڊپ ڊاءُ ڪونهي.
عليءَ جيپ آٽي اوطاق جي در ٻاهران بيهاري. نوڪر چاڪر ڊوڙندا آيا. مون سليمان کي ان ئي وقت ڪباب ۽ چاپون آڻڻ لاءِ سڪر روانو ڪيو. مني شيديءَ کي پنگ گهوٽڻ لاءِ چيم. پنگ چوريءَ کي به پيئارٽي هئي، تنهن ڪري پنگ ۾ ڦوٽا، خس خس باداميون ۽ مصري به وجهرايم. علي جيپ مان سامان لاهرائي رهيو هو. مان اوطاق ۾ گهڙي ويس. پويون ڪمرو، جيڪو خاص اهڙن موقعن لاءِ نهرايل آهي، تنهن ۾ صفائي ڪرائي، پيٽروميڪس بتي ٻارائي ٻاهر آيس. علي ۽ چوريءَ کي ساڻ وٺي اندر ويس. ڪمري ۾ سنڌي سامان ڏسي، مارگريٽ جي دلچسپي وڌي ويئي. پلنگ ڪشمور جي ماهر واڍي ناهيو آهي. جنديءَ جون ڪرسيون ۽ ڊريسنگ ٽيبل ڏسي، هن عليءَ کي انگريزيءَ ۾ ڪجهه چيو. عليءَ مون کان پڇيو، ”هن جنديءَ جي ڪرسيءَ جي قيمت ٿي پڇي.“
”پنجويهين جي آهي.“
عليءَ ڪيس قيمت ٻڌائي. حيرت مان ڄڻ ڇرڪ پريائين. ڪجهه چيائين، عليءَ ٻڌايو، ”چئي ٿي ته توهان وٽ آرٽ جو قدر ڪونهي.“
”ٻڌائينس ته اسان وٽ آرٽسٽ ئي ڪونهن. هجن ها ته قبرستان جي خاڪ اڏائن ها.“

اتي ئي بينا هئاسين تہ منو شيدي ٻنگ جو جڳ ۽ ٽي گلاس کڻي آيو. پهريون گلاس پري مارگريٽ کي ڏنوسين. مناڻ ۽ ٽڏاڻ ڪري پيئندي ويئي. اڌ گلاس پي، عليءَ کان ڪجهہ پڇيائين.
“پچي ٿي تہ هي لذيذ شربت ڇاجو ٺهيل آهي.”
“ٻڌائينس تہ هيءَ درويشن جي ٻوٽي آهي.”
عليءَ کيس ٻڌايو.
هن کي ٻنگ پيئاري اسان ٻاهر آياسين. هوءَ ٻاهر نہ آئي. ٿوري دير کان پوءِ سليمان ڪباب ۽ چاپون کڻي آيو. ڪائڻ جو مال ۽ ٻنگ جو ٻيو جڳ پرائي وري اندر وياسين. هوءَ پنهنجي ڊائريءَ ۾ ڪجهہ لکي رهي هئي. سامان ٽيبل تي رکائي، کيس سڏ ڪيوسين. هوءَ آئي ۽ ڪرسي سوري ميز جي پاسي ڪلي ٿي ويٺي. عليءَ ڪبابن جي ٿالهي ڏانهنس وڌائي. هن ڪباب جو ٽڪر وات ۾ وجهي، ٻنگ جو ڍڪ پريو. اکيون ڳاڙهيون هئس. پهرئين گلاس جو اثر ظاهر ٿي رهيو هو. عليءَ کي ڪجهہ چيائين.
علي مون سان مخاطب ٿيو، “ٻنگ لڳي اٿس. سمجهي ٿي سفر جي ٿڪ ڪري متي ۾ ڦيري محسوس ٿي رهي آهيس.”
“ايتري ۾ ڍيري ٽيڻ نہ ڏجانس، ڳالهائيندو رهينس.”
علي ساڻس ڳالهائڻ لڳو ۽ گفتگو جو ترجمو مون کي ٻڌائيندو ويو. چيائين، “مڱيل آهي، سندس مڱيندو نونشيباز آهي.”
“نونشيباز!”

“ها، Boxer آهي. هڪبئي کي ڏاڍو چاهيندا آهن.”
“نونشيباز سان عشق ڪندي آهي؟”
“ها، سندس مگينڊي جو سينو ٻائيتاليھ انچ ويڪرو، قد ساڍا ڇھ فوٽ ۽ ٻانهن جو ڏورو سورهن انچ آهي.”
“ماڻهو آهي يا راڪاس.”
“راڪاس ٿو ڀانئجي.”
“اِجهو هت اچي ته نه نڪرندو؟”
عليءَ کان ٽهڪ نڪري ويو. “راڪاس انگلينڊ ۾ نونشيبازي ڪندو هوندو، سندس پري اسان وٽ آهي.”
“ٻيو ڇا چيائين؟”
“سندس مگينڊي ڪيس آفريڪا وڃڻ جي اجازت نه ڏني هئي، ڇو جو اتي جهنگلي ۽ وحشي رهندا آهن ۽ سنڌ لاءِ ڪيس خوشيءَ سان موڪل ڏنائين.”
ايترو ڪجھ ٻڌڻ کان پوءِ نه عليءَ ڳالهايو، نه مون. هوءَ ڪباب به کائيندي رهي ۽ پينگ جا ڍڪ به پريندي رهي. ڪباب لذيذ هئا. مرچ به منجهن سرس هئا، تنهن ڪري زبان ۾ وات کي ٺارڻ لاءِ هو پينگ جا به گلاس پي ويئي. خالي گلاس ميز تي رکي، هوءَ پنهنجي پلنگ تي وڃي ليٽي. پرس مان هڪ گوري ڪڍي ڦڪيائين. عليءَ ڪائنس گوريءَ جي باري ۾ پڇيو. هوءَ جواب

ڏيئي، پت ڏانهن منهن ڪري ليٽي پئي. عليءَ چيو، ”چئي ٿي تہ ٽڪ سبب مٽي ۾ ڦيري محسوس ڪري رهي آهيان.“
اسان ٻنهي مرڪيو.
اتان اٿياسين. چيم، ”ينگ گهٽن جي پينگ ڪئي آهي، پر آهي درويشن جي ٻوٽي.“
وراڻدي ۾ پهتاسين تہ عليءَ چيو، ”شيخ پلا ڪر بسم الله.“
”اهڙي ڪا ٻي ڳالهہ.“
اسان ٻنهي ڪپڙا لاهي ڪليءَ تي ٽنگيا. هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺوسين. پڌر واري دري بند ڪرڻ لاءِ وڌيم. لالٽين جي ميرانجهڙي روشنيءَ ۾ ڏٺم تہ دريءَ ٻاهران هڪ بڪايل ڪتو منهنجي چوزي کي چٻاڙي رهيو هو. منهنجين اکين ۾ رت لهي آيو. اتان ئي مني شيدي کي رڙ ڪيم. ”اڙي شيدي، بدبخت. ڪتي جي ايڏي مجال جو منهنجي چوزي کي ماري! اڙي هٽينس بندوق ۾ اڦٽ ماري وجهينس.“
شيديءَ بندوق ڪڍڻ لاءِ ڊوڙ پاتي.
اسان ٻئي رن جي ڪونيءَ ڏانهن وڌياسين. در وٽ پهتاسين تہ عليءَ چيو، ”شيخ، وارو ڪر. وڏي وجي ٻڪ وجهينس.“
مان در جي وچ وجي بيٺس. علي اوٽ تي بيٺو. مون وڪ اجا مس وڌائي جو خاموش فضا ۾ ڪارتوس چٽڻ جا ٻہ آواز ٿيا. هوءَ چرڪ ماري اٿي ويني. اکيون مهٽيندي در ڏانهن ڏٺائين. مون تي نظر

پيس، تہ ذري گهٽ ڪانئس رڙ نڪري ويئي. هوءَ پلنگ تي پيٽ ڏانهن سرڪندي ويئي. ڪاوڙيل لهجي ۾ ڪجھ چوڻ لڳي. ڪجھ بہ سمجهي نہ سگهيس. پر محسوس ڪيم تہ هوءَ سنڌ تي چوھ چنبڙي رهي هئي. عليءَ کي سڏ ڪيم علي بہ منهنجي پاسي ۾ اچي بيٺو. عليءَ کي بہ ساڳئي حال ۾ ڏسي رن ڪان دانهن نڪري ويئي. عليءَ کان پڇيم، “اسان سنڌي آهيون، گاريون برداشت نہ ڪندا آهيون. رن گاريون ٿي ڏئي ڇا؟”
علي وراڻيو، “پنهنجن پروفيسرن ۽ ڪتابن کي گاريون ٿي ڏئي.”
رن ڏانهن وڌندي چيم، “ٻڌائينس چو نہ ٿو علي، تہ هيءَ سنڌ، موهن جو دڙو ناهي.”
هوءَ هيسيل هرڻيءَ وانگر ڪنبڻ لڳي. ڊنل ڊنل نگاهن سان مون ڏانهن ڏسڻ لڳي. اوچتو، ڇلانگ ماري وڃي سوگهو ڪيومانس.

# دل جي دنيا

ڏاند اول پت تي تنگيل پراڻي گهڙال ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ نونٺ هٽندي راجا کان پڇيو، “مجنون بہ ڪنهن آفيس ۾ ڪلارڪ هو ڇا؟”

“انهن ڏينهن ۾ آفيسون نہ، گهوڙن جا تنبيلا هوندا هئا.” راجا مون ڏانهن ڏسندي وراڻيو.

“مجنونءَ زندگيءَ ۾ فقط هڪ گهوڙو ڏٺو ۽ تنهن کي بہ هاٿي سمجهي ڏڪي ويو هو،” ڏاند ڳالهائيندو رهيو، “۽ پوءِ ڪيترين راتين تائين مجنونءَ کي خواب ۾ ليليٰ بدران گهوڙ نظر ايندو هو.”

“نيڪ ٿو چوين ڏاند،” راجا جواب ڏنس، “مجنون ذات جو جت هو ۽ اٺن اڳيان اگربتيون ٻاريندو هو.”

مون فائيلن جي چبن ڦڏن لفظن تان نظرون هٽائي ڏاند ۽ راجا ڏانهن ڏٺو.

“تنهنجي ڳالهہ ناهي،” ڏاند چيو، “تون جديد آهين، اسين قديم مجنونءَ جي باري ۾ ڳالهائي رهيا آهيون.”

“واهيات آهيو،” جڪ ڪائيندي چيم.

“شٽ – اپ،” ڏاند گهٽيل آواز ۾ دڙڪو ڏنو ۽ ڪيسي مان ڦٽي ڪڍي وار منهن ۾ وجهي ڇڏيائين.

هيڊ ڪلارڪ اسان ٽنهي ڏانهن گهور ڪري نهاريو ۽ ڪنگهي نڙي صاف ڪيائين. اسان ٽنهي نظرون فائيلن تي ڪپائي ڇڏيون.

مون پراڻي گهڙيال ڏانهن ڏٺو. پنجن ۾ ٽيويهه منٽ باقي هئا. اسان کي پنجين لڳي آفيس مان موڪل ملندي هئي. جنهن ڏينهن منهنجو تمنا سان پروگرام هوندو هو، تنهن ڏينهن شام جا پنج مون کان پنج ڪوهه پري ٿي ويندا هئا. اِهي پويان ڪجهه منٽ ڪلاڪ ٿي پوندا هئا. ڪلاڪ ڏينهن ۾، ڏينهن هفتن ۾، هفتا مهينن ۾ ۽ مهينا سالن ۾ بدلجي ويندا هئا.

منهنجون نظرون گهڙيال جي پينڊيولم تي ڪتل هيون. ڪانٽا هڪ هنڌ بيٺل پانيم. دل چاهيو ته سيني کان اک بچائي ننڍو ڪانٽو پنجن تي وڏو ڪانٽو ٻارهن تي بيهاري ڇڏيان. پنهنجي ان احمقاڻي خيال تي دل ئي دل ۾ کلي وينس. شايد هڪ اداس ۽ ڦڪي مرڪ منهنجي منهن تي ڪن لاءِ ڪيڏي، موٽي ويئي هئي.

“گڊ- لڪ،” ڏاند منهنجو خيال پاڻ ڏانهن ڇڪايو. مان ساڻس اک ملائي نه سگهيس.

راجا چيو، “ڇڏينس ڏاند، ويچارو شرمائي ٿو.”

“نيور مائينڊ،” ڏاند وراڻيو، “اجان نئون آهي. نهي ويندو.”

مون ڪين جواب نہ ڏنو ۽ خاموش رهيس. بيحد پريشان هوس. ڏاند ۽ راجا جا چرچا زهر پئي لڳم.

ڏاند ۽ راجا مون سان بناسپتي گيهہ جي ڪارخاني ۾ ڪلارڪ هئا. ڏاند بندرو ۽ ٿلهو هو. ان ڪري پاڻ کي مشڪرو سمجهندو هو. هر ڪو کيس ڏاند سڏيندو هو. سندس اصلي نالي جي ڳهڻن کي خبر نہ هئي. راجا جي اصلي نالي جي سڌ، سواءِ ڏاند ۽ مون کان، ٻين ٿورن کي هئي، هو روسي ڪتاب پڙهندو ۽ آمريڪي اداڪارن جا فوٽا گڏ ڪندو هو. اسان ٽنهي کي هڪ وڏي ٽيبل مليل هئي، جنهن جو هڪ پاسو پٽ سان لڳل هو ۽ باقي ٽن پاسن کان اسان ٽيئي ويهندا هئاسين. هيڊ ڪلارڪ جي نظر بچائي، سڄو سڄو ڏينهن هڪ ٻئي سان چرچا ۽ هڪ ٻئي تي ٺٺوليون ڪندا هئاسين.

پر ان ڏينهن، مون ڏاند ۽ راجا جي ٺٺولين جو جواب نہ ڏنو. خاموش رهيس. صبح کان پريشان هوس.

صبح جو اخبار ۾ ڪراس ورڊ معمي جو حل ڏسي منهنجي دل ڏجي پئي هئي. اميدون نااميديءَ جي غمناڪ اوندهہ ۾ پنواٽيون کائڻ لڳيون هيون. حسرتون واريءَ جي دڙي هيٺان دفن ٿي ويون.

هڪ ڏينهن اڳ، شام جو، جڏهن ڪراس ورڊ معمي جو حل پري، اسپينسر جي دٻي ۾ وجهي، هوٽل فاروق جي فيملي ورم ۾ اچي

وينا هئاسين، تڏهن تمنا پڇيو هو، ’شامو، جيڪڏهن هن دفعي صحيح حل تي اسان کي هڪ لک رپيا ملن تہ چا ڪنداسين؟”
جواب ڏيڻ کان اڳ مون تمنا جي اکين ۾ نهاريو هو. ڪن لاءِ اسان جون نگاهون مليون، ڏار تي ويون هيون. مون تہ سندس نرم، نازڪ ۽ سهڻين آڱرين تي پنهنجو هٿ رکي ڇڏيو هو. هن ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو هو ۽ بئي هٿ جون آڱريون ساسر جي ڪنيءَ تي ڦيرائڻ لڳي هئي.
آهستي، جهيڻي آواز سان، مون دل جي گهراين مان ڳالهايو هو تہ، ’سڀ کان اول اسان شادي ڪنداسين، تمنا.‘
هوءَ شرمائجي ويئي هئي ۽ پنهنجون آڱريون منهنجي هٿ هينان ڪسڪائي ويئي هئي.
’مون سان شادي ڪندينءَ نہ، تمنا.‘ مون بيوقوفن وانگر تمنا جي بيحد حسين منهن ۾ نهاريندي پڇيو هو.
جواب ۾ هن ڏکيون پنبڙيون مٿي ڪري پنهنجون نگاهون منهنجن نگاهن سان ملائي ڇڏيون هيون. مون پنهنجي دل کي ٽائيپ جي ربن وانگر گول دائري ۾ چڪر ڪائيندي محسوس ڪيو هو.
“چئہ تمنا،” مون بئي ٻانهون ٽيبل تي رکندي ڪانئس پڇيو هو، ’هن دفعي صحيح حل نڪتو تہ مون سان شادي ڪندينءَ نہ؟”

تمنا جا ڳل ڳاڙها ٿي ويا هئا. حياءَ کان ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو هئائين.

“سچ تمنا؟”

“هون.”

“اوهه تمنا،” مون تمنا جو نازڪ هٿ پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ لڪائي ڇڏيو هو. چيو هوم، ‘پوءِ اسان جو پنهنجو گهر هوندو تمنا. تنهنجون ۽ منهنجون ٻينرون ۽ منهنجا ڀائر خيراتي اسڪولن بدران پرائيويٽ ۽ پبلڪ اسڪولن ۾ پڙهندا. منهنجي ماءُ ميونسپالٽيءَ جي مفتي شفاخاني جي ڳاڙهي دوا بدران ڪنهن مشهور ڊاڪٽر کان علاج ڪرائيندي.’

“۽ شامو،” تمنا منهنجي ڳالهه اڌ ۾ ڪپيندي چيو هو، ‘اسان ٻئي هيءَ واهيات نوڪري ڇڏي ڏينداسين.’

“ها تمنا. نه مون کي ڊپٽيءَ جي چڙٻ سهڻي پوندي، نه توکي ئي ڪو مشڪوڪ نگاهن سان ڏسي سگهندو.”

“پر ائين ته لک رپيا هڪ سال ۾ کپي ويندا.”

“اسان بزنس به ته ڪنداسين.”

“ڪهڙو؟”

مان سوچ ۾ پئجي ويو هوس. ڪپهه ۽ ڪٽڪ جي واپار کان وٺي سون جي سمگلنگ تائين هڪ هڪ ڏنڌو منهنجي ذهن ۾ اچي، موٽي ويو.

“مان ٻڌايانءِ؟” تمنا پڇيو هو.
“ٻڌاءِ.”
“اسان هڪ ڊاٽسن ڪار وٺنداسين.”
“ڊاٽسن ڇو؟” مون هڪدم وراڻيو هو. “اسين شيورليٽ، امپالا يا مرسڊيز بينز وٺنداسين.”
“پنهنجي لاءِ وٺنداسين نه؟”
“ها.”
“ڊاٽسن ڪار ٽئڪسي ڪري هلائينداسين.”
“واهه! گڊ آئيڊيا.”
“سٺي آمدني آهي اڄڪلهه ٽئڪسيءَ مان،” تمنا چيو هو، “پوءِ مان نائيٽ ڪاليج بدران سينٽ جوزف ڪاليج ۾ داخلا وٺندس.”
“ايڪسيلنٽ.”
“۽ تون انگريزيءَ ۾ ايم. اي ڪرڻ لاءِ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺجانءِ.”
“ونڊرفل،” وراڻيو هئم، “اسان روز روز دال ڪائڻ به ڇڏي ڏينداسين.”
ڪجهه دير تائين نه تمنا ڳالهايو هو ۽ نه مون. اسان ٻئي پنهنجن پنهنجن خيالن سان وچڙندا، اميدن جا تاج محل ناهيندا ۽ ڊاهيندا رهياسين. تصور جي دنيا اڪين آڏو اچي بيٺي هئي. پاڻ کي ڪاري جبي ۾ ايم. اي جي ڊگري وٺندي ڏٺم- ايئرڪنڊيشنڊ آفيس

۾ پاڻ کي فوم ربڙ جي ڪونئري ڪرسيءَ تي ويٺل ڏٺم. ڊاٽسن ٽيڪس کي ڪراچيءَ جي رستن تي ڊوڙندي ڏٺم. اوچتو تمنا تصور جي دنيا کي ذهن جي پردن تان هٽائي ڇڏيو هو. پڇيو هئائين، “هن دفعي تہ پنهنجو حل صحيح نڪرندو نه، شامو؟”

“چو نہ صحيح نڪرندو،” مون کيس ۽ پاڻ کي دلاسو ڏنو هو، “محمد پان واري ۽ غفور حجم جا ڏڪن سان پريل حل صحيح ٿي سگهن ٿا، تہ ڇا اسان پڙهيل ڳڙهيلن جو حل ڪڏهن بہ صحيح نہ نڪرندو!”

تمنا جي چپن تي هڪ بيحد حسين ۽ وٽندڙ مرڪ تري آئي هئي. اها مرڪ، سدائين، سوداءَ وانگر منهنجي ساهہ سان سمايل هوندي آهي.

پر ان ڏينهن صبح جو اخبار ۾ ڪراس ورڊ معمي جو نتيجو ڏسي، تمنا جي چپن تان لازوال مرڪ هماليہ جي برف وانگر رجندي محسوس ڪئي هئم. کيس اداس ۽ مايوس محسوس ڪيو هيم. تڏهن، پنهنجين حسرتن جي رک اڏائي، تمنا جي ٽٽل اميدن کي پنهنجي جهول ۾ جهپي ورتو هيم. سوچيو هيم، تمنا وياڪل هوندي، اباڻڪي هوندي- اڄ ڪئپيٽل سئنيما ۾ فلم The Killers جو پهريون شو ڏسنداسين- ڪجهہ دير لاءِ خواهشن ۽ آرزوئن جو ڊٺل پنيور وساري ڇڏينداسين.

ڊريس سرڪل جي اي قطار ۾ پويون ڀ سيٽون بڪ ڪرائي، ايڊوانس بڪنگ جو ڪوپن ڪيسي ۾ وجهي آفيس آيو هوس.
تمنا ورانڊي جي پوئين ٿنڀي وٽ بيحد اداس ۽ بيچين بيٺي هئي. مون تي نظر پيس ته مون کي ڏسندي ئي رهي هئي. وٽس ويم ته چيو هئائين، "هن دفعي به اسان جو حل غلط نڪتو، شامو. اسان جي قسمت ڪڏهن به نه بدلبي."
"نااميد نہ ٿيءُ تمنا،" کيس دلاسو ڏنو هوم، "ايندڙ مهيني اسان جو حل صحيح نڪرندو ۽ پرائيز بانڊ جو لڪي نمبر به پنهنجو ئي نڪرندو."
"ڪيستائين. ڪيستائين شامو اهڙي نموني پاڻ کي فريب ڏيندا رهنداسين؟"
"چري،" مون ويران مرڪ سان چيو هو، "ٻڌو نه اٿئي، ته ڏکن پنيان سک-"
"ها. پاڻ کي پرچائڻ جو بهترين طريقو آهي."
"انتظار ڪر تمنا. هڪڙي ڏينهن اسان جي روح جا زخم پرجي ويندا، دل جو درد گهٽجي ويندو،" ٿڌو ساهه کڻي وراڻيو هيم، "هڪڙي ڏينهن اسان جي صحرا جهڙيءَ سڄيءَ زندگيءَ ۾ خوشين جا رابيل وچائجي ويندا."
"۽ ان وقت جي انتظار ۾ شايد نہ تون رهين، نہ مان رهان."

“ائين نہ چئہ تمنا، ائين نہ چئه،” مون لڇندي وراڻيو هو، “مونکي مايوس نہ ڪر. منهنجي دل نہ ٽوڙ تمنا.”
تمنا جواب نہ ڏنو هو. اکيون بند ڪري مٿو ٽنيي سان لڳائي ڇڏيو هئائين. سندس خشڪ چپن تي چنبڙيل لپ اسٽڪ جا چوڏا ڦڙڪڻ لڳا هئا. سندس ڏکيون پنبٽيون ٿڙڪڻ لڳيون هيون. قسمت کان ڪاڏل شڪست جي احساس ۾ سندس وجود ويراڳ جي آگ ۾ جلڻ لڳو هو.
“تمنا.”
“جي.”
“اڄ منجهند جي ماني گڏ ڪائينداسين.” مون چيو هو.
“چڱو،” هن وراڻيو هو، “هينئر وڃ. ڊپٽيءَ مون وٽ ڏسي ورتئہ تہ اجايو گوڙ ڪندو.”
تمنا پنهنجي ڪمري ڏانهن هلي ويئي هئي. پنهنجي ڪمري ڏانهن ويندي ڊپٽيءَ جي ڪمري ۾ در جي شيشي مان جهاتي پاتي هيم. ڊپٽي نہ آيو هو.
اسان جو ڊپٽي قداور، ٿلهو ۽ چسو هوندو هو. اکيون پوريون ۽ ٽِڪڻ جا وار ڪٽل هوندا هئس. اسان کيس افلاطون سڏيندا هئاسين. آفيس جو پراڻو نائڪ چوند هو تہ عقل جا دروازا ڊپٽي صاحب تي اڇي بند ٿي ويا هئا.

مون سان تہ بنھ نہ پوندي ھئس. ھڪ دفعو اڳ بہ مون کي تمنا سان ڳالھائيندو ڏسي پنھنجي آفيس ۾ گھرايو ھئائين. سگريٽ جو ڪش ھڻندي پڇيو ھئائين، "ماڻھو اسان جي فيڪٽريءَ جو بناسپتي گيھ ڇو نٿا کائين."

"ماڻھن کي اسان جي فئڪٽريءَ جو گيھ پسند ناھي سائين."

"ڇو پسند ناھي،" ڊپٽيءَ خارن مان چيو ھو، "توھان ڪلارڪ ڪھڙي مرض جي دوا آھيو؟ توھان کي فقط ڪلارڪي ڪرڻي ناھي. ماڻھن کي اسان جو بناسپتي گيھ کائڻ تي آماده بہ ڪرڻو آھي."

"ھا سائين."

"ماڻھن کي ٻڌاءِ تہ اسان جو گيھ صحت جي اصولن تي تيار ٿيل آھي ۽ منجھس سيئي وٽامن آھن،" چيو ھئائين، "بناسپتي گھہ اسان جي عوام لاءِ مفيد آھي ۽ سندن ضرورتن مطابق آھي."

"ھا سائين."

"۽ اسان جو بناسپتي گھھ، ديسي خالص گھہ کان وڌيڪ بھتر آھي." ڊپٽي صاحب ڪڙڪ آواز ۾ چيو ھو، "خالص گھہ کائڻ وارا سست ۽ بناسپتي گھہ کائڻ وارا چست ھوندا آھن."

مون ان انڪشاف تي ڊپٽي صاحب ڏانھن حيرت مان ڏٺو ھو. ڊپٽي صاحب پاڻ بناسپتي گھہ نہ کائيندو ھو. پاڻ خالص گھہ ٺٽي کان گھرائيندو ھو.

“سمجهيهه؟”
“ها سائين.”
“تون ڏوڙ سمجهندين. پنهنجو ڪم سڌار نه ته نوٽيس ملندءِ” ڊپٽيءَ سگريٽ جو دونهون ڇڏيندي چيو هو، “۽ ڪن ڪولي ٻڌ، تمنا سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏي.”
“يس سر.”
پر ان ڏينهن ڊپٽي موڪل تي هو. در جي شيشي مان سندس ڪمري ۾ جهاتي پائي، پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو هوس.
مون منهن ورائي گهڙيال ڏانهن ڏنو. پنجن ۾ ٻارهن منٽ باقي هئا.”
“يلا ليليٰ ٻه ڪنهن آفيس ۾ ٽائيپسٽ هئي ڇا؟” ڏاند راجا کان پڇيو.
“ليليٰ رڌن جي پشم لاهيندي هئي،” راجا وراڻيو.
مون ڪاوڙ مان ٻنهي ڏانهن ڏٺو. ڏاند ڏند ڪڍيندي چيو، “ڳالهه تنهنجي ليليٰ جي ناهي. تنهنجي جديد آهي، اسان قديم ليليٰ جي باري ۾ ڳالهائي رهيا آهيون.”
“بدتميز آهيو.”
“ٿئنڪ يو،” راجا چيو.

هيڊ ڪلارڪ ڪنگهي نڙي صاف ڪئي ۽ اسان ڏانهن ڦهري نگاهن سان ڏٺو. ڏاند ۽ راجا ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيو ۽ اجايو سجايو فائيل اٿلائڻ لڳا.

“هيڊ ڪلارڪ آهي يا هيڊ ماستر.”

“ڪمبخت، چوڪيدار آهي،” ڏاند چيو.

مون پتلون جي پوئين کيسي مان پرس ڪڍي گوڏي تي رکيو. گوڏو ٽيبل هيٺان ڪري ڇڏيم. پرس کولي تمنا جي تصوير ڏٺم. ڏاند هيٺ مٿي ٿيو، پر منهنجي گوڏي تي پرس ڏسي نہ سگهيو.

“لڏڻ ڇڏي ڏي. ڪرسي نہ پچين وجهين،” راجا ڏاند کي چيو.

“تون پنهنجي بڪواس بند ڪر،” ڏاند راجا کي چڙٻ ڏني ۽ ٻيهر منهنجي گوڏي تي پرس ڏسڻ جي ڪوشش ڪيائين. جڏهن پرس ڏسڻ جي هر ڪا ڪوشش ناڪام ٿي ويس، تڏهن خار مان چيائين، “آفيس جي ٽيبل آهي، يا مڙدن چيرڻ جي ميز. اسان ڪلارڪ نہ، جڻ ميڊيڪل اسٽوڊنٽ آهيون.”

راجا کيس ٽيبل هيٺان لت وهائي ڪڍي. ڏاند لت جو سور پچائي ويو. ڪجهہ پرپرو ڪسڪندي چيائين، “ردي. منهنجي بوٽ جي پالش خراب ڪري ڇڏين ها.”

راجا اک جي اشاري سان ڏاند جو ڌيان هيڊ ڪلارڪ ڏانهن ڇڪايو. ڏاند پيٽ ڏانهن سرڪي ويو ۽ منهنجي سامهون اچي ويٺو.

“ڇا ٿو ڏسين مجنون،” ڏاند آهستي پڇيو.

“ڪجهه بہ نہ،” مون آهستي وراڻيو.
پڻ پڻ تي هيڊ ڪلارڪ اسان ٽنهي ڏانهن ڏٺو. هن پنهنجي سنهڙي هڏائين آڱر گهنٽيءَ تي بہ چار دفعا اهڙي نموني هڻئين، جيئن ڪڪڙ داڻو چڳڻ لاءِ مٽيءَ ۾ نونگا هڻندو آهي. ڏاند ۽ راجا پنهنجو وات بند ڪري ڇڏيو.
مون پراڻي گهڙيال ڏانهن ڏٺو. پنجن ۾ ڏهہ منٽ هئا. رهيل ڏهہ منٽ ڏهہ صديون ٿي پيا. سڀ عاشق ائين ئي محسوس ڪندا هوندا، مون سوچيو.
ڏاند ۽ راجا فائيلن جا ورق اٿلائڻ لڳا. مون پنهنجون نظرون تمنا جي تصوير تي کپائي ڇڏيون. بہ ٽي ڪلاڪ اڳ، تمنا ۽ مون گڏ منجهند جي ماني کاڌي هئي. هوءَ مون کان اڳ پنهنجي ڪمري مان نڪري منهنجي ڪمري جي سامهون، پوئين ٿنڀي وٽ اچي بيٺي هئي. جيئن ئي هڪ لڳو، مون ميز جي خاني مان رومال ۾ ويڙهيل ماني ڪڍي ۽ سڌو تمنا جي سامهون وڃي پهتو هيس.
پٺيان راجا جو آواز ٻڌو هيم، “گڊلڪ مجنون.”
تمنا وٽ پهتو هيس، تہ تمنا چيو هو، “بزنس گارڊن ۾ ماني کائينداسين.”
“او – ڪي.”
اسان ٻئي ٻين ڪلارڪن جي ڦهري نظرن ۾ چيندڙ نگاهن مان لنگهندا، آفيس جي حد ٽپي ٻاهر نڪري وياسين. برنس گارڊن ۾

ناريل جي وڻن وٽ سائي چبر تي ويهندي، تمنا پڇيو هو، “اڄ چا آندو اٿئي؟”

“ٻه مانيون ۽ تريل پٽاٽا.”

تمنا کان ٺهڪ نڪري ويو هو. پنهنجي مانيءَ جي ننڍي پيٽي کوليندي چيو هئائين، “مون ٻه مانيون ۽ تريل پٽاٽا آندا آهن.”

“ملباريءَ کان دال وٺي اچان؟”

“نه. اڄ پٽاٽا ئي کائينداسين.”

تمنا مانيون رومال تي رکي، ٽين جي پيٽيءَ ۾ پٽاٽا ملائي ڇڏيا. مون پيار منجهان تمنا ڏانهن ڏٺو هو. تمنا ڪنڌ کڻي مون ڏانهن ڏٺو ۽ اسان جون نگاهون ڪن لاءِ ملي ڏار تي ويون هيون. هڪ گرهه کائي، تمنا مونکان عجيب سوال ڪيو هو، “مون کي چاهين ٿو، شامو؟”

مون عجيب نموني ڪنڌ لوڏي “ها” ڪئي هئي ۽ پاڻ کي احمق محسوس ڪيو هئم.

تمنا ٽڪ ٻڌي مون ڏانهن ڏٺو هو. پوءِ آهستي چيو هئائين، “مان بدنام آهيان، شامو، تڏهن ٻه مونکي چاهين ٿو؟”

مون سندس سوال جو جواب نه ڏنو ۽ ورائي پڇيومانس، “مونسان شادي چو نٿي ڪرين، تمنا؟”

تمنا جي چپن تي اداس مرڪ جا پاڇا آيا، هليا ويا. هن جواب نه ڏنو ۽ ڪنڌ جهڪائي ماني کائيندي رهي هئي.

“مان نٿو وڻانءِ ڇا؟” عجيب سوال ڪيو هيم. سوال ڪري پڇتايو هيم. پانيم تہ تمنا مون کي بيوقوف سمجهي، منهنجي اڻ ميي پيار تي کلي پوندي، پر تمنا جي چپن مان ڪجهہ نہ نڪتو. اکين ۾ اداسيءَ جا پاڇا پرڙا هٽندا رهيس.

“مان ڇريو آهيان، تمنا،” مون گهٽيل آواز ۾ ڳالهايو هو، “مان ڇريو آهيان. مون کي محبت ڪرڻ بہ نٿي اچي.”

تڏهن بہ هن جواب نہ ڏنو هو. پنهنجي هٿ جو گرهہ منهنجي اڳيان رکي، منهنجي هٿ جو گرهہ پنهنجي وات ۾ وڌو هئائين.

ڪيس خاموش ڏسي ٻيهر پڇيو هيم، “مون سان شادي ڇو نٿي ڪرين، تمنا؟”

“شامو،” هوءَ اڳتي سري آئي هئي، “مان بدنام آهيان، شامو.”

“اهو منهنجي سوال جو جواب ناهي، تمنا.”

“منهنجي بدنامي مون تائين محدود آهي،” تمنا ڪنبندي آواز ۾ چيو هو، “توسان شادي ڪري، توکي، تنهنجين ڀينرن، ڀائرن ۽ ماءُ کي بدنام ڪرڻ نٿي چاهيان.”

“مان ڊپٽي نہ آهيان، جو بدناميءَ کان ڏڪي وڃان،” مون وراڻيو هو، “مان معمولي ڪلارڪ آهيان.” تمنا ڏاند ۽ راجا منهنجا دوست آهن.”

“اڪيلي سر ٻن گهرن جو بار ڪٽي سگهندين؟”

“چو نہ ڪٽي سگھندس. هينئر بہ تہ پارٽ ٽائيم ماستري ڪندو آهيان. شاديءَ ڪانپوءِ ڪنهن پريس ۾ بہ ڪم ڪندس.”
تمنا ڪنهن اونهيءَ سوچ ۾ گم ٿي وئي هئي. مان سندس جواب جو انتظار ڪندو رهيس.
هن ڳالهايو. موضوع بدلائڻ لاءِ چيو هئائين، “سڄو ڏينهن هت نوڪري ڪرڻ ڪانپوءِ ٿڪبو ناهين، جو ڇهين ڪان رات جي ڏهين تائين اسڪول ۾ بہ پڙهائيندو آهي؟”
“نائيٽ اسڪولن ۾ لاٽ صاحبن جا پٽ نہ پڙهندا آهن. مان ٿڪل هوندو آهيان تہ شاگرد بہ ڏينهن جي محنت مزدوريءَ ڪان پوءِ ٿڪل هوندا آهن:” مون وراڻيو هو، “پر تنهن هوندي بہ مان رات جي ٻارهين ڪان صبح جي ڇئين لڳي تائين ڪنهن پريس ۾ پروف ريڊر ٿيندس.”
هوءَ خيالن جي ڪن ۾ لهي وئي. هٿ جو گرهہ هٿ ۾ رهجي ويو هئس. نگاهون هڪ هنڌ اٽڪي پيون هئس. مان ڪيس متجسس نگاهن سان ڏسندو رهيس. تڏهن، ڪجهہ دير جي خاموشيءَ ڪانپوءِ مون پنهنجو هٿ تمنا جي هٿ تي رکيو هو. هن منهنجين اکين ۾ نهاريو هو.
“ها ڪر تمنا.” آهستي چيو هئم، “چئہ تہ مون سان شادي ڪندينءَ، تمنا، ها ڪر. ها ڪر، تمنا.”

هڪ اونهو، ڏکھو ۽ درد کي هلڪو ڪندڙ ٽڏو ساهه ڪڍندي هن وراڻيو هو، “شامو، مان نٿي چاهيان تہ تون منهنجي لاءِ مشين وانگر ڪم ڪندو رهين. مان توکان زنده رهڻ جو حق ڦرڻ نٿي چاهيان.”

“اهي اجايا بهانا آهن، تمنا.” مون الاءِ ڪيئن چيو هو، “چئہ تہ مونسان شادي ڪرڻ نٿي چاهين.”

“شامو!”

“ها تمنا. تون منهنجي لاءِ سڄي زندگي تمنا ئي رهندينءَ. مان دل جي دنيا لٽائڻ ڪان پوءِ بہ تنهنجي دل ۾ تر جيتري جاءِ بہ حاصل ڪري نہ سگھيو آهيان. تون منهنجي لاءِ چنڊ وانگر دور آهين، تمنا خواب وانگر مبهم آهين.”

هن منهنجي وات تي هٿ رکي ڇڏيو هو. “اڳتي ڪجهہ نہ چئہ، ڪجهہ نہ چئہ شامو. مان پريشان آهيان. مون کي وڌيڪ پريشان نہ ڪر.”

مون ٽرماس جي ڊڪ ۾ پاڻي پيتي، بہ چار ڊڪ پيري، ڊڪ ڇبر تي رکي ڇڏيو هو. هن ٽرماس جو ڊڪ ڪٽي ڇپن سان لڳايو هو ۽ بچيل پاڻي يڪ ساهي پي وئي هئي.

چيو هئائين، “اينڊڙ مهيني ڪراس ورڊ معمي جو حل صحيح نڪرندو، مون کي يڪ آهي شامو. پوءِ اسان شادي ڪنداسين.”

“انهن معمن اسان جي زندگيءَ کي بہ حل نہ ٿيندڙ معمو ڪري ڇڏيو آهي.”

“صبح جو ڇيو هيئهہ تهہ ڏکن پنيان سک.”

“ها، تنهنجي دل رکڻ لاءِ چيو هيم.”

“نہ شامو. هن دفعي اسان جو حل ضرور صحيح نڪرندو.” تمنا منهنجي دل کي آٿت ڏيڻ خاطر چيو هو، “اسان جو پنهنجو گهر هوندو- منهنجون ۽ تنهنجون پينرون، تنهنجا پائر پبلڪ اسڪول ۾ پڙهندا- امان جو علاج ڪنهن ايم. آر. سي. پي ڊاڪٽر کان ڪرائيندا سين- ۽ شامو مان سينٽ جوزف ڪاليج ۾، ۽ تون يونيورسٽيءَ ۾ ايم. اي لاءِ داخلا وٺندين- ۽ شامو، اسان شورليٽ، امپالا يا مرسڊيز بينز بہ وٺنداسين.-”

“۽ سڄي عمر ان انتظار ۾ ختم ٿي ويندي.”

“نہ شامو.”

“اجايو پاڻ کي فريب ۾ نہ ڏي. تمنا.”

“اسان جي زندگي فريب آهي، شامو.” تمنا بيحد ڏک وچان چيو هو ۽ رومال چندي، ويڙهي مون کي ڏنو هئائين.

موٽندي، آفيس جي حدن تائين، نہ تمنا ڳالهايو هو ۽ نہ مون. آفيس جي ڏاڪڻ چڙهندي ڪيس چيو هيم، ’اڄ فرسٽ شو ۾ The Killers ڏسنداسين.”

“ڪالهہ تہ تو وٽ فقط بہ رپيا هئا.”

“قميص لاءِ اٺ رپيا بچائي رکيا هئم نه، انهن مان بکنگ ڪرائي آيو آهيان.”
“تون ائين نہ ڪندو ڪر، شامو.”
“هلندينءَ نه.”
“ها هلنداسين.”
ان وقت کان مان موڪل جو انتظار ڪري رهيو هوس. پرس بند ڪري پوئين کيسي ۾ وجهي ڇڏيم. منهن ورائي گهڙيال ڏانهن ڏٺم. پنجن ۾ چار منٽ باقي هئا. ڪنهن چيو هو وقت هوا جي پرن تي اڏامندو ويندو آهي! ڪنهن چيو هو تہ اک ڇنڀ ۾ صديون گذري وينديون آهن! سچ هونديون اهي چوڻيون! پر انتظار جي هڪ ساعت کان ٻي ساعت تائين، هڪ لمحي کان ٻئي لمحي تائين ورهين جي وٿي هوندي آهي.
“راجا، ٻڌ تہ سهي،” ڏاند جي آواز تي خيالن جا سلسلا ٽٽي پيا، مجنونءَ کي گهر ۾ هڪ بيمار ماءُ، ٻہ معذور ڪراڙيون پڦيون، چار پائر ۽ ٽي ڀينرون هونديون هيون ڇا؟”
“ڏس ڏاند،” مون سخت ڪاوڙ مان چيو، “تنهنجي ڀيڻ فلمن ۾ هيروئن ٿيڻ لاءِ گهر کان ڀڄي ويئي هئي تہ مون توکان ڪجهہ پڇيو هو؟ مهرباني ڪري منهنجي گهرو معاملن ۾ دخل نہ ڏيندو ڪر.”

ڏاند ڪڪو وڪو ٿي ويو. منهن تي هيڊ هارجي ويس. راجا ڳالهه رکڻ لاءِ چيو، ”تون ناراض چو ٿو ٿئين، بابا. تون جديد آهين. اسان قديم مجنونءَ جي باري ۾ ڳالهائي رهيا آهيون.“

مون ڏاند ڏانهن ڏٺو. هو آڱوٺي جي ننهن سان ميز جي مر لاهي رهيو هو. ڪنڌ جهڪيل هيس. نرڙ تي پگهر جا قطرا چمڪي رهيا هيس. هو مون کي بيحد مسڪين نظر آيو. سندس هٿ کي آهستي زور ڏيندي چيم، ”مون کي معاف ڪر، دوست.“

هن منهنجي هٿ کي ٿڦڪي ڏني.

”ڳالهائڻ بند ڪريو،“ ڳجهه چاپ هيڊ ڪلارڪ رڙ ڪئي. اسان ٽنهي ڪان چرڪ نڪري ويو.

ڏاند ۽ راجا هميشه وانگر فائيل اٿلائڻ لڳا ۽ مون پنهنجون نگاهون گهڙيال جي ڪانٽن تي کپائي ڇڏيون. وقت کي اينگهه اچي وئي هئي.

پتلون جي کيسي مان ايڊوانس بڪنگ جو ڪوپن ڪڍي، کولي پڙهيم. تاريخ، ٺيڪ. فرسٽ شو. ڊريس سرڪل جي اي قطار ۾ پويون ٻه سيٽون. سوچيم، تمنا کي پٺ واري پاسي ويهاريندس ۽ پاڻ ٻئي پاسي ويهندس. جڏهن هال ۾ اوندهه ٿيندي ۽ فلم شروع ٿيندي، تڏهن پنهنجو هٿ تمنا جي هٿ تي رکندس- هوءَ مون ڏانهن ڪسڪي ايندي ۽ پنهنجو منهن منهنجي ڪلهي تي رکندي- مان پاڻ کي ۽ تمنا کي پرچائڻ لاءِ چوندس، ”تمنا، هڪ نه هڪ

ڏينهن انعامي بانڊ جو لڪي نمبر اسان جو ئي نڪرندو- تڏهن اسان جا ٻارڙا پبلڪ اسڪولن ۾ پڙهندا- ڪو مشهور ڊاڪٽر اسان جو علاج ڪندو- پڪين ڪي عينڪون ۽ وڏي آواز جا اوزار وٺي ڏينداسين- شورليٽ امپالا يا مرسڊيز بينز وٺنداسين- ۽- ۽."

سوچيم، جڏهن مستقبل جي سپنن ڪي ناهي، سينگاري، سجائي، دل جي دنيا ڪي وندرائي وٺنداسين، ۽ جڏهن حسرتون خوشفهميءَ جي ڏٻڻ ۾ لهي وينديون، تڏهن، مان سرگوشيءَ ۾ تمنا ڪي چوندس، "تمنا، هيءَ دنيا جيڪر سئنيما هال جيتري محمدود ٿي وڃي ۽ هيءَ زندگي هن فلم جيتري مختصر- اسان ٻئي ڪلهو ڪلهي سان ملائي سرگوشين ۾ ڳالهائيندا رهون- حسرتن ۽ خواهشن جي رڃ ڪان دور- محبت جون ڳالهيون ۽ ڳالهين جا اڪٿ، مسلسل سلسلا- اسان جي غمن وانگر طويل ۽ زخمن جيان بي انداز."

"پورا پنج ٿيا آهن مسٽر مجنون،" راجا منهنجي خيالن کي چڙوچڙ ڪري ڇڏيو.

مان اٿي ڪڙو ٿيس. هيڊ ڪلارڪ گهور ڪري، اول مون ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ پنهنجي ٻانهن ۾ ٻڌل ناس جي دٻليءَ جهڙي واچ ۾ ڏسندي پڇيائين، ڪيڏانهن ٿو وڃين مسٽر."

"سائين پنج ٿيا آهن."

"منهنجي واچ ۾ ٿي ٿيا آهن."

“پر آفيس جي گهڙيال ۾ پنج ٿيا آهن.”
هيڊ ڪلارڪ پنهنجو سنهڙو ڪنڌ شتر مرغ وانگر ڦيرائي ڀت تي ٽنگيل گهڙيال ڏانهن ڏٺو.
مان ذري گهٽ ڊوڙندي ڪمري مان نڪري ويس. هيٺان ڏاڍ جو آواز ٻڌم، “گڊ لڪ، مجنون.”
جيئن اسڪولي ٻار موڪل ملڻ تي ڪلاسن مان نڪرندا آهن، تيئن آفيس جي ڪمرن مان ڪلارڪ، ٽائيپسٽ، دفتري ۽ چپڙاسي نڪرندا، هڪ ٻئي کي ٺيلها ڏيندا، ڏاڪڻ لهندا ويا.
جڏهن وراندو واندو ٿيو، تڏهن سامهون ڊپٽيءَ جي ڊرائيور کي تمنا سان ڳالهائيندي ڏٺم. تمنا جي نگاهه مون تي پئي ته مون ڏانهن هلي آئي. سندس چوڏن لڳل چپ وڏيڪ خشڪ ٿي ويا هئا. لپ اسٽڪ ڪيترن هنڌن تان ڦٽي پئي هيس. هوءَ وياڪل هئي. اکين ۾ الڪو هيس. خشڪ چپن تي زبان ڦيريندي چيائين، “مون کي ڊپٽي سڏايو آهي شامو.”
منهنجي رڳ رڳ مان ٿوهر ڦٽي نڪتو. گهڙي ساعت لاءِ تمنا کي زندگيءَ جي پاتار ۾ غرق ٿيندو ڏٺم. چوڻ چاهيم، تمنا، محتاجي، مفلسي زندگيءَ جي سڀ کان وڏي لعنت آهي. پر جيڪي ڪجهه چوڻ چاهيم، چئي نه سگهيس. لفظ سيني جي قبرستان ۾ دفن ٿي ويا.
تمنا ڊائيور کي موٽر وٺ ترسڻ لاءِ چيو.

اسان ٻئي ڪنڌ جهڪائي ڏاڪڻ لهڻ لڳاسين. نه هن ڳالهايو ۽ نه مون، پر تنهن هوندي به اسان ٻنهي هڪ ٻئي جي گهائل روح ۾ جهاتي پائي ورتي.

مون آهستي چيو، ”هڪ نه هڪ ڏينهن اسان هيءَ واهيات نوڪري ڇڏي ڏينداسين.“

هن جواب نه ڏنو، سندس ڪنڌ وڌيڪ جهڪي ويو.

منهنجي اندر ۾ آنڌ مانڌ هئي. ازلي جنگ سيني جي ڌرتي پٽيندي رهي. محبت ۽ گهر وارن جي بک بيماريءَ جا تصور، متضاد قوتن وانگر پاڻ وڙهندا رهيا.

مون پنهنجين ڪنبندڙ آڱرين سان تمنا جي سنگ مر مر جهڙي ٻانهن کي ڇهيو، ”تمنا.“

”تمنا،“ مون ڳيت ڏيئي ڳالهايو، ”ڊپٽيءَ جي ڪهڙي ڪار آهي؟“

”اوپل.“

”اسان شورليٽ امپالا، يا مرسڊيز بينز وٺنداسين. ها نه تمنا؟“ مون گهٽيل آواز ۾ ڳالهايو.

تمنا جواب نه ڏنو. پنهنجون آڱريون منهنجين آڱرين ۾ جڪڙي ڇڏيائين. لفظ گهائل روح جي ڪنهن ڪنڊ مان لڇندا پڇندا تڙڦندا، درد جي ٻبر سان وچڙندا، ٻاهر ايندا رهيا، ”اسان جو پنهنجو گهر هوندو، تمنا اسان جي بيمار ماءُ ڪنهن مشهور ڊاڪٽر کان علاج

ڪرائيندي- اسان روز روز دال نہ ڪائيندا سين- مان انگريزيءَ ۾ ايم. اي ڪندس ۽ تون سينٽ جوزف ڪاليج-”

پوئين ڏاڪي وٽ تمنا پنهنجون آڱريون منهنجي آڱرين مان ڇڏائي، ڊوڙندي موٽر جي پوئين سيٽ تي وڃي ويٺي. رئي جي ڪنڌ وات ۾ وجهي، ڇپ پڪوڙي اکيون بند ڪري ڇڏيائين. ڪار هڪ سٽ سان، اک ڇنڀ ۾ دز اڏائيندي، آفيس جي حدن مان نڪري وئي.

پريان ڏاند رڙ ڪندي چيو، “بئڊ لڪ مجنون.”

منهنجي منهن تي ويران مرڪ تري آئي ۽ ٽٽل تاري وانگر روشنيءَ جي ليڪ ناهي، مايوسيءَ جي ٻاٽ اونداهين ۾ گم ٿي ويئي.

# چربٺ ۽ هڪ نرس

اسڪول کان موٽندي دير ٿي وئي.
پويون پيرڊ ڊرل جو هو، ڊرل ماسٽر کي عرض ٻہ ڪيم: سائين، مان قد ۾ بندوق کان بندرو آهيان، ڊيندبو آهيان، پريڊ ڪندي ڪندي اجايو گسي ويندس، مونکي وجھڻ ڏيو. پر ڊرل ماسٽر نہ مڙيو. چيائين: اصل نہ ڇڏيندومانءِ چربٺ. هٿ ٻڌي ليلايومانس: سائين، اڄ فٽ بال ميچ بہ کيڏڻي آهي، مونکي وجھڻ ڏيو. ڊرل ماسٽر- بندوق جھڙو سخت، نرم نہ ٿيو. چيائين: اسانکي جنگ لاءِ تيار رهڻو آهي، چربٺ. اول جنگ، پوءِ فٽ بال ميچ.
اسان کي موڪل نہ ملي. سڄي اسڪول کي موڪل ملي ويئي. ڇوڪرا ڪلاسن مان نڪرندا، ڊوڙندا، مٿي اڏائيندا هليا ويا. ڊرل ماسٽر اسان جي ڪلاس کي موڪل نہ ڏني، ۽ ڪاٺ جون ڪوڙيون بندوقون ڪلهي تي رکائي، اسان کي اسڪول جي ميدان ۾ پريڊ ڪرائيندو رهيو.
پريڊ ڪندي مون ڦنڊڻ کي چيو: يار موڪل کان وڌيڪ سني شيءِ دنيا ۾ ٻي ڪابہ ڪونهي. پڇيائين: ۽ قلفي؟. قلفي بہ سني آهي، پر موڪل سڀني کان سني آهي، مون وراڻيو. ان وقت اسان مارچ

ٽائيم ڪري رهيا هئاسين. مارچ ٽائيم ۾ هيئن ٿيندو آهي، جو ماڻهو هڪ ئي جاءِ تي بيٺو هوندو آهي ۽ زور زور سان ڌرتيءَ تي لتون هڻندو آهي. اسان زور سان ڌرتيءَ کي لتون هڻي رهيا هئاسين ۽ مارچ ٽائيم ڪري رهيا هئاسين. ڦندڻ چيو: يار چربٿ، منهنجي بوٽ جو ترو ڇڳل آهي، مون کي ته وري ٻيو بوٽ به ڪونهي ني، منهنجي ماءُ گريب آهي. مارچ ٽائيم ڪندي وراڻيم. پرواهه نه ڪري ڦندڻ، اسان کي جنگ لاءِ تيار رهڻو آهي: اول جنگ، پوءِ بوٽ جو ڇڳل ترو.

ان ڏينهن ڊرل ماستر ڏاڍي جوش ۾ هو. سانجهيءَ تائين اسان کي پريڊ ڪرائيندو رهيو. پوءِ جڏهن پاڻ ٿڪجي پيو، تڏهن چيائين: ٻارو هاڻي توهان ٿڪجي پيا هوندا، تنهن ڪري توهان کي موڪل ڏجي ٿي. اسان سيني کي ڏاڍي خوشي ٿي. بندوقون پٽ سان رکي، ڌرتيءَ تان ڪتاب کڻي، ڇنڊي، ڪڇ ۾ ڪياسين. ڦندڻ چيو: يار چربٿ، تون ته بندوق ڪان به بندرو آهين.

مونکي ان جو افسوس آهي، ڦندڻ ڪيس جواب ڏنم. ۽ پوءِ سڌو وڃي ڊرل ماستر جي سامهون بيٺس. جيڪو سهڪي رهيو هو، ۽ رومال سان پنهنجي ڪاري ٿلهي ڪنڌ تان پگهر اگهي رهيو هو. چيومانس: سائين، مان قد ۾ بندوق ڪان بندرو آهيان، مهرباني ڪري مون کي پستول سان پريڊ ڪرائيندا ڪريو. سائينءَ وراڻيو:

تون نہ فقط بندرو آهين چرِيٺ، پر ڪجهہ ڪجهہ بيوقوف بہ آهين، هاڻي گهر وڃ ۽ منهنجو مٿو نہ کاءُ.

مون ماستر صاحب جو مٿو نہ کاڌو ۽ ٻاهر نڪري، آنڪ جا چولا ڪاڌم. چولا کائي، ڦندڻ سان هٿ ملائي گهر آيس. ٿڪل هوس، سوچيم تہ ڪنهن سان بہ نہ ڳالهائيندس. سمهي پوندس.

انور سڏ ڪيو، "چرِيٺ."

"نہ يار! اڄ مان ٿڪل آهيان."

"هڪڙي ڳالهہ تہ ٻڌ."

"نہ ادا نهہ. اڄ مان تنهنجي تقرير نہ ٻڌندس. الاءِ ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان."

منهنجو ياءُ انور اسٽوڊنٽ ليڊر آهي. ڪڏهن ڪڏهن بک هڙتال ڪندو آهي ۽ ڪڏهن تقرير. پر جڏهن کان سنڌس ڪاليج کي وئڪيشن ملي آهي، تڏهن کان روز مون کي تقرير ٻڌائيندو آهي. تقرير ٻڌڻ جي عيوض مان ڪانئس قلفي کائڻ لاءِ بہ آنا وٺندو آهيان. بہ آنا منهنجي ترِيءَ تي رکي انور هڪدم تقرير شروع ڪندو آهي. هڪڙو ڪو ملڪ آهي ويٽنام. اتي جنگ لڳي آهي. بس، پنهنجي تقرير ۾ ويٽنام ويٽنام ڪندو آهي ۽ آمريڪا کي گاريون ڏيندو آهي. هڪ ڏينهن پڇيو هيومانس: يار هو ويٽنام وري ڪٿي آهي؟ انور ساهہ منجهائي، تقرير روڪي، اڌ ۾ ڳالهايو هو: ويٽنام اتر ڏکڻ ايشيا ۽ جنوب مشرق آفريڪا جي وچ ۾ آهي، پر ياد رک

چربٽ، وري وچ ۾ ڳالهائيندين تہ بہ آنا نہ ڏيندومانءِ. چريا، تقريرون ٻڌبيون آهن، تقريرن جي وچ ۾ ڳالهائبو ناهي. پوءِ انور ڏاڍي جوش ۾ تقرير ڪئي. آمريڪا ڪي گاريون بہ ڏيندو رهيو ۽ هوا ۾ مڪون ۽ نونشا بہ ڦيرائيندو رهو. اوچتو هڪ مڪ مون کي بہ نڪاءُ ڪري ڏنائين. مون کي سخت ڪاوڙ آئي؛ چيومانس: اڙي مان آمريڪا ٿوروئي آهيان، جو مون کي مڪ ٿو هڻين. ساري چربٽ انور منهنجي ٽڪڻ تي هٿ گهمائيندي چيو هو. مون بہ ضد ٻڌو: بہ آنا تقرير ٻڌڻ جا ۽ بہ آنا نونشو ڪائڻ لاءِبہ ڏي. ان ڏينهن انور مون کي چار آنا ڏنا هئا ۽ مون اسپيشل قلفي کاڌي هئي.

اسڪول کان موٽيو هوس دير سان. ٽڪل هوس انور کي انڪار ڪري ڇڏيم.

انور ڏاڍي رازداريءَ ۾ چيو، “تقرير ناهي چربٽ، ٻيو ڪم آهي.”

“رڏٽي مان ماني چورائٽي تہ ناهي؟”

“نہ نھ. ٻيو ڪم آهي.”

“ڪهڙو؟”

“پرائيويٽ ڪم آهي.”

مون انور کي جاچي ڏٺو. پڇيومانس، “چا ڪارائيندين؟”

“قلفي.”

“خوش رهھ، ڪڏي بہ آنا.”

انور مون کي ٻہ آنا ڏنا. پوءِ هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي، پتلون جي کيسي مان گلابي لفافو ڪڍي مون کي ڏنائين. چيائين، "ليڊي ڊفرن اسپتال ۾ جيڪا ڪرستان نرس آهي نہ-"

"ها ها، ڪاري بيني."

"اڙي اها نہ."

"تہ پوءِ ڪهڙي؟"

"جنهن تنهنجي ڪن ۾ دوا وڌي هئي، سوزي، سوزي."

"بس بس. سمجهي ويس."

"شاباس، هي خط سوزيءَ کي ڏيئي اچ."

مون خط وٺي کيسي ۾ وڌو. وڃڻ کان اڳ انور کان پڇيم،

"پنهنجي ڪاليج جي مئگزين بہ پڙهڻ لاءِ ڏيندين نہ؟"

"تون اڃا ٻار آهين. تون ڪاليج مئگزين ڪيئن پڙهي سگهندين!"

"مان مئگزين جو سنڌي حصو پڙهندس."

"نہ چريٿ نہ، ڪاليج مئگزين ۾ ٻارن لاءِ ڪابہ شيءِ نہ هوندي آهي."

"يار هڪ دفعو پڙهڻ لاءِ ڏجانءِ نہ."

"ادا احمد کان مار کارائيندين ڇا."

"مان لڪي لڪي پڙهندس. ڪاڪوس ۾ وڃي پڙهندس."

"نہ چريٿ، نہ."

"تہ پوءِ مان بہ تنهنجو خط نٿو ڪڍي وڃان."

“ائين تہ نہ ڪر.”
“تون منهنجي ڳالهہ چو نٿو مڃين.”
“چڱو چڱو، پڙهجانءِ. هاڻي وچ ۾ سوزي ڪي خط ڏيئي جلدي موٽي اچ.”
مون ہہ آنا ڪيسي ۾ وڌا ۽ نينگ ٽپا ڏيندو، ليڊي ڊفرن اسپتال پهتس. سوزي هڪ مريض ڪي سئي هڻي رهي هئي. مون ڪيس ‘شي شي’ ڪري سڏ ڪيو ۽ اچڻ جو اشارو ڏنو. هوءَ سئي هڻي، ورانڊي مان ٻاهر هلي آئي. مون ڪيس انور وارو گلابي لفافو ڏنو. هوءَ اتي ئي لفافي مان خط ڪڍي پڙهڻ لڳي. مان پاسيرو ٿي اک ٽيٽ ڪري ڪيس ڏسڻ لڳس. هوءَ مون ڪي ڏاڍي وڻندي هئي. هڪ دفعي، گهڻو اڳ، جڏهن منهنجي ڪن ۾ مونگهڻ گهڙي ويو هو ۽ مون ڪي ڪن ۾ هوائي جهاز هلڻ جا آواز ايندا هئا، مان روز سوزيءَ کان ڪن ۾ دوا وجهرائڻ لاءِ ليڊي ڊفرن اسپتال ايندو ويندو هوس. سوچيندو هوس، منهنجي ڪن ۾ سدائين هوائي جهاز هلندا رهن ۽ مان روز سوزيءَ کان ڪن ۾ دوا وجهائڻ لاءِ اسپتال ويندو رهان. پر افسوس هڪڙي ڏينهن منهنجي ڪن مان مئل مونگهڻ نڪري آيو. هوائي جهاز هلڻ بند ٿي ويا. تڏهن کان مون ڪي سوزي ڏاڍي وڻندي هئي.
سوزي جڏهن خط پڙهي چڪي، تڏهن منهنجي پني نپيندي پڇيائين، “تم انور کا دوست ٹہ؟”

“اڙي نو نو، هم تو وڙي ٿارزن اور قلفي والي کا دوست ٿي،” هن پنهنجو نرم نرم، اڇو لسو لسو هٿ اڳتي ڪري، پنهنجين ڪونئرين، ڏکين آگرين سان منهنجي ڳٽي تي پيار منجهان ٺڦڪي ڏيندي چيو، “تم بهوت اڇا لارڪا ٿي.”
“تم ڀي وڙي بوت اڇا ٿي،” مون گد گد ٿيندي چيو، “هم تم ڪو قلفي ڪلائينگا.”
هوءَ کلڻ لڳي. مان ڪيس ڏسڻ لڳس. هوءَ مون کي ڏاڍي وڻي. دل چاهيو ته سندس اگهاڙين پنين تي چهنڊڙي پائي ڀڄي وڃان. پر ائين نه ڪيم. اجايو ناراض ٿي وڃي ها ۽ منهنجي قلفي به نه کائي ها.
مون ڪيس سلام ڪيو ۽ ٻه قدم پوئتي ٿي وري ڪيس سلام ڪيم. ٻه قدم وري ٻه پوئتي هٽيس ۽ پوئتي ٿيندو، ڪاريءَ ٿلهيءَ، بينيءَ نرس وٽ وڃي بيٺس. پوءِ مون خوشيءَ مان ٿارزن جهڙي رڙ ڪئي. بيني نرس ڪان چرڪ نڪري ويو. ڪرندي ڪرندي پاڻ سنڀالي ورتائين.
اسپتال مان ٻاهر آيس. ڏاڍي خوشي ۽ بدن ۾ ڪتڪتائي پئي محسوس ڪيم. دل چاهيو ته سڄي واٽ ٿارزن وانگر ڪوڪڙاٽ ڪندو وڃان. پر خيال آيو ته اجايو ڪتا ۽ شريف ماڻهو ناراض ٿيندا. پوءِ سوچيم ته ڪلان، ڪلي ڪلي اونڌو ٿي ڪري پوان. اوچتو

خيال آيو تہ ماڻهو چريو سمجهي پٿر هڻندا. مان وڏو ٿوروئي آهيان، جو ماڻهو مون کي مست سمجهن.
نيٺ ڳائڻ جو فيصلو ڪيم. وات تي هٿ رکي، گوين وانگر واڇ چٻي ڪري ڳائڻ شروع ڪيم: ’اجا تہ ايٿ مان ننڍڙو آهيان، اجا تہ ايٿ مان ننڍڙو آهيان.‘ ڳانو ڳائيندي، جهومندو وڻن جا پن پٽيندو، سڌو قلفيءَ واري وٽ اچي بيٺس.
”اج تہ ڪا اسپيشل قلفي ڪاراءِ يار.“ مون چيو ۽ ڳائڻ لڳس، ”اجا تہ قلفيءَ وارا مان ننڍڙو آهيان، اجا تہ ايٿ مان ننڍڙو آهيان- نيٺ وڏو بہ ٿيندس، نيٺ ٿارزن بہ تہ ٿيندس.“
”چو! اج ڏاڍو خوش ٿو ڏسجين؟“
”ڳالهہ نہ پڇ يار.“
”اسڪول جي ڪا ڇوڪري تہ نہ وٽي ويئي اٿئي؟“
”ڪهڙيون ٿو ڳالهيون ڪرين مولائي،“ مون وراڻيو ۽ قلفيءَ واري کي حيران پريشان ڇڏي، قلفي چوسيندو اڳتي هليو ويس.
قلفيءَ وارو بہ عجيب انسان آهي. يلا اسڪول جون ڇوڪريون بہ ڪي وڻڻ جهڙيون هونديون آهن! مون کي پاڻ جيتريون ننڍڙيون اسڪولي ڇوڪريون اصل ڪونہ وڻن. ڪنيون جڏهن ڏسون نڪ ۾ آڱريون پيون گهمائينديون، اکين مان چپيون پيون ڪڍنديون، رئي جي ڪنڊ جي وٿ ناهي، ڪن مان مر پيون ڪڍنديون، گدليون هٿ مس ۾ نيرا. اجايو سجايو هڪ ٻئي سان ڪچ ڪچ

ڪنديون. منٽ ۾ رسنديون، منٽ ۾ پرچنديون سڄو ڏينهن چنٽي ۽ گدامڙي ڪائينديون رهنديون آهن. اهي ننڍڙيون بندريون، متيرن جيتريون ڇوڪريون مون کي بنهه ڪونه وڻن. چٻيون، جهڙيون جنڙيون.

مون کي تہ بس سوزي نرس وڻندي آهي، ۽ ان ڏينهن مون کي ڪجهہ ڪجهہ ڏک بہ ٿيو هو تہ مان سوزيءَ کان ڪيترو نہ ننڍڙو هوس، بندرو. مشڪل سان سوزيءَ جي ٽنگ جيترو مس هوس. پر تڏهن بہ مان خوش هوس، بيحد، گهڻو، ڏاڍو.

پرنسيس اسٽريٽ کان رام سواميءَ تائين ماڻهن کي ڏڪيندو، پري ڪندو، ڳائيندو ويس تهہ: 'اجا تہ ايٺ مان ننڍڙو آهيان، اجان تہ ايٺ مان ننڍڙو آهيان- نيٺ وڏو بہ تہ ٿيندس.' بوهرا پير وٽ منهنجي پوئتان ڪنهن ٿلهي آواز ۾ ڪنو ٺهڪ ڏنو. بلڪل اهڙو ٺهڪ، جهڙو پاڪستاني فلمن ۾ بدمعاش هيرو کي نونشو هٽڻ کان اڳ ڏيندو آهي. ڪاوڙ مان منهن ورائي پوئتي ڏٺم. هڪ گوڏر پنهنجين واهيات، جهينگن جهڙين مڇن تي هٿ ڦيرائي کلي رهيو هو.

پڇيومانس، "ڇو ٿو ڙي کلين؟"

مڇوءَ جواب نہ ڏنو. کلندو رهيو.

"اڙي وري کلين ٿو!" مون خارن مان چيو، "خبر اٿئي، مان ليدي ڊفرن اسپتال مان پيو اچان."

ڳهڪي آواز ۾ چيائين، ”پيٽتو وري الله وٽان نہ آيو آن ني.“
”الله وٽان بہ آيو آهيان. امان چوندي آهي، تہ مان الله وٽان آيو آهيان.“
”جي ماڻهين چوندي آهي تہ پوءِ نيڪ آهي. پر جي پڙهين کان اها خبر ٻڌي اٿئي تہ پوءِ پيٽتو غلط اٿئي.“
”منهنجو پيءُ مري ويو آهي.“
”تہ پٽ، پوءِ تون بہ وڏو ٿي ڦاڙها مارينديں.“
”ڦاڙها تہ منهنجو دوست ٽارزن ماريندو آهي،“ ٽارزن جي ڳالهہ ڪندي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي، ”ٽارزن شينهن، چيتي ۽ واڳوءَ کي بہ ماريندو آهي.“
هو ٿهہ ٿهہ ڪري کلڻ لڳو. چيائين، ”چئهہ، اجا تہ ايٽ مان ننڍڙي آهيان. ننڍڙي، ننڍڙو نهہ.“
”ٽارزن تو جهڙي درياهي گهوڙي کي بہ ماريندو آهي،“ مون ڪانئس پري ٿيندي چيو، ”خچر، مچو، جهينگا.“
مون مچوءَ کي آڱونو ۽ جپ ڏيکاري، ۽ ڊوڙندو پيچي ويس. اجايو ور چڙهي وجانس ها تہ ماستر صاحب وانگر ماري ماري لاهہ ڪيي ڇڏي ها.
رستو ٽپندي ڳائڻ شروع ڪيم. اجا تہ ايٽ مان ننڍڙو آهيان، اجا تہ ايٽ مان ننڍڙو آهيان. نيٺ وڏو- الاءِ ڪٿان اوچتو ئي اوچتو، موٽر رڪشا منهنجي سر تي اچي ڪڙڪي. ڊرائيور زور سان

بريڪ ڏنو ۽ رڪشا ڏامر جي رستي تي ليڪا ڪڍندي منهنجي پرسان اچي بيهي رهي.

پناڻ ڊرائيور خارن مان ڳاڙهو ٿي ويو. ان وقت مون کي آلو بخارا ياد آيا. هو رڪشا مان لهي آيو. مان ٽپ ڏيئي فٽ پاٿ تي چڙهي بينس. لال پناڻ، ٻانهن وڌائي، پر ڪري مون کي ٺڦڙ وهائي ڪڍي ۽ چيائين، "خوچه خنزير ڪا بچهه."

ٺڦڙ کائڻ کان اڳئي مان فٽ پاٿ تي ويهي رهيس. ڊرائيور جو وار گسي ويو ۽ چمات منهنجي پويان ايندڙ ٻئي ماڻهوءَ کي ٻوٿ ۾ وڃي لڳي. پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي ٻئي ڄڻا پاڻ ۾ ٻڪجي ويا. مان اتان ڀڄي ويس.

يلا هي ڪراچي به ڪو شهر آهي! رستن تي هر وقت موٽريون، لاريون، ٽرامون، رڪشا ڊوڙندا رهندا آهن. ٻيو ڪو ڪم ڪونهين، چرين وانگر ڊوڙندا رهندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن بس يا لاري کي خار ايندا آهن ته رستو ڇڏي، فٽ پاٿ تي چڙهي ڪنهن دڪان يا گهر ۾ گهڙي ويندي. ڪڏهن ڪڏهن بسون پاڻ ۾ وڙهي پونديون آهن. پر سڀني کان خوفناڪ آهن رڪشا، جن جا ڊرائيور به خوفناڪ هوندا آهن.

مون سوچيو آهي ته وڏو تي تارزن ٿيندس، گهر بدران وڻن تي رهندس. بسون ۽ لاريون گهرن ۾ گهڙي اينديون آهن، پر اڄ تائين ڪابه بس يا موٽر لاري وڻ تي چڙهي نه سگهي آهي. مان وڻ تي

رھندس ۽ دوستي پڪين سان رکندس، (افسوس جو اسان جي ملڪ ۾ ٿارزن جي ملڪ وانگر جانور وڻن تي نٽا رھن.) مان وڻ تان ھيٺ لھي ڪنھن بہ جانور سان دوستي نہ رکندس.

سيٽيون وڄائيندو، پٽين تان پوسٽر ڦاڙيندو، راڳ ڳائيندو گھر آيس.

انور منھنجي انتظار ۾ ڏاڪڻ وٽ بيٺو ھو ۽ ڪو غمگين فلمي گانو ڳائي رھيو ھو. مون کي ڏسنديئي گانو ڳائڻ بند ڪري ڇڏيائين.

مون کي ٻانھن کان ڇڪيندي پڇيائين، "ڪيئن چريٽ، ڪم تہ ٺيڪ ٿي ويو نہ؟"

مون اول ڪيس ڪاري بيني نرس واري ڳالھ ٻڌائي.

چيائين، "پراين عورتن سان مستي نہ ڪندو ڪر. اھڙيون حرڪتون شريف يار نہ ڪندا آھن ۽ يلا-"

مون ڪيس ڳالھائڻ نہ ڏنو ۽ مڇوءَ جي ڳالھ ٻڌائيمانس.

چيائين، "پاڻ وڏن سان ادب سان ڳالھائبو آھي. توکي عقل الاءِ ڪڏھن ايندو چريٽ، ۽ يلا-"

مون سندس ڳالھ اڌ ۾ ڪپي ڇڏي ۽ ڪيس رڪشا ڊرائيور جي ڳالھ ٻڌايم.

چيائين، “رستي تي وائڙن وانگر نہ هلندو ڪر. اول ساڄي، پوءِ کاٻي پاسي ڏسي رستو پار ڪندو ڪر، ۽ پلا هو خط سوزيءَ ڪي ڏنئه؟”
“اول پنهنجي ڪاليج مئگزين ڏي، تہ پوءِ ٻڌائيندومانءِ.”
“مئگزين نہ ملنديءِ.”
“تہ پوءِ مان ڳالهہ بہ نہ ٻڌائيندومانءِ.”
“مار ڪائيندين چرٻٽ.”
“ماري تہ ڏيکار! هون،” مون چيو، “مان سڀ ڪجهہ امان کي ٻڌائي ڇڏيندس تہ تو هڪ نرس کي-”
“نهيو بابا، نهيو،” انور منهنجي وات تي هٿ رکي ڇڏيو. ڊوڙندو ويو ۽ پنهنجي ڪمري مان ڪاليج مئگزين کڻي آيو.
مئگزين ڏيندي چيائين، “هاڻي تہ ڪڻي ٻڌاءِ، چريا چرٻٽ ڪجهہ چيائين.”
“ها، چيائين تہ تمر بوت اچا لارڪا ٽڊ.”
“ٻيو ڪجهه؟”
“ڪجهہ بہ نہ.”
انور خيالن ۾ گم ٿي ويو. پنهنجي ساءِ مرڪڻ لڳو.
پڇيومانس، “کيل تي ويندؤ چا؟”
“ها.”
“ڪهڙي تي؟”

“بدنام حسينہ عرف بي رحم گهوڙي سوار.”
“هون! اها بہ ڪا فلم آهي! ٽارزن ۽ خوفناڪ چيتو وجي ڏسو نہ.”
“اها فلم ٻارن لاءِ آهي، چريٽ.”
“اڙي نہ نہ،” مون خوش ٿيندي چيو، “ان فلم ۾ ٽارزن هڪ ڇوڪريءَ کي لو (Love) هٽي ٿو.”
“بيشرم، بداخلاق،” انور ڪاوڙجي ويو، “وڏي ٻاءُ سان اهڙيون واهيات ڳالهيون ڪندي شرم نٿو اچيئي.”
“اچي ٿو.”
“تہ پوءِ هتان ٻجي وڃ.” انور چيو، “مئگزين بہ لڪائي پڙهجانءِ.”
“تون خيال نہ ڪر.”
“۽ سوزيءَ واري ڳالهہ بہ ڪنهن سان نہ ڪجانءِ.”
“قلفي ڪارائيندين؟”
“ها.”
“تہ پوءِ ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائيندس.”
انور ڪپڙا مٽي عذرا جي ڪمري ۾ ويو. عذرا منهنجي ڀيڻ آهي. نڪ پڪوڙي جهڙو، ڏند مترڪي جهڙا ۽ اکيون ڦٽل انگورن جهڙيون اٿس. مونکي هر هفتي هڪ دفعو مار ڏيندي يا ڪارائيندي آهي.

انور پٻن تي هلندو عذرا جي ڪمري ۾ گهڙي ويو. ان وقت عذرا هڪ اردو ناول پڙهي رهي هئي ۽ زور زور سان ٽنگون لوڏي رهي هئي. هوءَ بالڪونيءَ ۾ ويٺي هئي.

انور عذرا کان اک بچائي، ڊريسنگ ٽيبل مان سينٽ جي شيشي ڪڍي پنهنجن ڪپڙن تي هاري ڇڏي. مان ڪيس در جي وٿيءَ مان جاچي رهيو هوس. مون تي نظر پيس ته مون کي اک هنيائين، جنهن مان سمجهيم ته خاموش رهان. انور پير پير پائي، ڪمري مان نڪري ويو.

مان ٻاهرين در تائين انور جي ڪڍ آيس. ٻاهرين در وٽ ترسي، هٿ جي اشاري سان پڇيائين ته ڇاهي. مون پريان ئي ڪيس ساڄي هٿ جون ٻه آڱريون ڏيکاريون ۽ کاٻي هٿ جو آڱوٺو وات ۾ وجهي ڇڏيم. جنهن مان منهنجو مطلب هو ته مون کي ٻه آنا ڏي ته مان هڪ قلفي کاوان. انور پنهنجي واچ ڏانهن اشارو ڪيو ۽ ڪنڌ لوڏي هليو ويو. مون ٻه ڪيس وڃڻ ڏنو. رات جا نو ٿي رهيا هئا. اجايو دير ٿي وجيس ها ۽سوزيءَ کي ٻه تڪليف ٿئي ها.

سوزي! ها سوزي! اوهه مان جيڪر وڏو هجان. انور جيڏو هجان ها ۽ انور مان جيترو ننڍڙو ۽ بندرو هجي ها. مان خط لکان ها ۽ انور سوزيءَ کي ڏيئي اچي ها. ۽ پوءِ سوزي ۽ مان فلم تي وڃون ها. پر مان ته جيڪر سوزيءَ کي ٽارزن جي فلم ڏيکاريان ها. اردو

فلمن ۾ هيروئن ۽ مايون ايڏو تہ روئينديون آهن، جو منهنجي دل بہ ٻاڳها قاڙي روئڻ چاهيندي آهي.

هڪ دفعي مان، امان، عذرا ۽ پاڙي جي عورتن سان گڏ هڪ فلم جو زنانو شو ڏسڻ ويو هوس (مان ننڍڙو آهيان ۽ بيحد بندرو آهيان، تنهنڪري مون تي زناني شو ۾ عورتن سان ويهڻ جي جهل پل ڪونهي.) ان فلم ۾ ويچاري هيروئن کي سندس مڙس مار ڏيئي، گهر مان ڪڍي ٿو ڇڏي. ساڳيو مڙس هڪ ٻيءَ فلم ۾ ساڳي هيروئن جو پيءُ ٿيو هو. اهو ڏسي مون کي سخت اچرج ٿيو ۽ جڏهن عذرا کان پڇيو هيم تہ اهو ساڳيو ٿلهو بدمعاش هڪ فلم ۾ ساڳي هيروئن جو پيءُ ٿيو هو ۽ هن فلم ۾ وري مڙس ڪيئن ٿي پيس! تہ عذرا مون کي ڇڙٻ ڏيندي چيو هو: موئا چپ ڪر، چريا چرٻٺ. مون ماٺ نہ ڪئي ۽ اڻ تڻ لڳي پئي هئي، سو چپ ڪيئن رهان ها! پنهنجو وات عذرا جي ڪن وٽ آڻيندي چيو هيم: ٽارزن جي فلمن ۾ تہ ائين نہ ٿيندو آهي، جانور هر فلم ۾ جانور رهندا آهن، ماڻهو ڪونہ ٿي پوندا آهن. عذرا پنهنجو سڪل، ڪارو هڏائون هٿ منهنجي وات تي رکي ڇڏيو هو ۽ عجيب آواز ۾ چيو هئائين: "بس ڪر، موئا مرين." ۽ پوءِ رئي جي ڪنڌ وات ۾ وجهي روئڻ لڳي هئي. مون سندس هٿ تي هٿ رکندي چيو هو: "مونکي معاف ڪر منهنجي پيڻ" (نياڻي ست قرآن هوندي آهي، ڪيئن ناراض ڪيانس ها!) اوچتو امان ۽ پاڙي جي عورتن

بہ روئڻ شروع ڪيو. مون اڳتي پوئتي منهن ورائي ڏٺو. منهنجي حيرت جي حد نہ رهي هئي، جڏهن ڏٺو هيم تہ سڄي سئنيما هال جون عورتون روئي رهيون هيون. اڪيون ڦاڙي پردي ڏانهن ڏٺو هيم، ۽ سيني جي روئڻ جو سبب منهنجي سمجهہ ۾ اچي ويو هو. پردي تي هيروئن جا حال بڇڙا هئا. هوءَ ريل جي پٽن جي وچ ۾ ٻوڙي رهي هئي. ڪجهہ نانگ، بلائون، وڇون وغيره هيروئن ڏانهن وڌي رهيا هئا. پريان ريل گاڏي اچي رهي هئي ۽ هيروئن ويچاري ٻئي ٻانهون مٿي ڪري، ٻاڪها ڦاڙي هڪ گانو ڳائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. مون سوچيو، يار چريٽ سڀ روئن ٿا- امان روئي ٿي، هيروئن روئي ٿي، توکي بہ روئڻ گهرجي. پوءِ مون بہ منهن بڇڙو ڪري، واڇ چٻي ڪري اوچنگارون ڏيئي روئڻ شروع ڪيو هو. ان دفعي مان ڏاڍو رنو هوس. پلا اهڙي فلم ۾ سوزيءَ کي ڪيئن وٺي وڃي روئاڙي اچان ها؟"

منهنجي ننڍڙي ميڄالي ۾ وڏا وڏا خيال ايرڻ لڳا.

مون ڪاليج مئگزين، جاگرافيءَ جي جرنل ۾ لڪائي ڇڏي. پنهنجي ڪتابن جي ميز وٽ ڪرسي وجهي ويهي رهيس ۽ سيني کان اک بچائي ڪاليج مئگزين جو سنڌي حصو سڄو پڙهي ويس. عجيب عجيب ڳالهيون ۽ آکاڻيون لکيل هيون مئگزين ۾.

هر هڪ آکاڻيءَ ۾ سماج نالي ڪنهن شيءِ جو هزارين دفعا ذڪر ڪيل هو. هر هڪ آکاڻيءَ ۾ سماج کا نہ کا ڳڙٻڙ ڪئي هئي.

مون کي سماج تي ڏاڍا خار آيا. پوءِ مون مئگزين بند ڪري، سماج جي باري ۾ سوچڻ شروع ڪيو. وڏو ڪو بدمعاش آهي سماج! اها پڪ هيم تہ سماج ڪنهن جانور جو نالو ڪونهي، ڇو جو ٽارزن اڄ تائين چيتي، رڇ، بگهڙ، واڳون ۽ درياهي گهوڙي وغيره سان وڙهيو آهي، پر اڃا تائين سماج سان مقابلو نہ ڪيو اٿائين. گهڻو سوچڻ ڪانپوءِ بہ سماج منهنجي سمجهہ ۾ نہ آيو ۽ مون سماج جي باري ۾ سوچڻ ڇڏي ڏنو.

چائي پائي سماج. پوءِ مون مئگزين ۾ لکيل ڳالهين جي باري ۾ سوچڻ شروع ڪيو. ان ڏينهن زندگيءَ ۾ پهريون دفعو مون کي خبر پئي تہ ماڻهو وڏو تي ڪيئن ڳالهائيندو آهي- ڪيئن محبت ڪندو آهي. فيصلو ڪيم تہ مان بہ وڏو تي ائين ڪندس، ائين ئي ڳالهائيندس. اوچتو منهنجي ذهن ۾ ٻيهر سماج بدمعاش جو خيال اڀري آيو- وڏو شودو آهي سماج- ڪڏهن هيروئن جو پيءُ تہ ڪڏهن مڙس!

مان سماج، محبت ۽ سوزيءَ جي باري ۾ سوچيندي سمهي پيس.

امان الاءِ ڪهڙي مهل مون کي ننڊ مان جاڳائي چيو: پاڻين نان ڪباب آندا آهن، اٿي کاءُ"

مان هن وقت بدمعاش سماج جي باري ۾ سوچي رهيو آهيان،" وراڻيم ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيم.

سوزي سرڪاري باغيچي ۾ شتر مرغ جي پڃري وٽ هڪ بئنچ تي ويٺي هئي، ۽ وڻ جي ٿاريءَ تي الو ويٺو هو. سوزيءَ کي ڪپڙا پرين جهڙا پاتل هئا ۽ سندس ٽنگون به اگھاڙيون نه هيون. ڪيس پرين جهڙا اڇا اڇا، سهڻا سهڻا ڪنپ به هئا. ان وقت مان ۽ منهنجو جگري دوست ڦندڻ ڏيڏرن کي پٿر هڻڻ لاءِ باغيچي ۾ ويا هئاسين. مون ڦندڻ کي چيو: يار ڦندڻ، تون هن تلاءَ وٽ ويهي نڪ مان گينگھا به ڪڍ ۽ ڏيڏر به ڏس، مان منٽ ۾ سوزيءَ سان ملاقات ڪري موٽي ٿو اچان ۽ اچي ڏيڏرن کي پٿر ٿو هڻان. ڦندڻ تلاءَ جي ڪپ تي ويهي رهيو ۽ چيائين: ايندي ايندي گدامڙي پٽي اچجانءِ.

تلاءَ جي سامهون بوٽا هئا، ۽ بوسٽ جي ٻئي پاسي، سائي چٻر جي پرئين ڪنڌ وٽ، هڪ اڪيلي بئنچ تي سوزي اداس ويٺي هئي.

هڪ چال سان بوٽا اڪري ويس. پوءِ سوچيم ته ٽارزن وانگر ڪوڪڙاٽ ڪندو، وڻن جي ٽارين تي لٽڪندو، سوزيءَ جي ڪن ۾ وڃي 'هو' ڪيان. پر خيال آيو ته بيلي، ڪاليج مئگزين ۾ ائين لکيل ڪونه هو. مون کي ائين ڪرڻ گھرجي. جيئن مئگزين ۾ لکيو هو.

مون قميص جا به بٽڻ کولي ڇڏيا. وار منهن ۾ وجهي ڪابو چپ لٽڪائي ڇڏيم. ائين ڪرڻ سان ڪجھ دير لاءِ پاڻ کي اٺ محسوس ڪيم. پوءِ جيئن ئي سوزيءَ ڏانهن وک وڌايم، ته اهو

ڏسي منهنجي حيرت جي حد نہ رهي تہ مان هڪدم انور جيڏو وڏو ۽ قداور ٿي ويو هوس. مون کي ڏاڍي خوشي ٿي.
مان تڪڙو تڪڙو سوزيءَ ڏانهن وڌي ويس. هن مون کي ڏٺو ۽ اچرج نہ ڪاڏائين.
چيائين، “مان تنهنجو ئي انتظار ڪري رهي هيس، بالم.”
“بالم! ڪٿي آ بالم.”
“تون منهنجو بالم آهين.”
“اوه! سمجهيم.”
“مان صدين کان تنهنجو انتظار ڪري رهي آهيان.”
“صدين کان! نہ نہ. چرچا تہ نہ ڪر. تون ڏاڏيءَ حوا جيڏي تہ ناهين.”
“تون نٿو سمجهين منهنجا محبوب.”
“محبوب! ڪهڙو محبوب؟ فلم ڊائريڪٽر محبوب.”
هوءَ وڌيڪ اداس ٿي ويئي، چيائين، “منهنجي پرسان اچي ويهه، منهنجا پريتم.”
“مان پريتم نہ آهيان. پريتم داس اسان جي ڪلاس جو مانيٽر آهي. اسان جي ماستر جو چمچو آهي.”
هن مون کي ٻانهن کان وٺي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي چيو، “منهنجي پرسان ويهي رهہ منهنجا ساجن.”

“ساجن!” مون سندس پر ۾ ويهندي چيو، “تو مون کي شايد سڃاتو ناهي سوزي، اڙي مان چريٽ آهيانءِ.”

“دنيا لاءِ پل تون ڪجهه به هجين، پر منهنجي لاءِ ديوتا آهين.”

“ديوتا!” مون کي ڪجهه ڪجهه ڪاوڙ لڳي، “هي دئوس ديوتا وري ڪير آهي! مان توسان محبت ڪيان ٿو سوزي. تون پنهنجيءَ دل مان دئوس ديوتا، ساجن، پريتم، بالم وغيره جو خيال ڪڍي ڇڏ.”

سوزيءَ ٿڌي آهه ڀريندي چيو، “تون ڏاڍو معصوم آهين.”

معصوم چيائين ته مون کي ڏاڍو شرم آيو. مان اڃ جيترو بندرو ۽ ننڍڙو نه هوس، وڏو ٿي ويو هوس ۽ ماڻهو وڏي ٿي معصوم ٿورو ئي رهندو آهي!

چيم، “مان معصوم ٿوروئي آهيان. مان ته جوان آهيان، تو جيترو آهيان ۽ سوزي- ۽ سوزي مان توسان محبت ڪندو آهيان.”

“مان به توکي دل جي گهراين سان چاهيندي آهيان، توسان محبت ڪندي آهيان.”

“سچ!”

“ها،” هن اداس لهجي ۾ ڳالهايو، “پر تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ سماج جي ديوار آهي.”

“ڪٿي آ سماج ۽ سماج جي ديوار،” مان خوفناڪ رڙ ڪري بئنچ تي چڙهي بيٺس.

الو وڻ جي ٽاريءَ تان اڏامي ويو.
“ڪٿي آهي سماج، سوزي. مان غندي سماج جا ڏند پيجي ڇڏيندس.”
مون کي سماج تي ڏاڍي ڪاوڙ آهي. مون ڏند ڪرٽيندي، منيون پڪوڙي چئني طرف نهاريو. پري پري تائين مون کي سماج ڏسڻ ۾ نه آيو.
مون رڙ ڪئي، “بدبخت سماج، ويجهو آءُ. تو ڪاليج مئگزين جي محبت ڪرڻ وارن کي ستائي ڏنو آهي. اچ، اچي مون سان وڙهه، داداگير سماج اڄ مان تنهنجو ٽِٽ ڪڍي ڇڏيندس.”
اوچتو وڻن ۽ ٻوٽن ۾ ٻاڪرڪتو مچي ويو. مان سماج سان مقابلو ڪرڻ لاءِ سينو ڦوڪي تيار ٿي بيٺس.
باغ جو مالهي ڏندو ڪڻي ڊوڙندو آيو.
پريان ئي رڙ ڪندي چيائين، “باگيچي ۾ ٻوٻڙي ڪري لاءِ تو مارين.”
مون کان اڳ سوزي ٻئنچ ڇڏي ڀڄي ويئي. مالهيءَ مون کي ڊوڙائڻ شروع ڪيو. مان چپر لنگهي، ٻوٽا ٽپي، ڦندڻ ڏانهن ڊوڙندو رهيس.
مالهي رڙيون ڪندو، گاهه پٽيندو، منهنجي ڪڍ ڏوڪيندو آيو.
مان ڏيڏرن جي تلاءَ وٽ پهتس. ڦندڻ غائب ٿي ويو هو. مان حيران پريشان بيٺو هوس، جو مٿان اچي مالهي نڪتو. مون کي جهلڻ

لاءِ ٻئي ٻانهون اڳتي ڪري جهٽ ڏنائين. مان پري ٿي ويس ۽ مالهي سڌو وڃي تلاءَ ۾ ڪريو. شپڪو ٿيو. ڏيڏرن ٽپ ڏنا ۽ پاڻيءَ جا ڇنڊا منهنجي منهن تي اچي پيا. مون اکيون بند ڪري ڇڏيون. ڪجهه وڏيڪ ڇنڊا پيا ته مون ٻوٽيل اکيون اول مهٽيون ۽ پوءِ کولي ڇڏيون. ڪيڏانهن وئي سوزي ۽ ڪيڏانهن ويو باغ جو مالهي!

مان ڇرڪ ڀري اٿي وينس. صبح ٿي ويو هو. منهنجي مٿان انور بيٺو هو. غسلخاني مان وهنجي نڪتو هو ۽ سندس وارن مان پاڻي منهنجي منهن تي ٽمي رهيو هو.

انور منهنجي پرسان هنڌ تي ويهي رهيو. آهستي پڇيائين، "لفافي ۽ سوزيءَ جي ڳالهه دل ۾ رکي اٿئي نه؟"

"ها،" مون وراڻيو، "پر جي قلفيءَ لاءِ ٻه آنا نه ڏيندين ته سيني کي ٻڌائي ڇڏيندس."

"صبح صبح جو قلفي! هون ڇريا ڇرٻٽ،" انور کلڻ لڳو. چيائين، "يل وڃي ٻڌاءِ. هاڻي تنهنجي ڳالهه تي ڪير اعتبار ڪندو؟"

"دوکو!"

انور کلندو، ٿوال سان وار اگهندو بالڪونيءَ ڏانهن هليو ويو.

# رڃ

اڄ آچر رات آهي. هو ٽيئي هڪ ولائيتي طرز جي گَتي ۾ وينا آهن. سندن آڏو ٽيبل تي وسڪيءَ جا سونهري گلاس ۽ تريل گوشت، ڪبابن ۽ سيڪيل پٽاٽن جون پليٽون رکيون آهن. پٽاٽن جي پليٽ ڀڳوانداس لاءِ آهي. هو ويشنو آهي. گوشت جي منع اٿس. تريل گوشت ۽ ڪبابن جون پليٽون مظفر ۽ ڪريم لاءِ آهن. هو ٻئي وسڪيءَ جون سرڪيون ڀري گوشت جون ٻوٽيون چٻاڙي رهيا آهن. ڀڳوانداس پٽاٽا کائي رهيو آهي.

ٽيئي پاڻ ۾ گهرا دوست آهن.

ٽيئي ڄڻا هڪ ئي اسڪول ۾ ماستر آهن.

ڀڳوانداس حسابن جو ماستر آهي. زندگيءَ جي هر هڪ وهنوار ۾ حساب استعمال ڪندو آهي. پيسن ڳڻڻ کان وٺي ساهه کڻڻ تائين حساب ڪتب آڻيندو آهي. ڀڳهار ٻين ماسترن جيتري اٿس، پر وٽس ٽيوشنون جام آهن. ويهه پنجويهه کن شاگرد ڪانئس ٽيوشن وٺندا آهن. سندس ماهوار آمدني ٻارهن سئو رپيا کن آهي. خوش آهي. آسودو آهي. قميصن جا ڪالر ۽ پتلونن جا پائنچا ڪٽل هوندا آهنس. ڦلڪا ڳڻي کائيندو آهي. بئنڪ ۾ رکيل موڙي وڌندي

رهندي اٿس. سندس دولت مان بئنڪ وارا واپار ڪندا آهن ۽ نفعي مان پنهنجي عملي ڪي بونس ڏيندا آهن. بئنڪ جو مئنيجر ٿلهو متارو آهي. سنا ڪپڙا پائيندو ۽ سنو کائيندو آهي. پڳوانداس دولت ميڙيندو رهندو آهي. سندس پتلون جا پائنچا ۽ قميص جو ڪالر ڪٽل هوندو آهي ۽ بوٽ جو ترو گَنل ۽ ٽنگر هوندو اٿس. فقط آچر رات لڪشميءَ جا بند خلاص ڪري، حاتم ڪي رئارڻ لاءِ پنهنجن ٻن دوستن سان گڏ رات ملهائيندو آهي.

مظفر ڊرائينگ ماستر آهي. ساڻس ملندا ته توهان سان وان گو، ليونارڊ ڊاونسي ۽ پڪاسو جي فن تي نڪته چيني ڪندو. ڪيس چغتائي، صادقين ۽ گل جيءَ جون تصويرون پسند ناهن. مظفر ولائتي فلمون ڏسندو ۽ ڊرائينگ لاءِ ولائتي برش ڪم آڻيندو آهي. ٻيو پل نه ڪري، پر پنهنجي تعريف پاڻ ضرور ڪندو. ڳالهائڻ مهل آواز نڙيءَ ۾ وڪوڙي سڪوڙي، گهمائي ڦيرائي ٻاهر ڪڍندو آهي، ڪنهن ڪنهن وقت ته ائين محسوس ٿيندو آهي، جڻ تاڙيون وڄائي ڳائيندو:

’آئڍ موسم رنگيلڍ سوهانڍ تو ڇهٽي لڍ ڪڍ آ جا بالما.‘

ڪريم حديث ۽ تاريخ جو استاد آهي. ڇوڪرن کي موت جي پوءِ قبر جي عذاب ۽ قيامت جي سختيءَ جون ڳالهيون ٻڌائي، نماز پڙهڻ جي تاڪيد ڪندو آهي. الله سائين جي قهار هئڻ جون حديثون بيان ڪري، ٻارن جي دل ۾ مذهب جو احترام پيدا ڪندو

آهي. تاريخ ۾ پنهنجي ساءِ هو اورنگزيب، چنگيز ۽ هٽلر کي ساڳي قطار ۾ بيهاريندو آهي. پر ڪلاس ۾ هو اورنگزيب جي تعريف، ۽ چنگيز لاءِ ٻارن جي دل ۾ نفرت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ان لاءِ ڪيس ماهوار سرڪاري پگهار ملندي آهي.

ڪريم، مظفر ۽ پڳوانداس پاڻ ۾ گهاٽا يار آهن. ڪريم ڪنوارو آهي ۽ پڳوانداس جي زال هندستان ۾ آهي. مائٽن سان ملڻ دهليءَ ويئي هئي. اتي غير ملڪي جاسوس سمجهي گرفتار ڪيو اٿائونس. مظفر کي پنهنجي زال آهي. گرومندر وٽ هڪ ڪوارٽر ۾ رهندا آهن.

اڄ آچر رات آهي. خبر اٿن تہ صبح جو ڪين موڳن چورن سان مٿو مارڻو ناهي. اڄ رات جو هو دير تائين ولائتي گتي جي ڪنڌ ۾ وينا رهندا. شراب جي ڍڪ سان گوشت جون تريل ٻوٽيون ۽ ڪباب چٻاڙيندا رهندا. پڳوانداس ويشنو آهي، تنهن ڪري شراب سان گڏ سيڪيل پٽاٽا ڪائيندو رهندو. پوءِ جڏهن رات جو پهريون پهر وهامي ويندو، تڏهن هو ٽڙنڊڙ ٻرانگهن سان لڏندا لمندا، جهومندا، بار مان نڪري رستي تي اچي بيهندا ۽ ٽيڪسيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳندا. انتظار ڪندي ڪندي هميشہ وانگر ڳائيندا:

مالڪ تون درد ڪٽيندين ڪين ڇڏيندين،
هر حال ۾ رانول رهبر ٿيندي.”

۽ پوءِ جڏهن ٽيڪسي ايندي، تڏهن هو پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن روانا ٿي ويندا.
پر مهيني جي پهرين آچر رات سلسلو اتي ختم نہ ٿيندو آهي.
گذريل آچر رات مهيني جي پهرين رات هئي. ان رات ائين نہ ٿيو هو. ان رات هو دستور موجب اڌ رات تائين گوشت جون بوٽيون چٻاڙيندا ۽ وسڪيءَ جا گلاس خالي ڪندا رهيا هئا. مهيني جي پهرين آچر رات هئي. ڪيسا گرم هئن، تنهن ڪري دل بہ گرم هئن.
ڪريم گوشت چٻاڙيندي چيو، “ڪي پيدائشي ماستر هوندا آهن، ۽ ڪن تي ماستري مڙهي ويندي آهي.”
۽ پوءِ ڪريم دل کولي ماستري ڌنڌي کي خوب گاريون ڏنيون. ڪباب وات ۾ وجهندي چيائين، “ماستري ڪرڻ کان بهتر آهي تہ ماڻهو ڪباب وڪڻي.”
ڀڳوانداس سندس ڳالهہ اڌ ۾ ڪپيندي چيو، “اسڪول ماستر کان ٽيلر ماستر کي وڌيڪ عزت ملندي آهي.”
“شٽ اپ،” مظفر وچ ۾ ڳالهايو، “مان سياڻي کان سپر سئنيما جا پوسٽر ناهيندس ۽ آرٽسٽ سڏائيندس.”
“گڊلڪ گنجا،” ڪريم سندس پٺي ٺپيندي چيو.
“اڙي آهستي، متان پٺيءَ جو ڪندو پچين وجهين.”

“پرواهہ ناهي. پڳل ڪنڊي بدران مڇيءَ جو ڪنڊو استعمال ڪجانءِ.”
“ڪهڙيءَ مڇيءَ جو ڪنڊو.” مظفر پڇيو، “پلو يا پاپليٽ؟”
“پاپليٽ.”
“واهہ، انگريزي مڇي!”
“پاپليٽ انگريزي مڇي آهي؟” ڀڳوان داس پڇيو.
“ها.”
“۽ پلو؟”
“پلو بلڪي فول سنڌي هوندو آهي.”
“پلا مڇين جو ڪهڙو مذهب هوندو آهي؟” ڀڳوانداس پڇيو.
“مڇين جا مختلف مذهب هوندا آهن،” ڪريم ٻوٽي چٻاڙيندي وراڻيو.
“ڪيئن؟”
“جيڪا مڇي ليورپول وٽ پيدا ٿئي، تنهن جو عيسائي مذهب هوندو آهي.”
“ڪرسچن؟”
“ها،” ڪريم چوندو رهيو، “جيڪا مڇي روس جي ڪنارن تان ملي، سا مڇي ڪميونسٽ هوندي آهي.”
“واهہ!”
“جيڪا مڇي عربستان ۾ ٿئي، سا مڇي مسلمان هوندي آهي.”

“جيڪا مڇي هندستان ۾ ٿئي؟” مظفر پڇيو.
“جيڪا مڇي هندستان مان ملي، سا مڇي هندو هوندي آهي.”
“نه، نه،” ڀڳوانداس وچ ۾ چيو، “هندستاني مڇين جو ڪوبه مذهب نه هوندو آهي. اهي فقط مڇيون هونديون آهن.”
“تنهنجو مطلب آهي ته هندستاني مڇيون اٿئيسٽ يعني ملحد هونديون آهن؟”
“ها.”
“بيوقوف! ملحد مڇي حرام هوندي آهي.”
“مڇين جو اڪبر بادشاهه هجي ها، ته جيڪر دين الاهي ٺاهي ها.”
مظفر پڇيو، “ڀلا وڏي مڇي ننڍي مڇيءَ کي ڇو کائي ڇڏيندي آهي.”
“الاءِ.” ڪريم وراڻيو، “پر اها حرامپائي ماڻهن مڇين جي مٿي ۾ وڌي آهي.”
“چئبو ته انسان وڏو پلستر آهي.”
“ها. تڏهن ته پاڻ کي اشرف المخلوقات ٿو سڏائي.”
مظفر ڪجهه سوچيندي چيو، “مان هڪ اهڙي مڇيءَ جي تصوير ٺاهيندس، جنهن جو منهن ماڻهوءَ جهڙو ۽ بدن سوئر جهڙو هوندو.”
“ته پوءِ سرڪار توکي جيل ۾ وجهائيندي.”
“بيراءِ برف!”

“بيروشيشي جي پيالي ۾ برف ڪٽي آيو. برف ٽيبل تي رکي، ڪبابن ۽ پٽاٽن جو آرڊر وني هليو ويو.

ڪريم چيو، “اردوءَ ۾ بيرو ٻوڙي کي چوندا آهن.”

“۽ سنڌيءَ ۾ ٻيرو پڪي هوندو آهي.” ڀڳوانداس چيو.

“اري ڳيرو نه، بيرو.۾

“ڳيرو امن جو پکي آهي.”

“ٻيا پکي جنگ ڪندا آهن ڇا؟”

“الاءِ پر ڳيرو امن جو پکي آهي.”

“پر جهرڪي ڳيري کان وڌيڪ شريف آهي،” مظفر چيو.

“۽ سڀ کان وڌيڪ بدمعاش پکي آهي ڪانءُ.”

“ڪانءُ نه چٻرو.”

“چٻرو ڇا؟”

“الو.”

“الوءَ وٽ ٻه راڪيٽ هوندا آهن ڇا؟”

“الوءَ وٽ ٻه چمڪندڙ اکيون هونديون آهن،” ڪريم چيو، “۽ اسڪول جا ڇورا به الو آهن.”

“ڪيئن؟” ڀڳوانداس پڇيو.

“پڇيومان بيت الله ڪٿي آهي، چيائون: موهن جي دڙي ۾.” ٺهڪ ڏنو.

“پڇيومان تہ هندستان ۾ مغلن ايترا قلعا ۽ عمارتون ڇو اڏايون،
تہ نهہ پهہ وراڻيائون: سائين سيئي مغل ڏکڻ هئا.”
“چورا نوبل آهن.”
“چورن کي نوبل پرائيز ملڻ گهرجي.”
“ها، ڪاپين ۾ حسابن بدران فلمي گانا لکندا آهن،” پڳوانداس
چيو.
“۽ ڪتابن ۾ اگهاڙين عورتن جا فوٽا رکندا آهن.”
ان ڳالهہ تان ٽنهي کي کل آئي. کلي کلي کرسين تان ڪري پيا.
اٿيا. کرسين تي وينا مس، تہ ڪريم وري ڪري پيو. پڳوانداس
۽ مظفر پيٽ کي زور ڏيئي کلي کلي ساٿا تي پيا.
ڪريم چيو، “اڙي چپ ڪريو، کلي کلي چريا نہ ٿي پئون.”
“پل چريا ٿي پئون. سنڌي پير ڪري پوڄيندا.”
“تون ڪافر آهين ماستر.”
“مان ٽکي جو ماستر آهيان.”
“تڏهن تہ ماسترن فيملي پلاننگ جو بيڙو بوڙي ڇڏيو آهي.”
“بيشڪ وارن جي ڪسر ٽا پوري ڪن.”
“تہ پوءِ ملڪ جو مستقبل ڊارڪ آهي.”
“ڊارڪ، يعني ڪارو؟”
“ها.”
“آمريڪا جا نينگرو بہ ڪارا آهن،” مظفر چيو.

“آمريڪي اندر جا ڪارا آهن.”
“تون اشتراڪي آهين، تڏهن تو بڪواس ڪرين.”
“پنهنجي هئنڊسم پريزيڊنٽ کي ماري وڌائون.”
“راڪ هڊسن بہ گهٽ ناهوڪو ناهي. هن کي ئي ڪٽي صدر ڪن.”
“پر راڪ هڊسن مارلين براندو جهڙو زبردست ايڪٽر ناهي.”
“هون!” مظفر چيو، “شيدي ايڪٽر سڊني پائٽر دنيا جو سڀ کان وڏو ايڪٽر آهي.”
“بڪواس.”
“زبان سنڀالي ڳالهاءِ بيهوش.”
“مان هوش ۾ آهيان.”
“تون آئوٽ آهين.”
ڪريم ۽ مظفر ذري گهٽ وڙهڻ لاءِ تيار ٿي بيٺا. ڀڳوانداس وچ ۾ پئي، سندن ناهہ ڪرايو. چيائين، “توهان ٻئي آئوٽ آهيو. نسلي امتياز اسان جو مسئلو ناهي.”
“آهي.”
“ناهي، اڙي گنجا. اسان جو مسئلو مذهب آهي.”
“مذهب دوکو آهي.”
“دوزخ ۾ ويندين، بيوقوف. اسان کان ڏار ٿيڻ ٿو چاهين.”
“پرواهہ ناهي. سچل چيو هو، دوزخ دڙڪو، بهشت دلاسو، ڏاهہ ويا سڀ ڏهي ڏهي.”

“سچل جي ڳالهہ نہ ڪر،” ڪريم چيو، “سچل ڪميونسٽ هو.”
“گڏهہ بي عقل، ڇسا زبان سنڀالي ڳالهاءِ. سچل سنڌ جو سڀ کان وڏو شاعر هو.”
“شاهہ ڪان بهہ؟”
“ها.”
“سچل تي مارڪس جو اثر تہ ڏسجي. پاڻ ۾ سنگتي تہ نہ هئا؟”
“سچل مارڪس جي پيءُ جو دوست هو،” ڀڳوانداس چيو.
“تہ چئبو تہ مارڪس تي سچل جو اثر آهي!”
“ها، مارڪس جي مذهب خلاف ٿيئري سچل جي هڪ بيت کان متاثر ٿيل آهي.”
“ڪهڙو؟”
سچل چيو هو:
“مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا،
شيخن پيرن پنڊتن بيحد ڀلايا،
ڪي نمازون نوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا،
اوڏو ڪين آيا، عقل وارا عشق کي.”
“سچل اڄ جيئرو هجي ها تہ تہ ڪيس جيل ۾ وجهي، مٿس ڪيس هلائين ها.”

بيرو تريل گوشت، ڪبابن ۽ پٽاٽن جون پليٽون کڻي آيو.
پڳونداس سڪٽين نگاهن سان تريل گوشت جي پليٽ ڏسڻ لڳو.
ڪريم گوشت جي پليٽ ڏانهنس وڌائيندي چيو. ”کاءُ.“
”نه، مان ويشنو آهيان.“
”بدبخت واٽيا.“
”مئا مسلا،“ پڳونداس کيس ٺوڪ هڻين، ”تون سوئر جو گوشت کائيندين؟“
”مسلمان لاءِ سوئر جو گوشت حرام آهي.“
”مان ته جيڪر کائي وجان.“ مظفر چيو.
”او گاڏ!“
”ڪهڙو گاڏ؟ هندن جو يا مسلمانن جو،“ مظفر جي وات مان نڪري ويو.
تنهي هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو.
”پلا هيءَ ڌرتي هندن جي خدا پيدا ڪئي يا مسلمانن جي؟“ ڪريم پڇيو، ڪائنات، سمنڊ، چنڊ تارا ڪنهن پيدا ڪيا؟“
”مون،“ مظفر زور سان پنهنجي سيني تي هٿ هنيو.
”شٽ اپ، ڪافر،“ ڪريم رڙ ڪئي.
”مان ڪافر آهيان! ته ٻڌاءِ پلا هندوستان ڪنهن پيدا ڪيو؟“
”ڪهڙو هندوستان؟ هاٽوڪو يا اصلوڪو؟“
”اڙي پوڪ، اڳوٽو هندوستان، جنهن لاءِ اقبال چيو هو:

ساري جهان سي اڇها هندستان ٽمارا،
هندي هيڻ هم وطن ٽي سارا جهان ٽمارا.”
“اهو هندستان دنيا پيدا ٿيڻ کان اڳ ئي موجود هو.”
“تون ڪميونسٽ آهين.”
“نه. مان مولائي آهيان،” مظفر وراڻيو ۽ ٺهه ٺهه ڪري کلڻ لڳو.
“منهنجو دوست سشيل به مولائي هو،” ڪريم اداس ٿي ويو.
“ڪٿي آهي؟”
“هينئر بمبئي ۾ آهي. چوپاٽيءَ تي پڪوڙا وڪڻندو آهي.”
“۽ هتي؟”
“مونسان اسڪول ۾ پڙهندو هو،” ڪريم چيو، “ڪرڪيٽ جو زبردست رانديگر هو.”
پڳوانداس جي منهن مان نفرت بکڻ لڳي، “ورهاڱي کان پوءِ چور مور ٿي پيا آهن ۽ مور ڏور ٿي پيا آهن.”
“بس ڪر ته ڪو سي. آءِ. ڊيءَ وارو نه ٻڌي وٺي.” مظفر هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي چيو.
“تنهنجي دوست جي مرڻ کان پوءِ مان سندس ياد ۾ ڪرڪيٽ ٽرافي رکندس.” مظفر چيو.
ڪريم خاموش رهيو.
پڳوانداس چيو، “ڪهڙي ٽرافي؟ رانجي ٽرافيءَ جهڙي؟”
“ها هوبهو رانجي ٽرافيءَ جهڙي.”

“رنجيت سنگهہ رانجي مهاراجا هو ۽ تون ماستر آهين،” ڀڳوانداس کيس ٽوڪ هڻين.
“هاءِ ڙي بخت!”
“بخت بيوفا هوندو آهي.”
“عورت بہ بيوفا هوندي آهي.” مظفر چيو.
“غلط،” ڪريم چيو.
“خاموش،” ڀڳوانداس کيس روڪيو، “تون ڪنواريو آهين.”
“ها، تون بالغ آهين.”
“شادي هڪ سان ڪندين، سمهندين ٻيءَ سان.”
“۽ عشق وري ٽينءَ سان ڪندين.”
“شيڪسپيئر چيو هو، عورت تنهنجو ٻيو نالو بيوفائي آهي.”
“عورت فقط عشق ڪرڻ لاءِ آهي.” مظفر چيو.
“۽ سنڌ جا ڪي ماستر ڇورن سان عشق ڪندا آهن.”
“جيڪو عشق ڇوڪريءَ بدران ڇوري سان ڪيو وڃي، تنهن کي مجازي عشق چئبو آهي.” ڪريم مجازي عشق جي وضاحت ڪندي، پري وڃي نڪتو.
“عورت، عورت آهي.”
“عورت جو ٻيو نالو بيوفائي آهي.”
“عورت جو ٽيون نالو نانختائي آهي.”
“عورت پيڙو آهي.”

“عورت گجر آهي.”
“بڪواس بند،” ڪريم ٽيبل تي مڪ وهائي ڪڍي.
“هلو، هلو. اڌ رات ٿي وئي آهي. اڳتي ٻہ هلڻو آهي،” ڀڳوانداس کين ياد ڏياريو.
“ها، ها،” مظفر چيو، “نوڪر گلي.”
“جاپاني روڊ.”
“نيپيئر روڊ،” سيني نعرو هنيو، “نيپيئر روڊ- زنده باد.”
“بيرا بل لاؤ،” مظفر رڙ ڪري بيري کي سڏ ڪيو.
بل ڏيئي، هڪ ٻئي کي ڪنڌ ۾ ٻانهون وجهي، ٽيئي ڄڻا لڏندا لمندا، جهومندا، بار مان نڪري پريدي اسٽريٽ تي اچي بيٺا. ٽيڪسيءَ جو انتظار ڪندي ڳائڻ لڳا.
“مالڪ تون درد ڪٽيندين کين ڇڏيندين،
هر حال ۾ رانول رهبري ٿيندين.”
“ٽيڪسي!” ڪريم هڪ ٽيڪسي بيهاري.
ٽيڪسي چيڪاٽ ڪري سندسن آڏو اچي بيٺي. ٽيئي ڄڻا پوئين سيٽ تي وينا.
“نيپيئر روڊ ڪو چلو بابا،” مظفر چيو.
ٽيڪسي نيپئر روڊ ڏانهن ڊوڙڻ لڳي.
ڀڳوانداس چيو، “ڪوٽ جو ڪالر مٿي ڪيون.”
“ڇو؟”

“ڪو ڏسي نہ وٺي.”

“پل ڏسي وٺي. اسان اک ڪڍائي ڇڏينداسينس.”

“اسان استاد آهيون.”

“زبان سنڀالي ڳالهاءِ گنجا. استاد ڀڙوي کي چئبو آهي.”

“تون حرامي آهين.”

“اسان ٺڪي جا ماستر آهيون.”

ٽيئي ڪجھ دير خاموش رهيا. ٽيڪسي خالي رستن تان ڊوڙندي رهي. مظفر ٽيڪسيءَ جي ننڍڙي آئيني ۾ پنهنجو منهن ڏسي، گنجي ٽڪڻ تي هٿ گهمايو. چيائين، “وار هجنم ها تہ دليپ ڪمار جهڙو ڏسجان ها.”

“شٽ اپ” ڀڳوانداس مٿس ٺٺولي ڪندي چيو، “تون واهيات انب جي چوسيل ڪڪڙي آهين.”

ان ڳالھ تان مظفر کي ڏاڍا خار لڳا. چيائين، “اڄ تائين چار ڊزن ڇوڪريون مون سان عشق ڪري چڪيون آهن.”

“ويچاريون بدبخت. انڌيون هونديون يا ٻيو ڪو جانور نہ مليو هوندن.”

مظفر ڀڳوانداس کي سٿر تي هڪ مڪ وهائي ڪڍي.

ڪريم جهيڙو ٽارڻ لاءِ چيو، “برابر گنجا. تون دنيا جو عظيم عاشق آهين.”

“ءُ مان دليپ ڪمار بہ آهيان.”

“تون گنجو دليپ ڪمار آهين.”
“بڪواس بند ڪر، ڀڳوانداس،” مظفر مڪ اولاريندي ڀڳوانداس کي چيو، “هڪ نونشي سان هندوستان موڪلي ڇڏيندوماڻ، سمجهيئه.”
“اڄ نه. پاسپورٽ ڪڍائي وٺان، پوءِ نونشو هٽجانءِ.”
“هيءُ ڀڳوانداس بدبخت نشي ۾ آئوٽ آهي.”
“پوءِ تون ئي ڪٽي چئه، مان آهيان نہ دليپ ڪمار جهڙو.”
“ها،” ڪريم مظفر کي جواب ڏنو، “تون آهين تہ دليپ ڪمار جهڙو، پر تنهنجو آواز گلشن ڪدڙي جهڙو آهي.”
ان ڳالهہ تان ڪريم ۽ ڀڳوانداس کلي کلي کيرا ٿي پيا.
موٽر سٽ ڏيئي بيهي رهي. ٽنهي ٽيڪسيءَ مان ڳاٽ ڪڍي نيپئر روڊ تي هڪ نگاهہ وڌي ۽ پوءِ ٽيڪسيءَ واري کي ڀاڙو ڏيئي، ٽيڪسيءَ مان لهي، نوڪر گليءَ ڏانهن قري ويا.
گهٽيءَ جي رونق گهٽجي ويئي هئي. پيٽروميڪس بتين جا مينٽل ۽ ميونسپل جي بتين جا بلب جهڪا ٿي ويا هئا. ڪوٺين جي ميرانجهڙي روشني چڪن مان ليئا پائي رهي هئي. گراهڪ موٽي رهيا هئا.
ڪريم چيو، “نوڪر گلي انارڪلي آهي ۽ مان شهزادو سليم آهيان.”
“۽ اسان تنهنجا غلام آهيون،” مظفر وراڻيو.

“تنهنجي انصاف جو گهنڊ ڪٿي آهي، شهزادا؟”
ڪريم پڳونداس کي خوفناڪ گار ڏني. ڪيس مارڻ لاءِ الر ڪيائين ته سڌو وڃي اليڪٽرڪ پول سان لڳو. پول تي خار آيس. پول کي به گاريون ڏنائين.
“بداخلاق،” مظفر چيس، “عورتن جي موجودگيءَ ۾ بدڪلامي ٿو ڪرين، بي لغام.”
“ڪٿي آهن عورتون؟”
“هي به ته تنهنجون پينرون آهن.”
“زبان سنڀالي ڳالهائي، گنجا،” ڪريم مظفر ڏانهن اکيون ڦاڙي ڏنو، “هي سڀ رنڊيون آهن.”
“عورتون ناهن.”
“نه،” ڪريم وراڻيو، “دنيا جون سڀئي عورتون رنڊيون آهن.”
“ءِ ماڻهين؟” پڳونداس پڇيو.
“مان تنهنجو خون ڪندس واڻيا،” ڪريم رڙ ڪندي چيو، “خبر اٿئي مان پڪو مسلمان آهيان.”
“ٽري وڃ، ڪريم ڪنگلا،” مظفر وچ ۾ چيو، “دنيا جون سڀئي عورتون رنڊيون ناهن.”
“برابر منهنجا برادر. دنيا جون سڀئي عورتون رنڊيون ناهن.”
“دنيا جون عورتون بيوفا، دغاباز، چالاڪ، مڪار، ڪوڙيون ۽- ۽- گنجا ٻڌائي ٻيو ڇا؟”

“فريبي آهن.”

“برابر منهنجا برادر.”

“هاڻي هلو هڪ بيوفا عورت ڏانهن،” ڀڳوانداس اعلان ڪيو. ۽ پوءِ ٽيئي ڄڻا هڪ ٻئي کي ڪنڌ ۾ ٻانهون وجهي ڳائڻ لڳا،

“مالڪ تون درد ڪٽيندين ڪين ڇڏيندين،

هر حال ۾ رانول رهبري ٿيندين.”

چڪن سان لڳل جسمن ۾ چرپر ٿي، چوڙين جا جلترنگ جاڳي اٿيا. نگاهن جا ٻجهيل ٻاڻ هليا. خشڪ چپن تي مرڪ تري آئي ۽ ڪجهه اشارا ٿيا. ٽيئي دوست ٿي چڪون متي ڪري ٽن ڪوٺين ۾ لنگهي ويا. ٻاهر، هڪ پهلوان وڪٽوريا گاڏيءَ ۾ هڪ انگريزي خلاصيءَ کي سمجهائي رهيو هو، “دس، فسٽ نمبر.”

“انڊين؟” انگريز خلاصيءَ پڇيو.

“نو،” پهلوان وراڻيو، “انڊين نو گڊ.”

“گڊ.”

“نو نو،” پهلوان چندو رهيو، “پاڪستاني مال ويري گڊ.”

“شوئر؟”

“صاحب، نو گڊ، نو مني،” پهلوان انگريز خلاصيءَ کي گاڏيءَ مان لاهيندي چيو، “پاڪستان مال ويري گڊ، گڊ انجاءِ.”

“بڪواس!” مظفر ٽڙندو ٽاٻڙندو، ڪوٺيءَ مان نڪري پول وٽ اچي بيٺو. خلاصيءَ ۽ پهلوان ڏانهنس منهن ورائي ڏٺو.

مظفر انگريز خلاصيءَ کي مخاطب ٿيندي چيو، ”نو گڊ سر، آل فراڊ.“
پهلوان مظفر کي ڪالر کان وجي ورتو، ست ڏيندي چيائين، ”اوئڊ بس ڪر وڃ دليا دا پترا.“
مظفر ڪالر ڇڏائي گند جي ڍير وٽ وڃي بيٺو. انگريز ۽ پهلوان کيس گهوريندا، ڪاٺ جي هڪ سوڙهي ڏاڪڻ چڙهي ويا.
مظفر پڻ پڻ ڪرڻ لڳو. عورتن کي گاريون ڏيڻ لڳو، ”حرامزاديءَ پنج رپيا حرام ڪري ڇڏيا.“
ٿوري دير کان پوءِ پڳونداس چڪ هٽائي، بوٽ پيلو ڪري ٻاهر آيو، جڻ ته ڪنهن الوءَ پوندو ڏنو هوس. مظفر جي پاسي ۾ اچي بيٺو. چيائين، ”پنج رپيا تيل ٿي ويا.“
مظفر کيس جواب نه ڏنو. هو به خاموش رهيو. ڪجهه دير ڪانپوءِ ڪريم ٻاهر آيو. منهن تي مرڪ هيس. ٻنهي وٽ اچي چيائين، ”خوب انجاءِ ڪيم.“
”تون ڪنوارو آهين. ٻڪايل آهين. بڪواس نه ڪر.“ مظفر کهري آواز ۾ چيو.
ڪريم دل کولي ٺهڪ ڏنو ۽ پوءِ پڳونداس ۽ مظفر جي ڪنڌ ۾ ٻانهون وجهي ڳائڻ لڳو:
”مالڪ تون درد ڪٽيندين ڪين ڇڏيندين،
هر حال ۾ رانول رهبر ٿيندي.“

ٽيئي دوست لڏندا لمندا، نوڪر گليءَ مان نڪري نيپئر روڊ تي اچي بيٺا. سامهون هڪ ٽيڪسي بيٺي هئي. پٺاڻ ڊرائيور ٽيڪسيءَ جي دريءَ تي منهن رکي ڪونگهرا هڻي رهيو هو.
ڪريم ڊرائيور جي ڪن وٽ وات آڻيندي رڙ ڪئي، “چلينگا؟”
ڊرائيور ڇرڪ ڀري اٿي ويٺو. اکيون مهٽيندي هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين. هو ٽيئي در کولي ٽيڪسيءَ ۾ چڙهي ويٺا. ڊرائيور نسوار جي دٻلي کولي ۽ نسوار جي هڪ ڀرپور چپٽي هيٺئين چپ ۽ مهار جي وچ ۾ وجهندي پڇيائين، “خوچي ڪيڌر جائينگا؟”
ڪريم ڪيس ٻڌايو. ٽيڪسي خالي رستن تي ڊوڙڻ لڳي ۽ ڏينسو هال لنگهي گاڏي ڪاتي وٽ پهتي. ٻگواداس اتي لٿو. گاڏي ڪاتي کان ٽيڪسي سولجر بازار ڏانهن ڊوڙڻ لڳي.
مظفر ڀٽڪيو، “عورت دوکيبازي آهي.”
“ذليل آهي.”
مظفر چيو، “مان عورت جي اهڙي تصوير ٺاهيندس، جنهن ۾ سندس منهن دانگيءَ جي تري جهڙو ۽ وار ڪاريهر جهڙا هوندا.”
“۽ بدن ٻبر جي ٿاريءَ جهڙو،” ڪريم چيو.
ٻئي ڄڻا ٿوري دير خاموش ٿي ويا. سولجر بازار وٽ ڪريم لهي ويو.
مظفر اڪيلو رهجي ويو. ٽيڪسي ٽيوب لائيٽ ۾ جرڪندڙ خالي رستن تان گرومندر ڏانهن ڊوڙڻ لڳي. اهڙيءَ ئي تيزيءَ سان مظفر ذهن ۾ عورت جا ڀيانڪ روپ ٺهندا ۽ ڊهندا رهياو. سندس

تصور عورت جو سڀ کان خوفناڪ روپ تلاش ڪندو رهيو. آخر اهو ئي فيصلو ڪيائين، تہ هو عورت جي اهڙي تصوير ناهيندو، جنهن ۾ سندس منهن دانگيءَ جهڙو، وار ڪاريهر جهڙا ۽ بدن ٻٻر جي ٿاريءَ جهڙو هوندو. ان کان وڌيڪ، عورت جي ڀوائتي شڪل سندس ذهن ۾ جنم وٺي نہ سگهي.

سندس خيالن جو سلسلو ڊرائيور جي ڳالهائڻ سان ٽٽي پيو، ”خوچي ڪيڏر اترينگا؟“

”ها!“ مظفر ڇرڪ ڀريو، ”سامنڊ جهاز ڪڊ پاس.“

مظفر واچ تي نظر وڌي. رات جا ٽي ٿيا هئا. ڊرائيور ٽيڪسي وڻ وٽ آڻي بيهاري. هن ڊرائيور کي ڀاڙو ڏنو ۽ ٽيڪسيءَ مان لهي بيٺو. ٽيڪسي زوڪات ڪري اڳتي وڌي ويئي. مظفر چيو، ”عورت تون ٽيڪسي آهين. دانگيءَ جو ترو، ڪاريهر ۽ ٻٻر جي ٿاري.“

وڻ جي ڀويان سندس ڪوارٽر هو. ڪوارٽر جي بتي ٻري رهي هئي. بلب جا ڪرڻا دريءَ جي شيخن مان لنگهندا، فٽ پاٿ تي پئجي رهيا هئا. دريءَ وٽ سندس زال منتظر نگاهن سان سندس انتظار ڪري رهي هئي. چپ خشڪ ۽ اکين ۾ لڙڪن جي جهالر هيس. هن اٿي مڙس لاءِ در کوليو. هو اندر ايندي در جي چائنٺ سان وچڙيو. ٿابو کاڌائين. زالهنس کيس سهارو ڏنو ۽ آڻي کٽ تي

ليٽائي ڇڏيائينس. هن هڪ نگاهہ پنهنجي زال تي وڌي ۽ منهن ڦيرائي سمهي پيو.
هوءَ لڙڪ پي ويئي. پاسي کان اٿي ڪٺ جي پيرانديءَ کان اچي ويٺي ۽مڙس جي بوٽ جون کهيون کولڻ لڳي.

# سچ اپرڻ کان اڳ

مون کي ڏسي سدائين پچي ويندو هو. ان ڏينهن به مون تي نظر پيس ته وٺي پڳو. وک ته اڳ وانگر تکي وڌائي هئائين، پر تڏهن به وجي سوگهو ڪيومانس.
پڇيومانس، “ڪيئن، سڃاڻين ٿو؟”
چيائين، “نه.”
سندس منهن تڪيندي چيم، “واهه، مونکي نٿو سڃاڻين.”
“نه.”
“بالو پولو نه ٿيءُ.”
“يقين ڪر ته مان توکي سڃاڻان ئي نه.”
نفرت جي جذبي منهنجي آواز کي سخت ڪري ڇڏيو. چيم، “اڳ به مڪار هئين، اڄ به مڪار آهين.”
هن جواب نه ڏنو، فقط پنهنجين جادوگر نگاهن سان مون ڏانهن ڏسندو رهيو. اکين ۾ اهڙي ته مقناطيسي ڪشش هوندي اٿس، جو هڪ ئي نگاهه سان اڳين کي خاموش ڪري ڇڏيندو آهي، پر ان ڏينهن مان بيحد ڪاوڙ ۾ هوس. پڙڪيم، “تون دوکيباز ۽ فريبي آهين.”

آهستگيءَ سان وراڻيائين: “انڪري ته پنهنجي دوستي ختم ٿي ويئي.”

“ڏس، اڃي وئين نه راهه تي!” مٽس ننولي ڪندي چيم، “ڏاڍو پورڙو پي ٿئين، چي، ’مان توکي ته سڄاڻان ئي نٿو.’!”

“جيڪي هئين، تنهن کي سڃاڻيندو هوس،” نگاهن ۾ ساگر جهڙي گهرائي پيدا ڪندي چيائين، “۽ هينئر جيڪي ڪجهه آهين، تنهن کي ڪونه سڃاڻان.”

“ڏاڍو چالاڪ آهين،” سندس نگاهن کان پنهنجيون نظرون بچائيندي چيم، “ساڳيءَ معنيٰ جا ٻه مختلف مطلب ڪڍيا اٿئي.”

“مطلب ساڳيو آهي، پر تنهنجي سمجهه ۾ ڦيرو اچي ويو آهي.”

“واهه. ڪڏهن چوين سڃاڻان، ڪڏهن چوين نه سڃاڻان. سمجهه ته تنهنجي ڦري ويئي آهي.”

هڪدم جواب ڏنائين، “جڏهن رتن تلاءَ اسڪول جي پٺيان هڪ جهڳيءَ ۾ رهندو هئين، تڏهن مان تنهنجو دوست هوس.”

“۽ اڄ؟”

“اڄ تون اهو رهيو ئي ناهين، ته پوءِ اسان جي دوستي ڪيئن رهندي! چيائين، “مون ته توکي اڳ ئي ٻڌائي ڇڏيو هو، ته مان فقط انهن جو دوست آهيان، جن وٽ-”

“بند ڪر بڪواس.” ڪيس ڳچيءَ کان وجي ورتم، “سڄيءَ دنيا کي بيوقوف بڻايو اٿئي.”

هو خاموش رهيو.
مون ڳالهايو، "انهن منجهيل ڳالهين سان دنيا کي منجهايو اٿئي."
جواب ڏنائين، "جڏهن ظلم ۽ انڌير جا پڙدا انسان جي عقل تي پئجي ويندا آهن، تڏهن انسان انسانيت کي وساري ويهندو آهي، بلڪل تو وانگر."
"فريبي، انسانيت جو ڪوڙو ڍونگ رچايو اٿئي،" مون ڪيس پيت جي پاڇي ۾ ڌڪي ڇڏيو، "انهن ڳالهين سان دنيا کي ٺڳيو اٿئي."
بنا چرپر جي جواب ڏنائين، "منهنجين ڳالهين کان بيزار هئين، تڏهن ته تو وٽ اچڻ ڇڏي ڏنم."
"مون کي به تنهنجي دوستيءَ جي ضرورت ناهي،" سندس ڳچيءَ تي گرفت مضبوط ڪندي چيو.
"ته پوءِ روڪيو ڇو اٿئي؟"
"اهو ٻڌائڻ لاءِ ته، مون تنهنجي تلقين تڏي ڇڏي آهي."
"ڄاڻان ٿو."
"۽ وڌيڪ ٻڌ، اگر تنهنجي دوستيءَ ۾ مان گريجوئيٽ هوندي به بيروزگار هوندو هوس، بک مرندو هوس،" ڪيس ساڳي نوءَ ۾ ٻڌايم، "هينئر مون ڊگري سرٽيفڪيٽ کي بيڪار ڪاغذ وانگر ڦاڙي ڇڏيو آهي. اڄڪلهه اسان وٽ بک ڪونهي. سڪيا ۽ آسودا آهيون."
"ان ڪري ته تو وٽ اچڻ ڇڏي ڏنو اٿم."

“ائين چئہ تہ رڳو بکين ۽ بيروزگارن جي در تي ڏکا کائيندو آهين.”
منهنجو جملو کيس بڙڇي تي لڳو. اکيون چمڪڻ لڳس. چيائين، “جيئن سمجهين. پر چور سان پلئہ نہ اٽڪائيندس.”
پنهنجين تکين اکين سان منهنجو اندر ڦٽي وڌائين. سندس لفظ چيت وانگر دل ۾ چيڀڻ لڳم. مون کيس چڙي ڏنو. هو جيئن اوچتو ئي اوچتو پيدا ٿي پوندو هو، تيئن ئي گم بہ ٿي ويندو هو. ان ڏينهن بہ پاسي واري اونداهي گهٽيءَ ۾ غائب ٿي ويو.
مان حيران ٿي رهيو هوس، تہ کيس ڪيئن خبر پيئي تہ مان چور هوس! جنهن راز کان منهنجي ماءُ ۽ پيڻ بيخبر هيون، جنهن راز کان پاڙي وارا اڻجاڻ هئا، جنهن راز کان پوليس اڻواقف هئي، تنهن مخفي راز جي هن کي ڪيئن پروڙ پئجي ويئي! ان وقت محسوس ڪيم تہ دنيا ۾ فقط هو ئي منهنجي ڏوهہ کان واقف هو، يا مان خود هوس. مون کيس ختم ڪرڻ جو پڪو فيصلو ڪري ڇڏيو. اهڙي خطرناڪ شاهد جو زندهہ رهڻ منهنجي لاءِ موت برابر هو. هو منهنجين خوشين جو دشمن هو. سوچيم، مان کيس جيئرو نہ ڇڏيندس.
مون رومال ڪڍي هٿ تي ويڙهيو، ۽ پوءِ چاقو کولي، مٺ ۾ قابو ڪري، هٿ اوورڪوٽ جي اونهي کيسي ۾ وجهي ڇڏيم. رات جو پويون پهر هو. هو جنهن اونداهي گهٽيءَ ۾ گم ٿي ويو هو، مان

ان گهڙيءَ ۾ ڪاهي پيس. هو مون کان سڏ پنڌ تي وڃي رهيو هو. مون سندس پيڇو ڪيو. وڻن جي اوٽ ۾ ۽ پٿين جي پاڇن ۾ لڪندو ڇپندو، مان هن جي پنيان هلندو رهيس، فيصلو ڪيم، ته ڪيس سج اڀرڻ کان اڳ قتل ڪري ڇڏيندس.

چاقوءَ تي منهنجي گرفت مضبوط ٿيندي ويئي، ۽ مان ڪنهن اهڙي هنڌ لاءِ واجهائڻ لڳس، جتي هن جي آخري هڏڪي ويرانين ۾ دفن ٿي وڃي. هو بيخبر هلندو رهيو، ۽ مان پاڇي وانگر سندس پيڇو ڪندو رهيس. رڪي رڪي افسوس به پئي ٿيم، ته اجايو سندس موت منهنجي هٿان ٿي رهيو هو. افسوس ان ڪري پئي ٿيم، جو هڪ دفعي، مون کي خودڪشيءَ کان روڪي، زندگيءَ جو مفهوم سمجهايو هئائين. انهن ڏينهن ۾ مان بيحد مشڪلاتن ۾ مبتلا هوس. رلندو رهيو هوس. ڀٽڪندو رهيو هوس. نيٺ اها منحوس گهڙي به اچي پهتي، جڏهن بک ۽ بيروزگاريءَ اسان کان سڀ ڪجهه ڦري ورتو. ڏونگر جهڙا اهي ڏينهن مون کي سدائين ياد رهندا، ۽ اهو ڏينهن به هرگز وساري نه سگهندس، جڏهن ٻن ڏينهن جي بک اسان کي اڌ چريو ڪري ڇڏيو هو. مرڻ جا جيڪي به طريقا آهن، انهن سيني مان، سڀ کان پوائتو نمونو آهي بک ۾ پاهه تي مرڻ جو. مان بک جي عذاب ۾ سڀ ڪجهه وساري ويٺو هوس، سڀ ڪجهه.

جڏهن امان هيٺي آواز ۾ پڇيو هو، "ابا، هاٽي ڇا ٿيندو؟" تڏهن انتهائي مايوسيءَ ۽ بيزاريءَ وچان ڪيس چڙٻ ڏيندي چيو هوم، "ڇا وري ڇا- تون زرينه کي هار سينگار ڪري ويهار، مان گراهڪ ٺو وٺي اچان."

"بيغيرت، بيحيا،" امان مئل آواز ۾ رڙ ڪئي هئي.

"ها امان،" وراڻيو هوم، "جوان عورت ڏنڌو ڪرائي پيٽ پالي سگهي ٿي، مرد ڪيڏانهن وڃي! ٻڌائي مرد ڪيڏانهن وڃي؟"

زرينه ۽ امان، حيرت مان مون ڏانهن تڪي رهيون هيون. سڃڻ خالي ۽ پريشان ذهن لاءِ منهنجو جملو برداشت کان ٻاهر هو. زرينه ته پنهنجيون اڌ وساميل اکيون، منهنجين اکين مان ڪڍيون ئي نه ٿي، ڄاڻ ته نگاهن سان منهنجو روح ڇيهي ڇڏيندي. مون کي اڇي ٻانهن کان ورتو هئائين. مون کيس گهائل ڪندي چيو هو، "توکي وڃيا ٿيٽو پوندو زرينه، هن جڳ ۾ جيئرو رهڻ لاءِ توکي اهو قرض چڪائڻو پوندو. مون جهڙي بي غيرت پيءُ لاءِ تون اهو قرض صدين کان چڪائيندي رهي آهين."

"شرم نٿو اچيئي، بي غيرت،" امان دڙڪو ڏنو هو.

"بک جو پوت غيرت کي اگري ڇڏيندو آهي، امان."

"تنهنجو دماغ خراب ٿي ويو آهي."

"ٻڌو نه اٿئي امان،" مان روئي پيو هوس، ٻُک بڇڙو ٺول، دانا ديوانا ڪري."

امان جي ۽ منهنجين اکين مان لڙڪ وهي نڪتا هئا. الاءِ ڪٿان ايترو پاڻي اسان جي اکين ۾ اچي گڏ ٿيو هو. زرينه وائڙين اکين سان مون کي گهوري رهي هئي. اوچتو، ڪراهت وچان منهنجي منهن تي ٿڪ اڇلائي هئائين، ۽ پوءِ منهنجي سڄي قميص ليڙون ليڙون ڪري ڇڏي هئائين. منهنجي منهن تي رهندون هڻي، ٻئي مٺيون منهنجن وارن ۾ وجهي، اوچنگارن ۾ اچي چٽي هئي. هوءَ ساڳي زرينه هئي، منهنجي ننڍي ڀيڻ، جنهن کي ڪلهي تي ويهاري گهمائڻ ويندو هوس. جنهن کي پنهنجيءَ خرچيءَ مان بوڙينڊا وني ڏيندو هوس، ۽ جنهن جي هڪ هڪ لڙڪ تي پاڻ به بيچين ٿي اٿندو هوس. ان ڏينهن منهنجي ساڳيءَ زرينه جا هٿ منهنجن وارن ۾ هئا ۽ هوءَ سڏڪا ڀري رهي هئي، هنجون هاري رهي هئي. مون ڪيس پاڻ کان ڌار ڪيو، ۽ اسڪائوٽ جي ڏينهن وارو چاقو ڪڍي، ٻاهر نڪري ويو هوس.

مون کي اونداهه جي تلاش هئي. مون کي ويرانين جي ڳولا هئي، جتي سولائيءَ سان چاقوءَ جي تکي چهنب، ڦر سوڌي سيني ۾ لاهي سگهان ها. زرينه جا سڏڪا ۽ امان جون آهون منهنجو پيڇو ڪنديون آيون، پري پري تائين هڪ هنڌ مون کي اونده ۽ ويرانيءَ وارو مقام ملي ويو هو، ۽ مون چاقو کولي سيني تي رکيو هو. چاقوءَ کي دل ۾ لاهڻ تي هوس، جو هو به اچي اتان

نڪتو هو. منهنجي ويٺي جهليندي پڇيو هئائين، ”هن چاقوءَ جي باري ۾ ڪجهه ڄاڻين ٿو؟“
مون حيرت مان ڏانهنس نهاريو هو. جيتوڻيڪ اجنبي هو، پر تڏهن به لڳو پئي، ڄڻ منهنجو ڄاتل سڃاتل هو. ”ها“ وراڻيو هوم، ”تمام تکو آهي جلد موت آڻيندو.“
”پر جنهن ڪاريگر هيءُ چاقو ناهيو هو“ هن پنهنجي مقناطيسي نگاهن سان منهنجي اکين ۾ ڏسندي چيو، ”تنهن ڪايگر جي تصور ۾ موت نه، پر زندگي هئي.“
مان اچرج وچان هن جون ساگر جهڙيون گهريون ۽ پراسرار اکيون ڏسندو رهيس.
پڇيو هئائين، ”نوجوان آهين، محنت، مزوري چو نٿو ڪرين؟“
وراڻيو هوم، ”مان گريجوئيٽ آهيان.“
”تعليم کي پيٽ پالڻ جو ذريعو ٿو سمجهين؟ پيٽ ته ڪتا به پاليندا آهن.“ هن باوقار لهجي ۾ چيو هو، ”علم اٿئي روشني، ۽ هٿ جو پورهيو دنيا جو عظيم ڏنتو.“
سندس آواز وڏو ۽ چٽو هو، ۽ گهڻيءَ دير تائين منهنجي ذهن ۾ پڙاڏو ڪندو رهيو. مون کي ماٺ ۾ غلطان ڏسي چيو هئائين، ”اها زندگي ئي ڪهڙي، جنهن ۾ جدوجهد نه هجي. دوست جدوجهد زندگيءَ جي علامت آهي. حقيقت ۾ اڄ فقط اهي ئي انسان زنده آهن، جن ڪڏهن جدوجهد ڪئي هئي.“

مون وٽ سندس ڳالهين جو جواب نہ هو.
تڏهن چيو هئائين، “کهڙا نہ مضبوط ڏورا ۽ ڪشادو سينو اٿئي! انهن کان ڪم وٺ، منهنجا دوست.”
۽ پوءِ هو مون کي حيران ۽ پريشان ڇڏي هليو ويو هو.
ڪليل چاقو مٺ ۾ رهجي ويو هو. جيتوڻيڪ منهنجيءَ دل مان مرڻ جي خواهش هن جي ڳالهين سان ٽڙجي ويئي هئي، پر تنهن هوندي بہ بک جي باهہ اندر ۾ پڙڪندي رهي. هن جي آخري جملي جو پڙاڏو مون کي بيچين ڪندو رهيو تہ: ڪهڙا نہ مضبوط ڏورا ۽ ڪشادو سينو اٿئي، انهن کان ڪم وٺ، منهنجا دوست.
هيڏانهن هوڏانهن نهاري، هڪدم پئدل تي پير رکي، سائيڪل ڪاهيندو، تير وانگر اتان گم ٿي ويو هوس. ڪنهن بہ مون کي سائيڪل ڪٽندي نہ ڏٺو هو ۽ اِها منهنجي زندگيءَ جي پهرين چوري هئي. سائيڪل هڪ ڪباڙيءَ واري کي پنجاهہ رپين ۾ وڪڻي، هوٽل تان نان ڪباب، ڪورما ۽ برياني وٺي، جڏهن گهر جي در وٽ پهتو هوس، تڏهن هن کي در جي پرسان بيٺل ڏسي حيران ٿيو هوم. ڪجهہ دير اڳ، مون کي زندگيءَ جو سبق ڏيندي جيڪا جوت سندس اکين ۾ جلي اٿي هئي، اها اجهاميل هئي.
ڪيس ائين بيٺل ڏسي چيو هوم، “تنهنجي چوڻ موجب مضبوط ڏورن ۽ ڪشادي سيني کان ڪم ورتو اٿم.”

“مون کي خبر آهي، منهنجا دوست،” هن آهستي وراڻيو هو ۽ سندس اکين مان رنجش بکڻ لڳي هئي، ۽ پوءِ هوريان هوريان، کنڌ جهڪائي کيڏانهن هليو ويو هو.

مان هڪدم گهر اندر داخل ٿيو هوس. ڏيئي جو تيل ختم ٿيڻ تي هو. نان- ڪباب جا پڙا جڏهن ڪٽ تي رکيم، تڏهن امان ۽ زرينهه، وائڙن وانگر، ڪڏهن مون کي ۽ ڪڏهن پڙن کي ڏسڻ لڳيون. پڙا سٽيا هئا ۽ ڪبابن ۽ ڪورمي جي خوشبوءِ بک کي باهه لڳائي ڇڏي. پوءِ اڇتو امان هڪ قدم اڳتي وڌي آئي، ۽ هن پنهنجي ڪمزور هٿ سان منهنجي منهن تي چماٽ وهائي ڪڍي، “بيحيا پنهنجي پيٽ جو سودو ڪري، هيءُ حرام آندو اٿئي.”

“نه نهه” وراڻيو هوم، “مان نه مرڻ ويو هوس، پر رستي ۾ نوڪري ملي ويئي.”

“نوڪري!”

“ها، نوڪري.”

پوءِ اسان پڙن تي ڪري پيا هئاسين. ڪائيندي ڪائيندي، امان نوڪريءَ جي باري ۾ پڇيو هو، ۽ مون کيس ٻڌايو هو، “هڪ اخبار جو نمائندو ٿيو آهيان.”

“اخبار جو؟”

“ڪهڙيءَ اخبار جو نمائنيدو ٿيو آهين؟”

“بس، آهي هڪڙي اخبار” ڪيس چيو هوم، “تون ٻيو ڪو فڪر نہ ڪر، ۽ ماٺ ڪري ويهي ماني کاءُ.”

ان ڪانپوءِ مون ٻيون ڪيتريون سائڪلون چورايون، ۽ ڏسندي ئي ڏسندي مان شهر جي چوراپل سائيڪلن جو سڀ کان وڏو “ڊيلر” ٿي پيس. منهنجو ڪاروبار جيئن جيئن زور ٿيندو ويو. تيئن تيئن هو مون کان دور ٿيندو ويو. پر، ان سموري عرصي ۾، مون ڪڏهن بہ نہ سوچيو هو، تہ مون کان سواءِ ڪو ٻيو بہ منهنجي ڌوهہ کان واقف هو، ۽ مون تي نظر رکي رهيو هو. پوءِ هو جڏهن ائين چئي هليو ويو تہ، “چور سان پلئہ نہ اٽڪائيندس.” تڏهن مون ڪيس قتل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ سندس پيڇو ڪيم.

رات جو پويون پهر ختم ٿيڻ تي هو، ۽ منهنجي بيچيني وڌندي ٿي ويئي. مون ڪيس سج ايرڻ کان اڳ ختم ڪرڻ ٿي چاهيو. هو هلندو رهيو ۽ مان پاڇي وانگر سندس پيڇو ڪندو رهيو.

نيٺ هو هڪ غليظ گهٽيءَ ڏانهن قري ويو. مون موقعو غنيمت ڄاتو. چاقوءَ تي مٺ پڪوڙي ڇڏيم. هو هلندي هلندي هڪ ڪچي گهر ٻاهران بيهي رهيو. در کڙڪايائين. مان وڻ جي اوٽ ۾ ٿي بيٺس. سوچيم، جڏهن موٽندو، تڏهن پنيءَ ۾ چاقو هڻندومانس. مان اوٽ مان ڏانهنس ڏسندو رهيس. پڪ هيم تہ ڪنهن مفلس جي گهر ٻاهران اچي بيٺو هوندو، جو جو هو فقط مصيبت زده انسانن جي در تي ويندو آهي. ڪجهہ دير کان پوءِ در کليو، ۽ هڪ

نوجوان ٻاهر آيو. نوجوان کي ڪپڙا سادا، پر اڇا اجرا اوڊيل هئا. حيرت فقط اهو ڏسي ٿيم، جو نوجوان جي هٿ ۾ لڪڻ هو. در بند ڪرڻ لاءِ هڪ پوڙهي عورت آئي، ۽ نوجوان کي چيائين، "پٽ، پاءُ لاءِ ڪتاب ۽ هڪ ميز- بتي آڻجانءِ."

"ها امان،" نوجوان شائستي آواز ۾ جواب ڏنو.

مون کي سندس آواز ٻڌي حيرت ٿي، ڇو جو نوجوان جو آواز هن جهڙو هو، ۽ خود اعتماديءَ سان ڀريل هو.

سوچيم، اڄ ڪمبخت وڏي آسامي هٿ ڪئي آهي.

هو نوجوان سميت واپس موٽڻ لڳو. مان مٿس حملي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي بيٺس. ٻئي ڄڻا جڏهن منهنجي ويجهو پهتا، تڏهن، جو چتائي ڏٺم، ته نوجوان انڌو هو. هو انڌي نوجوان سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي رهيو هو. الاءِ ڇو، ڪيس بروقت قتل ڪرڻ جو ارادو لاهي، ٻنهي جي پٺ ورتم.

رات جو پويون پهر ٻه گذري ويو، ۽ اوپر ڪان روشنيءَ جا ترورا اڀرندا آيا ۽ اوندهه گهٽ ٿيندي ويئي. هو ٻئي فرنيچر جي هڪ دڪان ٻاهران اچي بيٺا. نوجوان ڪن ترسي، دڪان ۾ هليو ويو. هو در وٽان نوجوان کي دڪان ۾ داخل ٿيندو ڏسي رهيو هو ۽ سندس پيشانيءَ مان ڄڻ نور جا ترورا نڪري رهيا هئا. سوچيم، هيءُ ضرور ڪو جادوگر آهي.

مان پيت جي اوٽ ۾ لڪل هوس. منهنجي پاسي مان لنگهندي چيائين، "جيڪو چاقو ڪيسي ۾ پيو اٿئي، سو لوهار خوان خرابي لاءِ نہ ناهيو هو."
مان سچ پچ تہ ڪنبي ويس.
منهنجي سامهون اچي بيٺو. چيائين، "هو نوجوان اٺو آهي، پر تڏهن بہ ڪرسيون واڻي، پنهنجو، پنهنجي ماءُ جو ۽ پنهنجي پياءُ جو عزت سان پيٽ پاليندو آهي."
مان خاموش، لاجواب بيٺو رهيس.
چائين، "محنت ۽ هٿ جو پورهيو، دنيا جو عظيم ڏنٺو اٿئي."
جڏهن ڪو جواب نہ آئڙيو، تڏهن بيشرمائيءَ سان وراڻيم، "مان بہ محنت ڪندو آهيان."
"اهو ڏنٺو ئي ذليل آهي، جنهن ۾ خوف، ڊپ ۽ حراس پلئہ پوي،" هن جون ساگر جهڙيون نيريون نگاهون منهنجي اندر ۾ لهي ويون.
چوندو رهيو، "هن نوجوان کي اڪيون ڪينهن، پر اندر ۾ روشني اٿس. عزت سان ڪمائي ٿو، ۽ فخر سان زندگي بسر ڪري ٿو."
منهنجو ڪنڌ جهڪي ويو. جهڪيل نگاهن سان دڪان ڏانهن ڏٺم، جتي اٺو نوجوان بيد سان ڪرسيون واڻي رهيو هو.

سندس آواز تي، منهنجو ڌيان ڏانهنس ڇڪجي ويو. چيائين، “مان هن نوجوان جو ۽ دنيا جي هر محنتي انسان جو دوست آهيان،” ۽ پوءِ هو اوچتو ئي اوچتو منهنجين نگاهن کان اوجهل ٿي ويو.

ان ڏينهن کان پوءِ، مون خوف ۽ حراس، ڏوهه ۽ ڏهڪاءَ جي زندگيءَ کان منهن موڙي ڇڏيو، ۽ شهر ۾ سائيڪلن جي هڪ مشهور ڪارخاني ۾ ‘فٽر’ تي روزگار ڪمائڻ لڳس.

هڪڙي ڏينهن، جڏهن گريس سان ٿڦيل ڪپڙن ۽ ٿڪ سان چور جسم سان ڪارخاني مان ڪم ڪري ٻاهر نڪتس، تڏهن هن کي پنهنجي پرسان بيٺل ڏٺم. منهن مان نور پئي بکيس. بيحد خش پئي نظر آيو.

چيائين، “اڄ مان بيحد خوش آهيان.”

ڪانئس پڇيم، “پر تون ڪير آهين؟ ڪٿان ايندو آهين ۽ ڪيڏانهن گم ٿي ويندو آهين.”

هن ٻانهن ڊگهيري منهنجي هانءَ تي هٿ رکيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي، اکين کان اوجهل ٿي ويو. مون سندس وجود کي محسوس ڪري ورتو، ۽ محسوس ڪندو رهيو آهيان.

# بارنيس اسٽريٽ جو غنڊو

سعيد منزل جي سامهون، بندر روڊ جي ٻئي پاسي، اي. وي ريسٽورنٽ جي اولهينءَ دريءَ وٽ ٻہ شخص ويٺا هئا.
جنهن ڪي بوسڪيءَ جي قميص، ڪلف لڳل سلوار ۽ زريءَ جو سليپر پير ۾ هو، تنهن ڪراڪولي ٽوپي ٽنڊ تي رکندي، سامهون ويٺل شخص کي چيو، "مان هن مردود کي جيئرو نہ ڇڏيندس، گهانچي."
"اڙي تون پروا نا ڪر، سائين گولام حسين." گهانچيءَ کي نيرن ۽ ڳاڙهن پٽن واري گنجي، خاڪي پتلون ۽ پيرن ۾ پراڻو لانگ بوٽ هو. سندس وار گهنډيدار هئا. رنگ سانورو هوس. جسم جو جيتوڻيڪ طاقتور نہ هو، پر منهن پڪو هوس. گهانچيءَ، پاڪستاني فلم جي ڪنهن بدمعاش وانگر سگريٽ واڇ ۾ وجهي، هڪ اک چنجهي ڪندي چيو، "جانو مڪراني هن هيرو جي ٻچي کي ڪلاس ڪري ڇڏيندو."
"پر ڪڏهن ايندو تنهنجو جانو مڪراني."
"هير ايندو. بس هير ايندو."

“هيءُ سوئر جو پٽ هتان هليو نہ وڃي،” غلام حسين هوٽل کان ٻاهر ڏسندي چيو، “اهڙي ڪم ۾ اسان دير نہ وڃهندا آهيون. اسان جي هڪ اشاري تي هن جهڙن حرامين جا ڪنڌ لاهڻ وارا جوان سنڌ ۾ جام آهن.”

“هيءَ ڪراچي آهي، گولام حسين.” گهانچيءَ چيو، “هتي تونجا ڏاڙيل ماڙيل نا هلدا.”

“اهو ئي تہ افسوس آهي، گهانچي. جيڪڏهن سنڌ هجي ها، تہ هن سوئر جي ڦر ڪي منٽن ۾ مارايان ها.”

“اڦسوس نا ڪر. جانو مڪراني ڪي ڊسندين تہ ولا ڪش ٿي ويندين.”

غلام حسين ڏند ڪرٽي خاموش ٿي ويو. هن اکيون ڪرڙيون ڪري، هوٽل کان ٻاهر، سعيد منزل ڏانهن نهاريو.

بندر روڊ جي ٻئي پاسي، سعيد منزل جي ڪنڊ وٽ، هڪ قداور نوجوان ٻئي ٻانهون لوهي ريلنگ تي رکي اسٽار بڪ اسٽال تي رکيل ڪتاب ۽ رسالا ڏسي رهيو هو. سندس ڏاڙهيءَ جا وار وڌيل، ۽ اکيون ڪارن دائرن ۾ ورتل هئس. ڪيس اڇي قميص، اڇي زين جي پتلون ۽ پيرن ۾ ٻاٽا جو چمپل هو. اٽيا وار نرڙ تي پيا هئس. هن ڪتابن ۽ رسالن تان نظرون هٽائي، بس اسٽاپ ڏانهن ڏٺو.

اين. جي. وي هاءِ اسڪول ٻاهران، سعيد منزل جي بس اسٽاپ تي 17 نمبر بس مان ٻہ ڇوڪريون هيٺ لٿيون. ٻنهي ڪي منهن تي

ڳوڙهو ميڪ اپ، سوسيءَ جون سوڙهيون سلوارون، ڳچ لڳل بنا ٻانهن وارا اسڪرٽ ۽ پيرن ۾ پينسل هيل وارا چنھبائي سينڊل هئا. مفلر جيترا رواڻ ٻبر ۾ ٻڌل جناتي اِڳڙين وانگر ٻنهي جي ڪنڌ ۾ ڦڙڪي رهيا هئا.

ٻئي ڇوڪريون جڏهن بس اسٽاپ وٽ بوٽ پالش ڪندڙ ڇناٽن وٽان لنگهيون، تڏهن انهن مان هڪ چٽي، گراهڪ جي بوٽ کي ٽڪ سان چمڪائيندي چيو، ”خوچي بابو ساب، تمارا بوٽ ڪو آم اِس ڇوڪري لوڪ ڪدِ مون ڪا مافڪ چمڪائينگا.“

گراهڪ خوش ٿي، ٻہ ڳنديريون وات ۾ وجهي، وات بند ڪري ڇڏيو.

ٻنهي ڇوڪرين ڪاوڙ مان ڇناڻ ڏانهن ڏٺو، پر ٻنهي ڪاوڙ برقرار رکي نہ سگهيون ۽ ٺهہ ٺهہ ڪري کلي پيون. هڪ ٻئي نوجوان جي ڪن ۾ سڙٻاٽ ڪنديون، ڪنجنديون، هڪ ٻئي کي ٺيلها هٽنديون، اسٽار بڪ اسٽال وٽ اچي بيٺيون. ٻنهي مان هڪڙيءَ چٽيءَ هڪ فلمي رسالو کٽي ورتو ۽ ٻئي چٽيون رسالي جا پنا اٿلائڻ لڳيون.

اسٽال جو مالڪ سنهڙو ۽ ٻندرو هو ۽ ٻئي پير اسٽول تي چاڙهي وينو هو ۽ ٻيڙيءَ جو سوٽو هٽي رهيو هو. ڇوڪرين کي ڏسي هو نهي وينو. پائجامي جا گوڏن تائين ڪنجيل پاچا چڪي هيٺ ڪيائين. پن جي ٻيڙير اچلائي، ٽري ڪيسل جي پاڪيٽ مان

ڪي. ٽو جو سگريٽ ڪڍي، دڪائي، وڏو سوٽو هنيائين. دونهين مان هن ٻنهي ڇوڪرين ڏانهن نهاريو.
ٻنهي ڇوڪرين مان هڪڙيءَ ڇوڪريءَ جو نڪ طوطي جي چهنب جهڙو هو. هن بيقرار ٿيندي، آهستي دانهن ڪئي، ”او. آ. اي ڪتيجا، وئيد مڙادِ ڪي تہ ڏس، ڪيترو هينڊسم آئي.“
”هن سوٽر ۾ ڏاڍو ڪاشو پيو لڳي،“ خديجہ پنهنجي نڪ ۾ آڱر ڦيرائي، ڏکي نهن سان پڳڙي جيڏو گينگو ڪڍي، هڪ تصوير تي چنبڙائيندي چيو، ”مو ٿلو، شنتوش ڪومار.“
ٻنهي ڇوڪرين بيهر سرباٽ ڪيا، ۽ ڇيلهہ چبي ڪري ڪلڻ لڳيون. ٻئي ڄڻيون رسالي جا صفحا اٿلائينديون رهيون.
”هي جيبا آئي ني، ڪرو ڪتيجا؟“
”اي لئي، جيبائي تہ آئي ند.“
”ند اشڪرٽ تي گج ٻوت سارو لڳي تو.“
ٻنهي ڇوڪرين غور سان زيبا جا ڪپڙا جاچي ڏٺا. پوءِ جڏهن سڄو رسالو ڏسي ورتائون، تڏهن منهن ڦيرائي اسٽال جي سنهڙي مالڪ ڏانهن ڏٺائون، جنهن جو نالو افلاطون هو. افلاطون سگريٽ جي ٽوٽي کي چپٽيءَ ۾ جهلي، آخري سوٽا هڻي رهيو هو. نڪ جي ناسن مان دونهون ڪڍندي، هو پيسا وٺڻ لاءِ تيار ٿي وينو. سگريٽ جي ٽوٽي کي پير سان لتاڙي ڇڏيائين.

چوڪرين رسالو بند ڪري ٻين رسالن سان اڇلايو، ۽ ٻيهر سرٻات ڪري ڪلڻ لڳيون. ڪلندي ڪلندي، ڪرنديون جهرنديون، هڪ ٻئي کي ڌڪا ڏينديون، بارنيس اسٽريٽ ڏانهن هليون ويون.

افلاطون هڪ ڊگهو ۽ اونهو ساهه کڻندي چيو، “خبردار تيءُ مارئي، تنهنجي لوئي لهڻ تي آهي.”

قداور نوجوان جنهن جو نالو قاسم هو، ۽ جيڪو ٻئي ٻانهون لوهي ريلنگ تي رکي بيٺو هو، تنهن منهن ڦيرائي، پٺي ريلنگ سان ٽيڪائيندي افلاطون کان پڇيو، “چاهي افلاطون.”

“اڄهو هينئر، اڄهو هينئر، ڪوهياري ۽ ٺئسٽ-”

“اڄ شايد تنهنجي اسٽال تان هڪ به اخبار نه وڪامي آهي، تڏهن پيو وقلين.”

“اخبار تہ چاڻ هڪڙي ڏينهن مان پاڻ وڪامجي ويندس،” افلاطون وراڻيو. “جڏهن سائيڪلن جا پنچر ڳنڍيندو هوس، تڏهن پنهنجي دل پنچر نہ ٿيندي هئي، پر جڏهن کان اخبارون ۽ رسالا وڪڻڻ شروع ڪيا اٿم، تڏهن کان روزانو بہ ٽي دفعا دل جي سائيڪل پنچر ٿي پوندي آهي.”

“پنهنجي اسٽال تي فلمي اخبارون ۽ رسالا رکڻ ڇڏي ڏي. خالص ادبي رسالا وڪڻڻ شروع ڪر.”

“مون کي بک مرڻو ناهي، پيارا.”

“تہ پوءِ دل جي شڪايت نہ ڪر.”

“پر قاسم، مان وڪامڻ چاهيان ٿو. چاهيان ٿو، ڪو مون کي خريد ڪري.”

“توکي ڪير خريد ڪندو!”

“ڇو؟ مان اهڙو ويل آهيان.”

“اِها ڳالهه ناهي افلاطون،” قاسم بڪ اسٽال ڏانهن وڌي آيو.

افلاطون ڪانئس پڇيو، “ته پوءِ ڪهڙي ڳالهه آهي.”

“توکي خريد ڪرڻ بدران بهتر آهي ته سرڪاري باغيچي مان هڪ سيپهڙ خريد ڪجي.”

افلاطون ٻئي هٿ پنهنجن وڏن ڪنن تي رکي ڇڏيا. چيائين، “يارن سان چرچا ٿو ڪرين قاسم.”

“تنهنجا ڪن وڏا آهن ۽ يوناني افلاطون جو نڪ وڏو هو.”

افلاطون کلڻ لڳو. چيائين، “اڄ ڏاڍو رومانٽڪ ٿو لڳين. تنهنجي رومانس جو ڪهڙو حال آهي؟”

“نوڪري خطري ۾ پئجي ويئي آهي.”

“ڪيئن؟”

“اڄ صبح جو سيٺ صاحب پنهنجي آفيس ۾ گهرائي چيو، تون بلدي سيلز مين آهين ۽ توکي لڪپتي گراهڪن جي ڇوڪرين کي گهورڻ جي اجازت ناهي.”

“تو ڇا چيس؟”

“چيومانس، سيٺ، توهان جا گراهڪ مون منجهان خوش آهن.”

“پوءِ؟”
“پوءِ سيٺ صاحب چيو، تون اسان جو بزنس خراب ٿو ڪرين.”
قاسم پنهنجي سيٺ جي آواز ۾ نقل ڪندي چيو، “ادب سان ٻڌايومانس، تہ مان سپني سيلز مينن ڪان وڏيڪ ڪپڙو وڪڻندو آهيان.”
“سيٺ خوش ٿيو؟”
“نہ. سيٺ چيو، روهڙيءَ جي لڪپتي زميندار رئيس غلام حسين کي توکان سخت شڪايت آهي.”
“غلام حسين! ڪهڙو غلام حسين؟” افلاطون پڇيو.
“زينب جو پاءُ.”
“اوهہ، اوهان جو سالو صاحب.”
قاسم جواب نہ ڏنو. موٽي وڃي ريلنگ وٽ بيٺو. سندس چهري تي مايوسيءَ جا پاڇا تري آيا. ٻئي ٻانهون ريلنگ تي رکي، پاڻ کي تنل تاريءَ وانگر لوهہ تي چڏي ڏنائين.
افلاطون اسٽول تان اٿي، قاسم جي پرسان وڃي بيٺو. ڪيس پٺيءَ تي هٿ رکيائين، “چاهي قاسم؟”
قاسم منهن ورائي، اداس اکين سان افلاطون ڏانهن ڏٺو.
“توکي نوڪريءَ مان ڪڍي تہ نہ ڇڏيو اٿائون؟”
“نہ. پر پانيان ٿو جلد ڪڍي ڇڏيندا.”
“اهڙا آثار آهن ڇا؟”

“ها.” قاسم لوهي ريلنگ کي پٺي ڏيندي چيو، “سيٺ صاحب چيو، مسٽر چال سڌار، اسان کي بزنيس خراب ڪرڻو ناهي. ٻيهر تنهنجي شڪايت اچڻ نہ گهرجي.”

“پرواهہ نہ ڪر، قاسم،” افلاطون قاسم جي پٺي ٿپيندي چيو، “تون عشق جاري رک.”

“۽ نوڪري جاري نہ رکان؟”

“نوڪري بہ جاري رک.”

“عشق ۽ نوڪري گڏ ڪرڻ جي اجازت ناهي.”

“تہ پوءِ عشق ڪر.”

“۽ نوڪري؟”

“نوڪري ڇوڪريءَ تان قربان ڪري ڇڏ.”

“۽ ماني؟”

“ماني مولا ڏيندءِ.”

“ويهين صديءَ جا افلاطون،” قاسم افلاطون کي ڪلهي تي ٿڦڪي ڏيندي چيو، “اڄوڪي زماني ۾ ماني مولا جي هٿ وس ناهي. بلڪ سيٺ صاحبن جي هٿ ۾ آهي.”

“پرواهہ نہ ڪر دوست،” افلاطون چيو، “پنهنجو اسٽار بوڪ اسٽال حاضر آهي. منهنجي سائيڪل تي چڙهي، جيڪڏهن سؤ سؤ اخبارون روزانو وڪڻين ايندين، تہ خوشيءَ سان چار پنج روپيا روز ڪمائي سگهندين.”

“تہ پوءِ عشق جاري رکان ۽ ڇوڪريءَ لاءِ نوڪري ڇڏي ڏيان؟”
“ها.”
“پر افلاطون، ڇوڪريءَ جو پاءُ دڙڪو بہ تہ ڏيئي ويو آهي.”
“دڙڪو!” افلاطون ڪان ڇرڪ نڪري ويو.
“ها. چوائي موڪليو اٿائين تہ جيڪڏهن اڪ ڪٽي بہ زينب ڏانهن نهاريندس، تہ اڦٽ مارائي وجهندو.”
افلاطون جا ڪن خوف ڪان ڪنبڻ لڳا. چيائين، “اڙي ڪمبخت، تڏهن بہ وري آيو آهين.”
“مون محبت ڪئي آهي، افلاطون، رسالا ڪونہ وکيا اٿم.”
“۽ هينئر عاشق عزازيل، جيڪڏهن تنهنجو سالو صاحب توکي هتي بينل ڏسي وٺي تہ؟”
“هن مون کي ڏٺو آهي.”
“ڏٺو آهي؟”
“ها.”
“ڪٿي آهي؟” افلاطون هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي پڇيو، “ڪٿي آهي راوڻ.”
قاسم اک جي اشاري سان چيو، “سامهون اي- ون ريسٽورنٽ ۾ ويٺو آهي.”
افلاطون ڏڪندي ڏڪندي اي- ون ريسٽورنٽ ڏانهن ڏٺو.
اي - ون ريسٽورنٽ مان ڪجهہ گراهڪ اٿي ويا هئا.

غلام حسين واچ ۾ وقت ڏسندي چيو، ”ڇهہ ٿيا آهن، گهانچي. ڪڏهن ايندو تنهنجو جانو مڪراني.“

”ايندو. هير ايندو.“

غلام حسين ڪجهہ دير خاموش رهڻ ڪانپوءِ پڇيو، ”جانو مڪراني ڪهڙي گريڊ جو دادا آهي.“

گهانچيءَ جي ڪنڌ جون رڳون سيٽجي ويون. فخر سان ڳاٽ اوچو ڪند وراڻيائين، ”ٽاپ گريڊ جو دادا آهي، جانو مڪراني. شيرو ۽ دادا جيڙا جوان جانو کان پناهہ گهرندا آهن. ڪانپوري مدماش بادشا کي ڄاڻين ٿو.“

”ڪهڙو بادشاهہ؟“

”اڙي يار، ڪانپوري مدماش آهي. هير سالو اسٽوڊنٽ ليڊر آئي.“

”بادشا کي وچ صدر ۾ جانون چاقو ماريو هو. بادشا جا انتڙا ولا قوت پاٽ تي اچي ڪريا.“

”يلا پهچ اٿس.“

”اڙي واهہ گولام حسين، وا،“ گهانچيءَ وراڻيو، ”پوچ وارو نا هجي تہ ولا جانو پنجا دفا ڦانسي ڪاوي ها.“

”ڇئبو ڏاڍيءَ رهائيءَ وارو آهي.“

”صبيدار، سپاهي ۽ وڏا آفيسر جانو جا يار آئن،“ گهانچيءَ فخر سان چيو ۽ ڪنڌ مٿي ڪري سگريٽ جا سوٽا هڻڻ لڳو.“

غلام حسين ٽيبل تي گلاس وڃائي، بيري کي ٻه ڪوپ چانهه جا آڻڻ لاءِ چيو، ۽ پوءِ جيستائين بيرو چانهه کڻي اچي، غلام حسين گلاس کي آڱرين ۾ ڦيرائڻ لڳو. گهانچي ڪرسيءَ جي ٽيڪ سان ڪنڌ لڳائي، سگريٽ جي دونهي جا دائرا ناهڻ لڳو. دائرا ناهيندي سندس نگاهه ڇت تي ٽنگيل آئيني تي وڃي پيئي. هن پنهنجا گهنڊيدار وار آڱرين سان سلجهائيندي، نرڙ ۾ گهنج وجهي، هڪ اونهو سوٽو هنيو ۽ ناسن مان دونهون ڪڍڻ لڳو.

”مان صبر ڪري نٿو سگهان، گهانچي،“ غلام حسين گلاس ٽيبل تي رکي، ڪاڏيءَ هينان هٿ ڏيئي، چپ چٻاڙڻ لڳو.

”تون صبور ڪر، گولام حسين، چاءِ پي صبور ڪر.“

بيرو چانهه جا ٻه ڪوپ کڻي آيو. ٻنهي پنهنجو پنهنجو ڪوپ کنيو ۽ سپ سپ ڪري چانهه پيئڻ لڳا.

چانهه پيئندي غلام حسين پنهنجي ساءِ چوندو رهيو، ”هن بدبخت ڪراچيءَ ۾ اچي مجبور ٿي پيا آهيون. سنڌ هجي ها ته جيڪر ايترا سانگ ئي نه رچائڻا پون ها. اک جي اشاري سان هن سوئر جو سر لاهرائي ڇڏيان ها.“

گهانچي خاموش رهيو ۽ چانهه پيئندو رهيو.

تڏهن اوچتو، چانهه جو خالي ڪوپ ٽيبل تي رکي، غلام حسين ڪرسي سوري اٿي بيٺو. چيائين، ”مان هن حراميءَ کي نه ڇڏيندس.“

گھانچي وائٽن وانگر غلام حسين ڏانھن ڏسڻ لڳو. غلام حسين تڪڙيون تڪڙيون پرانگھون ڪٽندو، ريسٽورنٽ مان نڪري ويو.
گھانچيءَ بہ ھن پوئٽان ڊوڙ پاتي. ڪائونٽر تي وينل نوڙھي، ٿلھي ايراني سيٺ رڙ ڪئي، “پيسا.”
گھانچيءَ ويندي ويندي وراڻيو، “اڙي بومبڙي ڪيون مارتا ٽڊ. پيسا دينگاني، دلا.”
ريسٽورنٽ مان نڪري، غلام حسين سعيد منزل ڏانھن ذري گھٽ ڊوڙ پاتي. ٽرام پٽي وٽ ھڪ ٽيڪسيءَ ھينان ايندي بچي ويو. ٽيڪسيءَ جا ڦيٿا چيڪاٽ ڪري، ڏامر تي رڙھندا، غلام حسين جي تنبوءَ جيڏيءَ سلوار کي ڇھندا بيھي رھيا.
ڏبري ٽيڪسي ڊرائيور دريءَ مان ڪنڌ ڪڍي، غلام حسين کي ماءُ تي اگھاڙي گار ڏني. غلام حسين گار ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري، بندر روڊ لنگھي ويو. سعيد منزل وٽ فٽ پاٿ تي چڙھي ھن منھن ورائي ٽيڪسي ڊرائيور ڏانھن ڏٺو. ٽيڪسي ڊرائيور دريءَ مان ٻانھن ٻاھر ڪڍي، غلام حسين کي پوندو ڏنو. غلام حسين پوندي کي ڪا خاص اھميت نہ ڏني.
قاسم جون ٻئي ٻانھون لوھي ريلنگ تي ھيون. ھو غلام حسين کي ڏسي پٿر وانگر پنھنجيءَ جاءِ تي جمي ويو. اکين چنيڻ چڏي ڏنس. نگاھون غلام حسين تي ڪپائي ڇڏيائين.

غلام حسين پر ڪري قاسم ڪي منهن تي چمات وهائي ڪڍي. هو پنهنجي جاءِ تان نہ چريو. غلام حسين بہ چمات وهائي ڪڍيس. هن اڪ نہ چنيي. غلام حسين باهہ تي ويو. جڪ ڪائيندي، اول قاسم تي چماٽن جو وسڪارو لائي ڏنائين ۽ پوءِ پيٽ ۾ بہ چار مڪون وهائي ڪڍيائينس.

قاسم پنهنجون ٻانهون ريلنگ تان لاهي ڇڏيون. هڪ اونهو ساهہ کڻي، ٻئي هٿ چيلهہ تي رکي، اکين ۾ گهنڊ وجهي غلام حسين ڏانهن ڏسڻ لڳو.

غلام حسين ڪاوڙ ۾ ڪنبڻ لڳو. چاڙهو نہ ڏسي، قاسم ڪي ڪاٻي ٽنگ جي نريءَ تي ڪپائي لت هنيائين. تڪليف ڪان قاسم جون اکيون بند ٿي ويون. ٻانهن جا ڏورا سيٽجي، ۽ چپ ۽ منيون پڪوڙجي ويس.

غلام حسين پنهنجا هٿ قاسم جي ڳچيءَ ڏانهن وڌايا. اوچتو گهانچيءَ غلام حسين ۽ قاسم جي وچ ۾ ٿي بيٺو. غلام حسين جا وڏندڙ هٿ بيهي رهيا.

"پري ٿي گهانچي."

"اڙي چريو نا ٿي، گولام حسين."

"مان هن حراميءَ کي اقٿ مارنيدس."

گهانچي غلام حسين کي ٻانهن ڪان چڪيندو، هجوم ڪان ٻاهر وٺي ويو. اي- ون ريسٽورنٽ ڏانهن ويندي گهانچيءَ چيو، "وڏا

ماڻهو ايڙو ڪم پاڻ ڪندا، تہ جانو مڪراني جيڙا بڪ مردا.” هو ٻئي بندر روڊ پار ڪري، موٽي وجي ريسٽورنٽ ۾ ويٺا.
سعيد منزل وٽ گڏ ٽيل هجوم ڇڙوڇڙ ٿي ويو. افلاطون ڏڪندو ڏڪندو قاسم وٽ آيو. ڪلهي وٽ ترسي، قاسم جيو پٽر جهڙو سخت چهرو ڏٺائين. قاسم جو سڄو بدن بيعزتيءَ جي احساس ۾ ڪنبي رهيو هو. چپ چنبڙيل ۽ منيون پڪوڙيل هئس.
“قاسم،” افلاطون ڄڻ پاتار مان وراڻيو.
“قاسم- قاسم تون،” افلاطون ڳالهائي نہ سگهيو. پوءِ ريلنگ ڪي پٺي ڏيئي، قاسم جي سامهون اچي بيٺو. چيائين، “قاسم تون، چپ ڪري ڇو بيٺو هئين؟”
“پجي وڃان ها؟”
“نهہ نهہ.”
“تہ پوءِ؟”
“تون بہ هڪ بہ نونشا وهائي ڪڍينس ها.”
“ڪنهن ڪي؟”
“واهہ پٽ عاشق!” افلاطون ٻئي هٿ چيلهہ تي رکندي چيو، “اڙي اٺ، تون باڪسر آهين، فلمي هيرو ناهين.”
قاسم جي چپن جي سختي ڍري ٿي ويئي. سندس واڇ جي هڪ ڪنڊ مان مرڪ ليئو پائي ورتو. هو خاموش رهيو.

“ڏس قاسم، مون کي پوز نہ هڻ. مان ڪئميرا مين نہ آهيان. مان تنهنجو يار افلاطون آهيان،” افلاطون قاسم جي اکين ۾ اکيون وجهندي چيو، “منهنجي ڳالهہ نہ ٽار. مون کي جواب ڏي.”

“ڇا جو جواب؟”

“تو غلام حسين کي نونشا ڇو نہ هينا.”

“قاسم جواب ڏيئي نہ سگهيو. خاموش رهيو. افلاطون ٻيهر ڪانئس پڇيو، مون کي جواب ڏي قاسم، تو هڪ ٽڪي جي زميندار کي نونشا ڇو نہ هنيا.”

تڏهن ڪيس ٽارڻ خاطر قاسم وراڻيو، “مون محبت ڪئي آهي افلاطون، تو وانگر رسالا نہ وڪيا اٿم.”

افلاطون ڪڪو وڪو ٿي ويو. ڪياڙي ڪنهندي وراڻيائين، “هڪڙي ڏينهن تون ڏسندين قاسم، مان توکي زبردست پرنٽر ۽ پبلشر ٿي ڏيکاريندس.”

“ان ڏينهن مان خودڪشي ڪندس.”

“ڇو؟”

“سهڙ بہ ڪڏهن پرنٽر ۽ پبلشر ٿيا آهن.”

افلاطون ٻئي هٿ پنهنجن ڪنن تي رکي ڇڏيا. سندس منهن لهي ويو. قاسم وٺان پري ٿي، پنهنجي اسٽال ڏانهن وڃڻ لڳو. قاسم کيس ٻانهن کان ڇڪي، پاڻ وٽ روڪي ورتو.

“ناراض آهين، افلاطون.”

“چڏ يار.”
“ڏس. ناراض ٿي وئين نه.”
“نه يار. تون عاشق آهين. پنهنجو يار ناهين.”
“پاڻ ٻئي هڪ ٻئي جا يار آهيون، افلاطون.”
افلاطون منهن مٿي ڪري قاسم ڏانهن ڏٺو، “سچ؟”
“ها سچ.”
“ته پوءِ تو سالي صاحب کي ٺونشا ڇو نه هنيا؟”
“ڪيئن هٽانس ها!” قاسم اونهو ساهه کڻي وراڻيو.
افلاطون سندس مطلب سمجهي نه سگهيو.
“هيئن هٽينس ها،” افلاطون قاسم کي پيٽ ۽ سيني تي ٻه چار ٺونشا هٽي ڪڍيا.
قاسم کلڻ لڳو.
“اڙي تون کلين ٿو!” افلاطون خارن مان چيو، “تڏهن باڪسر ڏوڙ جو ٿيو آهين.”
قاسم گنڀير لهجي ۾ وراڻيو، “مون ڪنهن سان واعدو ڪيو هو، افلاطون، ته ائين نه ڪندس.”
“وري فلمي ڊائلاگ.”
“سچ ٿو چوانءِ افلاطون.”
“ته اڄ اوهان جي ملاقات ٿي هئي؟”
“ها.”

“ڪيئن؟”

“ڪالهه زينب ڪپڙو ونڻ آئي هئي. ڪپڙو ڏسندي آهستي چيو هئائين، منهنجي ياءُ ڪي اسان جي پيار جي خبر پئجي ويئي آهي.”

“پيو چا چيائين؟”

قاسم وراڻيو، “چيائين، منهنجو ياءُ اسان ٻنهي کي اڦٽ ماري وجهندو.”

افلاطون فڪرمند نظر اچڻ لڳو. پڇيائين، “پوءِ تو چا چيس، قاسم.”

چيومانس، “مان تنهنجي ياءُ کي هن ڪپڙي وانگر چيري ڦاڙي ڇڏيندس.”

ان ڳالهه تي افلاطون ڏاڍو خوش ٿيو.

قاسم چيو، “تڏهن زينب التجا ڪئي، ائين نه ڪجانءِ، ائين ڪندين ته پوءِ منهنجا مائٽ قيامت تائين منهنجو سڱ توکي نه ڏيندا.”

افلاطون جا چپ هڪٻئي کان ڌار ٿي ويا. اکين چنيڻ ڇڏي ڏنس. وات ڦاڙي، ٽڪ ٻڌي قاسم جي منهن ۾ ڏسندو رهيو. پوءِ پڇيائين، “ته تون سچ پچ زينب سان شادي ڪندين.؟”

“ها.”

“ته تنهنجو عشق فلمي نهه بلڪ سچو، يعني True Love آهي.”

“ها افلاطون. مان زينب سان شادي ڪندس.”

افلاطون کيس سمجهائيندي چيو، ”نانگ جي ٻر ۾ هٿ نہ وجھ قاسم.“
”اسان نانگن جا هار پاتا آهن، افلاطون،“ قاسم وراڻيو، ”اسان ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي آهيون.“
ڪجھ دير خيالن ۾ غلطان رهڻ ڪانپوءِ، افلاطون چيو، ”ڪالھ بلڊنگ جي چوڪيدار ٻڌايو پئي، تہ تنهنجو سالو صاحب سنڌ جو آفت زميندار آهي. وٽس اهڙا تہ خطرناڪ ڏاڙيل آهن، جو اک ڇنڀ ۾ ماڻهو مارينديءَ دير نہ ڪندا آهن.“
قاسم هلڪو ٽهڪ ڏنو.
”اڙي! تون ڪلين ٿو، گڏهہ.“
”ڀيو نہ تہ روئان!“
”چرچي چرچي ۾ سر نہ وڃائي ويهين.“
”افلاطون،“ قاسم سندس ڪلهي تي هٿ رکندي چيو، ”هيءُ ڪراچيءَ جو شهر آهي. هتي چور ڪي ڳنڍيچوڙ ۽ سير ڪي سوا سير ملندو رهندو آهي.“
”توکي ڏاڙيل کان ڊپ نٿو ٿئي، قاسم؟“ افلاطون جو وات حيرت مان کلي ويو.
”سنڌ جا ڏاڙيل جيڪڏهن ڪراچيءَ تائين ايندا، تہ ڪين ڪي ڪين ورندو. ڪلفٽن تي سمنڊ ۽ سرڪاري باغيچي جا پولڙا ڏسي موٽي ويندا.“

“تون هوش ۾ ناهين، قاسم” افلاطون اسٽال ڏانهن وڃڻ لڳو.
قاسم کيس ٻانهن کان جهلي، پنهنجي ويجهو آندو. آهستي ٻڌايائينس، “ڪورٽن جا در کليل آهن. مان زينب سان سول مئريج ڪندس.”
“پر تون تہ نوڪر آهين، معمولي سيلزمين آهين. زينب سان ڪيئن شادي ڪندين؟”
افلاطون چوڻ خاطر چئي ويو، پر جڏهن قاسم جي منهن تي نظر پيس، تڏهن سندس دل پرجي آئي. ڪجهہ دير اڳ جنهن شوخيءَ سان ڳالهائي رهيو هو، سا شوخي ڪانئس موڪلائي ويئي. دل جو درد منهن تي تري آيس.
افلاطون قاسم جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ڪٽيندي چيو، “قاسم، آئي ايم ساري، قاسم.”
“افلاطون.” قاسم ٿڌو، اونهو ساهہ کڻندي چيو، “اهو ڪو ڏوهہ تہ ڪونهي، جو مان هڪ معمولي سيلز مين آهيان، نوڪر آهيان. مان ايم. اي فائينل جو شاگرد بہ تہ آهيان. يونيورسٽيءَ جو مڊل ويٽ باڪسنگ چئمپين بہ تہ آهيان.”
افلاطون خاموش رهيو. کيس ڏسندو رهيو. قاسم جي وجود تي غم ۽ الم جا پاڇا پئجي ويا. هن پولار ۾ نهاريندي چيو، “مان هڪ نہ هڪ ڏينهن پڙهي پوندس. گريجوئيٽ ٿيندس. ايم. اي جي

ڊگري وٺندس. ان وچ ۾ پاڪستان جو مڊل ويٽ چئمپين بہ ٿي ويندس. منهنجو اهو ڏوهہ ڪونهي جو مان سيلز مين آهيان.”
افلاطون سهي نہ سگهيو. ڪنبندڙ آواز ۾ چيائين، “مون کي معاف ڪر، قاسم.”
قاسم چيو، “منهنجو سڀ کان وڏو ڏوهہ اهو آهي، جو مان غريب آهيان. پاڪستان جو چئمپين ٿيڻ کان پوءِ ۽ ايم. اي ڪرڻ کانپوءِ بہ غريب رهندس. مان مل جو مالڪ ٿي نہ سگهندس. ٻاهران مال گهرائڻ جي پرمٽ وٺي نہ سگهندس. مان غريب آهيان، افلاطون. مان غريب رهندس. غربت اسان جي بدنصيبي آهي.”
افلاطون دل ئي دل ۾ پڇتائڻ لڳو. ٻئي ٻانهون لوهي ريلنگ تي رکي، منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏيائين. قاسم افلاطون جي پرسان وڃي ويٺو. ڏانهنس پاسيرو ڏسندي چيائين، “تون بہ غريب آهين، افلاطون، ۽ هميشہ غريب رهندين. تون فٽ پاٿ تي رسالا ۽ اخبارون رکي، هڪ ڏينهن وڏو پرنٽر ۽ پبلشر ٿيڻ جا خواب ڏسندو رهندين. نہ افلاطون نهہ. اسان غريب آهيون. اسان جي زندگيءَ جا پير گوڏن تائين مفلسيءَ جي ڌٻڻ ۾ لهي ويا آهن.”
افلاطون اوچتو منهن ڦيرائي، قاسم ڏانهن ڏسڻ بناءِ پنهنجي اسٽول تي وڃي ويٺو. هڪ پير اسٽول تي رکي، ڪاڏي گوڏي تي رکي ڇڏيائين. ڪيسي مان پن جي ٻيڙي ڪڍي، دکائي، اونهو سوٽو هٽي، قاسم ڏانهن ڏٺائين. قاسم جي منهن ۾ گهنج هئا.

سندس اکين جي ٻاهرين ڪارڙ چڙهي ٿي ويئي هئي. هن پنهنجو سمورو بار لوهي ريلنگ تي ڇڏي ڏنو هو. افلاطون دونهون ڇڏيندي، اي- ون ريستورنٽ ڏانهن ڏٺو.

اي – ون ريستورنٽ ۾ گهانچي ۽ غلام حسين ساڳين ڪرسين تي وينا هئا. غلام حسين جي منهن جو نقشو بدليل هو. پرون ڳتيل، ۽ اکيون ڪرڙيون ٿي ويون هئس. گهانچي آنند سان سگريٽ مان دونهان ڪڍي رهيو هو. غلام حسين بوسڪيءَ جي قميص جو ڪف مٿي ڪري پنهنجي قيمتي واچ ۾ وقت ڏٺو. چيائين، "هن ساڍي پنجين جو وقت ڏنو هو. هينئر ساڍا ڇهه ٿيا آهن. ڪڏهين ايندو جانو مڪراني؟"

"بس هير ايندو."

"اها هير الاءِ ڪڏهن ختم ٿيندي،" غلام حسين چيو، "ڪٿي تنهنجو جانو مڪراني پڪڙجي تہ نہ پيو."

"واهه ڙي گولام حسين،" گهانچيءَ ٺهڪ ڏنو، "جانو باشا کي ڪير پڪڙيندو. جانو پوليس جو دوست آئي. ڪراچي جا ٽاپ وڪيل جانون جو ڪيس ڦڙي هلائيندا آئن."

غلام حسين خاموش رهيو. سامهون، پٽ وٽ وينل هڪ پارسي گراهڪ جي ڪوپ ساسر مان جلترنگ پيدا ٿيو. غلام حسين ان گراهڪ ڏانهن ڏٺو. گراهڪ هوٽل جي در ڏانهن حيرت مان ڏسي رهيو هو. غلام حسين منهن ڦيرائي هوٽل جي در ڏانهن ڏٺو.

در جي وچ ۾ هڪ راڪاس جيڏو ڪارو ڪوپو شخص ويٺو هو.
“آگيا استاد جانو باشا” گهانچيءَ وڏي واڪ چيو ۽ ڪرسي پري ڪري اٿي بيٺو. هوٽل جي گراهڪن منهن ورائي در ڏانهن ڏٺو. جانوءَ جا ٻئي هٿ چيلهه تي رکيا هئا. سندس پرانگهه ڪليل هئي ۽ بشرٽ جو ڪالر ڪڙو ڪيل هوس.
هوٽل جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ پوليس وارو هڪڙي قاتل پراڻن ڪيڙن واري شڪار جي ڪل لاهي رهيو هو. پوليس جي نگاهه جڏهن جانو مڪرانيءَ تي پيئي، تڏهن هو هڪدم اٿي ڪڙو ٿيو. جانوءَ سان هٿ ملائي، ڪانئس حال احوال وٺي، موٽي وڃي شڪار جي ڊونڊ تي ڪريو.
گهانچيءَ هوٽل جي در وٽ جانو مڪرانيءَ سان زوردار هٿ ملايو، ۽ پوءِ ٻئي ڄڻا هڪ ٻئي جي منهن ۾ ڏسي کلڻ لڳا.
جانوءَ هڪ اڏامندڙ نگاهه هوٽل ۾ ويٺل گراهڪن تي وڌي، ۽ پوءِ گهانچيءَ سان گڏ غلام حسين جي سامهون اچي ويٺو. غلام حسن هڪ نگاهه ۾ جانو مڪرانيءَ جو فولاد جهڙو جسم جاچي ورتو. سندس منهن تي مرڪ تري آئي.
جانو مڪرانيءَ جو قتل نڪ شرناءِ جهڙو، ٿلها چپ اٺ جي چپن جهڙا، چنجهيون اکيون چراغ جهڙيون، وار ڊيڀ جهڙا ۽ رنگ دانگيءَ جي تري جهڙو هو. لاڳيتو پان چٻاڙڻ سبب وات ڳاڙهو هوس.

“جانو باشا، هيءُ آئي سائين گولام حسين، سنڌ جو آفت وڏيرو،” گهانچيءَ ٻنهي جي سڃاڻپ ڪرائيندي چيو، “گولام حسين ۽ آءٌ اين جياءِ (N.J.V) اشڪول ۾ پڙندا هئاسي.”
“اڙي تون پڙيلو آئين، گهانچي، ڪانا ڪراب؟” جانو حيرت مان گهانچيءَ ڏانهن ڏٺو.
هانا. ماسٽر ڪانا ڪراب اشڪول ڪان راشتيڪيٽ نا ڪري تہ ولا آءٌ ماٽرڪ ڪران ها.”
جانوءَ پنهنجو دونهاٽيل فولاد جهڙو هٿ غلام حسين ڏانهن وڌايو. غلام حسين پنهنجو هٿ جانوءَ جي رڪ جهڙي هٿ ۾ ڇڏي ڏنو. جانوءَ پنهنجو چنبو بند ڪري ڇڏيو. غلام حسين جو هٿ جانوءَ جي مٺ ۾ گم ٿي ويو.
“۽ هي پنهنجو جانو باشا آئي، ڪراچي جو بليڪ ڪنگ. آڏو ڏجن ماڻن ڪي چاقوءَ سان بلڪل ڪلاس، شڪ شڪ ڪلاس ڪريو آئي.”
غلام حسين جي ٻانهن ڪي ٻہ چار لوڏا ڏيئي، جانوءَ پنهنجي مٺ کولي ڇڏي. غلام حسين هڪدم پنهنجو هٿ ڇڪي ورتو. جانو ڪرسي سوري ويهي رهيو. قميص جي کيسي مان ولائتي سگريٽ جو پاڪيٽ ڪڍي، هڪ سگريٽ پنهنجي واڱڻ جهڙن چپن ۾ جهلي ماچس ٻُولڻ لڳو. غلام حسين پنهنجي لائيٽر سان سندس سگريٽ دکايو. هن هڪ اونهو سوٽو هٽي، منهن مٿي

ڪري، دونهون پڪي جي هوا ۾ ڇڏي ڏنو. دونهون هوا ۾ ملي جلي ويو.

“ڇا پيئندين، جانو بادشاهه” غلام حسين ڪانئس پڇيو، “ٿڌو يا گرم؟”

جانوءَ جواب نه ڏنو. جواب ۾ گهانچيءَ ڏانهن ڏٺائين. ٻنهي جي منهن تي معنيٰ خيز مرڪ تري آئي. جانوءَ جون اکيون وڏيڪ ڇنڇهيون ٿي ويون. غلام حسين سندس مرڪ جي معنيٰ سمجهي ويو. جانوءَ جي هٿ کي ٿڦڪي ڏيندي چيائين، “تون خيال نه ڪر جانو بادشاهه. تنهنجي اها اڄ اسان سائي سائڻ سان لاهينداسين.”

“ڇا!” جانوءَ جو هيٺيون چپ اڄرج ۾ لٽڪي پيو.

غلام حسين چيو، “جانو بادشاهه سنڌ ۾ ڀنگ کي سائي سائڻ به سڏيندا آهن.”

“ولا!”

“ها.”

“ڪش رهه واڄا. تو پانجو دل ڪش ڪري ڇڏيو” جانوءَ غلام حسين جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ڪٺندي چيو، “او دلو ديوس ڪٿي آئي، ولا، هڪ ٽڪر ۾ حرامي کي ڪلاس ڪندوس.”

“سامهون بارنيس اسٽريٽ جي ڪنڊ وٽ بيٺو آهي، مردود” غلام حسين چيو، “ڪڏهن ڪڏهن ته ڪراچيءَ ايندا آهيون. گذريل ٻن

سالن ۾ جڏهن به آيا آهيون، هن مردود نڪ ۾ دم ڪيو آهي. اسان جي گهر هيٺان اچي بيهندو آهي.”

“دادا آئي؟”

“نهه. جمالدين ايندڊ سنز جي دڪان تي سيلز مين آهي. ڪپڙو وڪڻندو آهي.”

“دڪان ڪي آگ لڳايان؟”

“نہ نهه. دڪان جو مالڪ منهنجو دوست آهي.”

“ڪيڙو ڳال ٿو ڪرين واجا. مالڪ دوست اور نوڪر جو ايڊو مجال!”

“هن حراميءَ ڪي نوڪريءَ جي ضرورت ناهي. نوڪريءَ مان ڪڍائيندومانس، تڏهن به هٽ ايندو.”

“هون،” جانوءَ منهن ۾ گهنڊ وجهي پڇيو، “ديوس ڪي بلڪل ڪلاس ڪرانس؟”

“ها. بلڪل خلاص،” غلام حسين چيو، “پر خيال سان. جيئن منهنجو نالو وچ ۾ نہ اچي. عزت وارا آهيون.”

“هو هو ها.” جانوءَ جي نڙيءَ مان ٺهڪ ائين نڪتو، ڄڻ خراب لائوڊ اسپيڪر مان آوز نڪري رهيو هو، “اڙي تون ڦڪر نا ڪر.”

جانو اٿي بيٺو. غلام حسين چيو، “ترس. اول مان هوٽل کان هليو وڃان. مان توکي گهر جي بالڪونيءَ مان اشارو ڪندس، پوءِ تون هن سوئر ڪي چيري ڇڏجانءِ.”

غلام حسين گهانچيءَ ۽ جانو مڪرانيءَ کي هوٽل ٻاهران ويهاري، پاڻ سعيد منزل جي سامهون، بارنيس اسٽريٽ جي پرئين پاسي کان تڪڙو تڪڙو هليو ويو. ٻه ٽي بلڊنگون ڇڏي، ڊنشا بلڊنگ ۾ هليو ويو. ٻه ٻه ڏاڪا چڙهندو، فليٽ نمبر ٻارهين جي در وٽ وڃي بيٺو. ساهه چڙهي آيو هوس. ساهه قابو ڪري، زور سان در کڙڪايائين. سندس پڦيءَ در کوليو. هو اندر هليو ويو. وراندي ۾ ٻئي هٿ چيلهه تي رکي بيهي رهيو. هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ کانپوءِ، پڦيءَ کان پڇيائين، "ڪٿي آهي زينب؟"

"ابا هٽي نهيو. رات کان ويچاريءَ جي جان ڪائي ويو آهين."

"جان ڪائي ويو آهيانس!" غلام حسين رڙ ڪئي، "منهنجي نندڙي پيڻ نه هجي ها ته جيڪر اڦٽ ماري وجهانس ها."

"ٻار آهي. غلطي ڪري ويني آهي. ھاٽي ڇڏينس."

"ڇڏيانس! هر سال ڪپڙا، زيور ونڻ جو بهانو ڪري، بابا کي ٻنيلائي ڪراچيءَ ايندي آهي. چاجي لاءِ چاجي لاءِ؟"

"سياڻو ٿيءُ ابا. هوش ڪر."

"روهڙيءَ ۾ ته جهرڪ کان ٻه پڙدو ڪندي آهين. وڏي شهر ۾ اگهاڙيون عورتون ڏسي تنهنجي مت مارجي ويئي آهي."

"مٺا، غلام حسين، ابا نهيو."

"هڪ ٽڪي جي نوڪر جي ايڏي مجال جو اسان جي گهر ٻاهران اچي بيهي،" "غلام حسين ڪاوڙ منجهان ڪنبندي چيو، "روهڙيءَ

۾ ائين ٿئي ها! چئہ پڇي. جواب ڏي. روهڙيءَ ۾ جيڪڏهن ڪو اڪ ڪٺي بہ اسان جي حويليءَ ڏانهن ڏسي ها، تہ جيڪر اڪ ڪڍائي ڇڏيانس ها. ڪتي آهي، بيغيرت زينب.”

زينب ڪمري مان نڪري، ورانڊي ۾ اچي بيٺي. اڪيون روئڻ سبب ڳاڙهيون هئس. وار اٽيا ۽ منهن تي هيڊ هاريل هئس.

“لخ لعنت ٿئي ڇوري،” غلام حسين زينب کي منهن ۾ گهروڙي بجو ڏنو.

زينب ڪانئس بہ چار قدم پوئتي هٽي ويئي، “ادا.”

“خبردار جو پنهنجي بدزبان سان مون کي ادا چيو اٿئي،” غلام حسين قدم وڌائي زينب جي سامهون وڃي بيٺو. رڙ ڪندي چيائين، “پاڇي ڪان پڙدو ڪندڙ ڇوڪري، تو ايڏي همت ڪيئن ڪئي!”

غلام حسين زينب جي منهن تي چماٽ وهائي ڪڍي. هوءَ ٿڙندي، ٿابڙندي پٽ سان وڃي لڳي. پاڻ مس سنڀاليائين، جو غلام حسين ٻي چماٽ هٽي ڪڍيس. هوءَ ڦيري کائي در جي طاق سان وڃي لڳي. طاق جون مٽيون شيشو چور چور ٿي ويو.

پڦي وڏي اچي غلام حسين کي ٻانهن ۾ هٿ وڌو. غلام حسين سٽ ڏيئي ٻانهن ڇڏائي ورتي.

پڦيءَ کي سامهون ٿيندي چيائين، “پڦي، جيڪڏهن ڪنوارين ڇوڪرين کي خاندان جي عزت ۽ عظمت جو اشتهار سمجهو ٿا، تہ

پوءِ ڪوٺن جا ڪڙا چاڙهي ڇڏيو. حويليءَ جون پٽيون آسمان تائين ڪٽائي ڇڏيو، جيئن هي ڇوڪريون اسان جي ٽوپيءَ سان هٿ چراند نہ ڪري سگهن.“

”ادا،“ زينب پاڻ سنڀالي، لڙڪ اگهي، پريل آواز ۾ ڳالهايو، ”مون محبت ڪئي آهي. گناهہ نہ ڪيو اٿم.“

”زينب!“ غلام حسين هيبتناڪ رڙ ڪئي، جنهن ۾ پڪيءَ ۽ زينب سان گڏ پاڻ بہ ڪنبي ويو. اکين مان چڻ باهہ جا جنسي شعلا نڪرڻ لڳس. ٻنهي هٿن جون منيون پڪوڙي ڇڏيائين.

زينب چيو، ”هو غريب آهي تہ ڇا ٿيو، هڪ شريف انسان بہ تہ آهي.“

”خاموش، بدزبان ڇوڪري، خاموش،“ غلام حسين لاڳيتيون ٻہ چار چماٽون زينب کي وهائي ڪڍيون، ”اردو ناولن ۽ فلمن جا ڊائلاگ مون کي نہ ٻڌاءِ.“

پڪي غلام حسين جي سامهون آئي، پر هنڪيس ڌڪو ڏيئي پري ڪندي چيو، ”تون پري ٿيءُ، پڪي، اڄ مان هن ڇوريءَ کان پڇندس. هن جي ايڏي مجال ڪيئن ٿي.“

زينب جو هيٺيون چپ ڦاٽي پيو هو. سندس ڪاڏيءَ ۽ قميص جو اڳو رت ۾ آلو ٿي ويو هو. هن وهندڙ رت نہ اگهيو. جڏهن غلام حسين سندس اکين ۾ ڏٺو، تڏهن هن ٻانهن سان رت اگهي، نفرت وچان ڀاءُ ڏانهن نهاريو.

“ڳالهائي. خاموش چو آهين، چوري.”

زينب آلين اکين سان غلام حسين جي جلندڙ اکين ۾ گهوريندي چيو، “ياد اٿئي، مان جڏهن ننڍڙي هوندي هيس، تڏهن تون مون کي چنيون ۽ سوکڙيون ڏيئي جادل کاسائڻ ڏانهن موڪليندو هئين. پنهنجا کرتوت وساري ڇڏيا اٿئي. کهڙو غيرتمند ياءُ پنهنجي پيڻ کان ڌوتين جو کم وٺندو هوندو.”

“خاموش، بکواس بند کر.”

زينب کنبندي رهي، ۽ ڳالهائيندي رهي، “اوطاق ۾ ۽ باهر جيکي کجهه منهن کارو کندو رهيو آهين، تنهنجو چڻ کنهن کي خبر کونهي. اڄ وڏو غيرتمند ٿي پيو آهين.”

مان مرد آهيان. جيئن وڻندو، تيئن کندس.” غلام حسين زينب کي چوٽيءَ کان ڌونڌاڙيندي چيو، “پنهنجين اکين سان هلي هن حراميءَ جو رت ۾ رنگيل لاش ڏس.”

غلام حسين زينب کي چوٽيءَ کان ڇکيندو پهرين کمري جي بالکونيءَ تائين وٺي آيو. پڙدو کيرائي، زينب کي در جي وٽيءَ وٽ بيهاري سندس چوٽيءَ مان هٿ کڍڻ بنا، پاڻ بالکونيءَ ۾ نکري بيٺو.

جانو مکراني ۽ گهانچي اي- ون ريسٽورنٽ جي ٻاهران بيٺا هئا. غلام حسين هٿ لوڏي ٻنهي کي اشارو ڏنو. پوءِ پڙدو هٽائي، اوٽ

۾ بيٺل زينب کي چيائين، ”ڏسجانءِ. پنجن منٽن ۾ هن حراميءَ جو لاش بندر روڊ ۽ بارنيس اسٽريٽ جي چوڪ وٽ پيو هوندو.“
زينب جون اکيون وحشت ۾ پٿر جون پتليون ٿي ويون. هن در جي وٽيءَ مان راڪاس جيڏي جانو مڪرانيءَ ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ سعيد منزل وٽ بيٺل قاسم تي نظرون ڄمائي ڇڏيائين.
بالڪوني جي هيٺان، ڪجهه پرڀرو، سعيد منزل جي لوهي ريلنگ وٽ افلاطون ۽ قاسم بيٺا هئا. قاسم لوهي ريلنگ کي پٺي ڏيئي بيٺو هو ۽ سامهون افلاطون بيٺو هوس. افلاطون کيس سمجهائي رهيو هو، ”تون هليو وڃ. ڏس، جانو مڪراني توڏانهن اچي رهيو آهي. چاقو هڻندي دير نه ڪندو. خدا جي واسطي هليو وڃ.“
”هليو وڃان؟“
”ها.“
”ڪيڏانهن؟“
”جيڏانهن وڻيئي، تيڏانهن هليو وڃ، في الحال هتان هليو وڃ.“
”زينب کي ڇڏي ڀڄي وڃان؟“
”ها.“
قاسم افلاطون جي اکين ۾ نهاريندي چيو، ”مان ڪيئن زينب کي ڇڏي ڀڄي وڃان، افلاطون.“
”ڏس قاسم،“ افلاطون تڪڙو تڪڙو چوندو ويو، ”زينب توکي نه ملندي. تون پنهنجي جان بچائي هتان هليو وڃ.“

“منهنجي دل نہ ٽوڙ افلاطون.”
“پاڻ کي اجايا دلاسا نہ ڏي، زينب توکي نہ ملندي.”
“ڇو نہ ملندي؟ ان لاءِ تہ مان غريب آهيان. مسڪين آهيان. سيلز مين آهيان.”
“ڳالهين ڪرڻ جو وقت ناهي قاسم،” افلاطون بندر روڊ ڏانهن ڏسندي چيو، “ڏس، هو ٻئي ٽرام پٽو ٽپي آيا آهن. وقت ويو ڪونهي. تون ڀڄي وڃ قاسم.”
“انصاف انڌو ناهي. قانون جا ڪن ٻوڙا ناهن. قانون جي دائرن ۾ ڪوبہ مون کي زينب کان جدا ڪري نہ سگهندو.”
“انصاف اسان لاءِ انڌو، گونگو ۽ ٻوڙو آهي قاسم،” افلاطون تڪڙ ۾ چيو، “پر هيءُ بحث ڪرڻ جو وقت ناهي. تون خدا جي واسطي ڀڄي وڃ.”
قاسم افلاطون کي هٿ سان پنهنجي سامهون پري ڪري، منهن ورائي، ڊنشا بلڊنگ جي ان بالڪونيءَ ڏانهن ڏٺو، جتي غلام حسين بيٺو هو.
غلام حسين جو هڪ هٿ اجرڪ جي ڦڙدي پنيان لڪل هو، جنهن سان زينب کي چوٽيءَ کان جِڪي، در جي وٽيءَ وٽ بيهاريو هئائين.

زينب در جي وٽيءَ مان جانو مڪرانيءَ کي قاسم ڏانهن وڌندي ڏٺو. هڪ دردناڪ آھ زينب جي اندر مان ڦاٽ ڪائي نڪتي، ۽ سندس چپن کي ڦڙڪائيندي هلي ويئي.

جانو مڪرانيءَ قاسم کي ويجهو وجي، پاڻ کي هوا ۾ اڇل ڏني. اک ڇنڀ ۾ پنهنجو رڪ جهڙو مٿو قاسم جي منهن تي هڻڻ لاءِ قاسم تي بل ڏنائين. قاسم وڄ وانگر جانوءَ جي سنوت کان هٽي، سندس وار گسائي ڇڏيو. جانوءَ جي لوندڙي لوھ جي ريلنگ سان وڃي لڳي. هڪ آواز ٿيو، ڄڻ لوھ جو مارتول پيم سان وڃي لڳو. جانو ڦهڪو ڪري فٽ پاٽ تي ڪري پيو. اکين جا تارا پٿر وانگر هڪ هنڌ ڄمي ويس.

غلام حسين جو هٿ زينب جي چوٽيءَ مان ڇڏائجي ويو. هو ٻئي ٻانهون بالڪونيءَ جي ڪناري تي رکي خارن مان قاسم ڏانهن ڏسڻ لڳو.

قاسم لوهي ريلنگ کي ٽيڪ ڏيئي، اڱ وانگر ٿي بينو هو. سندس منهن جون مشڪون ڇڪيل هيون، ۽ نگاهون جانوءَ تي ڪتل.

جانوءَ ڪنڌ لوڏي پاڻ کي سامت ۾ آندو. هٿ جي ترِيءَ جو زور ڏيئي پاڻ کي فٽ پاٽ تان مٿي ڪيائين. اٿي بينو. اٿنديئي، ٻئي نونشا ناهي، قاسم تي اڇل ڏنائي. قاسم سندس وار گسائي، ڪيس منهن تي لاڳيتا ٻه چار نونشا وهائي ڪديا. لوندڙيءَ واري مڪ

ڪائي، راڪاس جيڏو جانو، بولاٽيون ڏيندو، پپر جي وڻ سان وڃي لڳو، ۽ ڏسنديئي ڏسندي اونڌي منهن پپر جي پاڙ ۾ وڃي پيو.
افلاطون پيهه ڪي پري ڪري، سيني ڪان اڳتي اچي بيٺو ۽ حيرت مان قاسم ڏانهن ڏسڻ لڳو.
اي- ون ريسٽورنٽ جا گراهڪ ڪرسيون ڇڏي، ڊوڙندا آيا ۽ پيهه ۾ شامل ٿي ويا. ريسٽورنٽ ۾ جنهن پوليس واري جانوءَ کي ڪيڪاريو هو، سو ماڻهن کي پري ڪري وڻ وٽ اچي بيٺو. وڻ وٽ جانوءَ کي اونڌي منهن ڪريل ڏسي ڪانئس ڇرڪ نڪري ويو.
جانوءَ وڏيءَ ڪوشش سان پاڻ کي سڌو ڪيو. ٻئي هٿ وڻ جي ٿڙ ۾ ڪپائي، پاڻ کي ڇڪي مٿي ڪيائين، ۽ پوءِ وڻ کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو. سندس ڪاٻي اک ۽ نڪ مان رت نيندبون ڪري وهي رهيو هو. هن ڦڪائيءَ مان ڪنڌ مٿي ڪري، ڊنشا بلڊنگ ڏانهن ڏٺو.
غلام حسين ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو هو. منيون پڪوڙجي ويون هئس. ڇپن ۾ پنهنجي ساءِ پڻ پڻ ڪيائين، "هن ياڙيءَ جي تعريف ۾ گهانچيءَ ڌرتي آسمان هڪ ڪري ڇڏيو هو. هن وائڙي پوڪ اڌ ڊزن خون ڪيا آهن! هاءِ ڙي ڪرم علي ڪوسا، هاءِ ڙي علڻ چانڊيا، هاءِ ڙي انب شيدي- ڪهاڙيءَ جي هڪ ڌڪ سان هن خسيس ڇوري جو ڪم لاهي ڇڏين ها. هاءِ ڙي سنڌ! ڪراچي ويئي سنڌين ڪان."

اوچتو غلام حسين پڻ پڻ بند ڪري ڇڏي. واچون ٽڙي پيس. پنهنجي ساءِ وات مان نڪتس، "شاباس. وارو ڪر جانو."

جانو وڻ جي ٽڙ ڪي ٽيڪ ڏيئي بيٺو هو. هٿ ۾ چلڪندڙ خنجر هوس.

ماڻهن جون اکيون دهشت کان ڦاٽنديون ويون. افلاطون جا گوڏا ڪنبڻ لڳا.

قاسم پنهنجي جاءِ تان نه چريو ۽ جانوءَ ڏانهن ڏسندو رهيو. جانوءَ ڏانهنس وک وڌائي. نفرت سبب سندس چهرو خوفناڪ ٿي ويو هو. هو وڌندو آيو ۽ پوءِ جڏهن قاسم کان وک ڪن پري رهجي ويو، تڏهن مٿانئس وار ڪيائين.

قاسم تير وانگر خنجر جي وار کان پاڻ ڪڍائي ويو. خنجر لوهي ريلنگ سان وڃي ٽڪريو جانوءَ هيبتناڪ ٺهڪ ڏنو.

قاسم ريلنگ وٽان پري ٿي ويو هو. جانو ريلنگ ڪي پٺي ڏيئي، خنجر اڳتي ڪري، قاسم ڏانهن وڌڻ لڳو. قاسم پوئتي هٽڻ لڳو. هٽندي هٽندي پپر جي ٽڙ سان وڃي لڳو. جانوءَ هڪدم مٿس وار ڪيو. قاسم ڪنڌ پري ڪري ڇڏيو ۽ خنجر جو اڌ ڦرو پپر جي ٽڙ ۾ لنگهي ويو.

قاسم سموري قوت سان جانوءَ جي منهن تي ڪابي هٿ جي مٺ سان ٺونشو هڻي ڪڍيو. جانوءَ جو هٿ وڻ ۾ ڪتل خنجر مان ڇڏائجي ويو. اجا پاڻ مس سنڀاليو هئائين، جو قاسم ساڄي هٿ

جي هڪ مڪ وهائي ڪڍيس. جانو اچل ڪائي ريلنگ سان وڃي لڳو. هوش گم ٿي ويس. هوا ۾ ٽاڦوڙا هڻڻ لڳو. قاسم وڏي اڇي پيٽ ۾ گوڏو هنيس. هو سور کان ٻٽو ٿي ويو. قاسم ٻنهي هٿن جون آڱريون هڪٻئي ۾ جڪڙي، سڄيءَ طاقت سان جانوءَ کي ڪاڏيءَ هينان ڏک وهائي ڪڍيو. ڏک ڪائي، جانو ڏور ٽٽل ڪمان وانگر چڪ ڪائي سڌو ٿي ويو. قاسم اول ڪاٻي ۽ پوءِ ساڄي ٺونشي سان جانوءَ جو نڪ ۽ چپ ڦاڙي ڇڏيا. جانوءَ جون اکيون بند ٿيڻ لڳيون. هن ٻئي هٿ ريلنگ ۾ ڪپائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هٿ لوهه جي نلڪن مان ڇڏائجي ويس ۽ هو ريلنگ مان گهرڪندو، بارنيس اسٽريٽ جي سڙڪ تي، گٽر وٽ وڃي ڪريو. خلق کي جڻ نانگ سنگهي ويو. ماڻهن جا پير فٽ پاٿ کي چنبڙي ويا.

غلام حسين جڪ ڪائيندي بالڪوني کي لتون هڻي ڪڍيون. زينب اکيون بند ڪري ڇڏيون، جڻ عذاب کان ڇوٽڪارو مليو هوس.

افلاطون فخر سان قاسم ڏانهن ڏسڻ لڳو. قميص جي ٻانهن سان پگهر اگهي، قاسم ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

ان وقت ساڳيو پوليس وارو، جيڪو ريسٽورنٽ ۾ وينو هو، اڳتي وڌي آيو، ۽ قاسم کي ٻانهن ۾ هٿ وجهندي چيائين، "تم غنڊا ٹہو."

قاسم حيرت مان پوليس واري ڏانهن ڏٺو ۽ ڪجهه نہ ڪڇيو.
سپاهيءَ سيٽي وات ۾ وجهي، سڄيءَ قوت سان وڄائي.
ٻہ سپاهي اين. جي. وي هاءِ اسڪول جي بس اسٽاپ وٽ ڳنڊيريءَ واري جي گاڏي مان ڳنڊيريون ڪٽي کائي رهيا هئا. سيٽيءَ جو آواز ڪن تي پين، تہ ڳنڊيرين سان ڪيسا پري، ڊوڙندا آيا ۽ پيهہ ۾ ڪاهي پيا.
هڪ سپاهي جنهن جو منهن سڪل ڇوهاري جهڙو هو، تنهن اچڻ شرط پڇيو، ”ڪيا ٿيو، امان؟“
”سالا غنڊا ٿئيو. اپنيو جانو بادشاهہ ڪو مارا ٿئيو (ماءُ تي گار، پيڻ، زال تي گار.)
”ليو چلو (ماءُ تي گار، پيڻ تي گار، زال تي گار) ساليو ڪو ٿهانيو پر.“
ڇوهاري جهڙو سپاهي قاسم ڪي موٽر رڪشا ۾ ويهاري ٿاڻي ڏانهن وٺي ويو.
ٻن سپاهين ۽ گهانچيءَ ڏاڍيءَ مشڪل ڪان پوءِ جانو مڪرانيءَ ڪي گٽر وٽان اٿاري، فٽ پاٿ تي آڻي ويهاريو. گهانچيءَ رومال ڪڍي جانوءَ جو ڦاٽل نڪ، چپ ۽ ڪاڇي اک اگهي. اکين تان رت جو تهہ پري ٿيس، تہ هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي پڇيائين، ”ڪيڊان ويو ڙي دلو؟“ آءٌ هن ڪي ڪلاس ڪندس.“
”ڀڄي ويو، جانو باشا،“ گهانچيءَ وراڻيو، ”توسان لڙڻ وارو آئي ڪو مائي جو لال.“

اِن جواب تي جانو مڪراني ڏاڍو خوش ٿيو. چيائين، “دلو، ديوس، بزدل.”

جانوءَ فٽ پاٿ تي ٽڪ اچلائي. سندس وات مان رت جي گرڙي اوڪاري وانگر نڪري آئي.

گهانچيءَ ڏڪندي ڏڪندي بالڪونيءَ ڏانهن ڏٺو. بالڪوني خالي هئي ۽ اجرڪ جو پڙدو هوا ۾ لڏي رهيو هو.

جڏهن ماڻهن جي پيهه چڙوچڙ ٿي ويئي ۽ هر ڪو سرگوشين ۾ ڳالهائيندو هليو ويو، تڏهن افلاطون پنهنجي اسٽول تي پير رکي ويهي رهيو. ٿري ڪيسل جي پاڪيٽ مان ڪي. ٿو جو سگريٽ ڪڍي، دڪائي ڊگهو سوٽو هنيائين. منهن گوڏي تي رکي ڇڏيائين. ڪجهه دير لاڳيتو بارنيس اسٽريٽ ڏانهن ڏسندو رهيو. ڏسندي ئي ڏسندي، افلاطون جون اکيون آليون ٿي ويون ۽ سندس نگاهن آڏو بارنيس اسٽريٽ جي ٽريفڪ، موٽر پارٽس جا دڪان ۽ اسپتالون ڪنهن ڪوهيڙي ۾ گم ٿيندا ويا.

## *پورو ٿيو*